
ڌرتيءَ جا گيت
نياز همايوني

# ڌرتيءَ جا گيت

## نياز همايوني

تخليق پبليڪيشن حيدرآباد سنڌ

1977ع

ڪمپوزنگ : شاهنواز سومرو

ڊجيٽل ايڊيشن:

2020ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

# انتساب

پنهنجي گهر ڌياڻي شيرين ۽ نياڻِي انجم جي نالي

نياز

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن سلسلي جو نئون ڪتاب ”ڌرتيءَ جا گيت“ اوهان اڳيان پيش آهي. هي ڪتاب نامياري شاعر نياز همايوني جي شاعريءَ جو مجموعو آهي.

هن ڪتاب ۾ قومي زندگيءَ جي ماضي، حال ۽ مستقبل جي صورتحال جي ترجماني ڪيل آهي. آزاديءَ کان اڳ ۽ ورهاڱي کان پوءِ ملڪ ۾ جيڪي ڪجهه تي گذريو ۽ سنڌ تي ان جو جيڪو اثر پوندو رهيو تنهن بابت شاعر جي سوچ ڪهڙا انداز اختيار ڪندي آئي اها سڄي حقيقت هتي واضح ٿئي ٿي.
هن مجموعي ۾ نياز جا گيت، لوڪ گيت، نظم، طويل نظم، غزل، دوها ۽ ڪي وايون شامل آهن. انهن سينني شين جي مطالعي کان پوءِ مجموعي طور نياز جي نرالي شاعري ۾ شاعريءَ سان گڏ موسيقي، مصوري ۽ تخيل جي وجدان جون خصوصيتون چٽيءَ ريت محسوس ٿين ٿيون تنهن کان سواءِ فڪر ۽ فن جون مڙئي خوبيون منجهس موجود آهن.

هن ڪتاب جو پهريون ڇاپو 1977ع ۾ تخليق پبليڪيشن پاران ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون صوبيديري سان تعلق رکندڙ سنڌي ٻوليءَ جي عاشق شاهنواز سومري صاحب جا جنهن ڪتاب نئين سر ڪمپوز ڪري سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ لاءِ موڪليو.

ساٿ سلامت سنڌ سلامت



**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# الا توهار

سر زمين سنده مسجود دل غمديده هے

ذره ذره مين لهو اسلاف کا جوشيده هے

اقبال

تخليق پبليڪيشن پاران هي پهريون ڪتاب شايع ڪجي ٿو جنهن ۾ قومي زندگي جي ماضي، حال ۽ مستقبل جي صورتحال جي ترجماني ڪيل آهي. آزاديءَ کان اڳ ۽ ورهاڱي کان پوءِ ملڪ ۾ جيڪي ڪجھ ٿي گذريو ۽ سنڌ تي ان جو جيڪو اثر پوندو رهيو تنهن بابت شاعر جي سوچ ڪهڙا انداز اختيار ڪندي آئي اها سچي حقيقت هتي واضح ٿئي ٿي.

جيستائين شاعر جي ذميداري جو سوال آهي ان جي نڀائڻ ۾ ڪا ڪسر باقي رهيل نٿي ڏسجي. هن باري ۾ قوم تي ڪهڙو فرض عائد ٿئي ٿو اهو ويچارڻ ان جو ئي ڪم آهي. تاريخ جي هر دور ۾ سنڌي شاعري پنهنجو بلند معيار قائم رکندي ۽ اهم ڪردار ادا ڪندي آئي آهي، هتان جو هر محب وطن شاعر انفرادي سوچ کي اجتماعي رنگ ڏئي قوم جي دونهاتيل ذهن ۾ روشنيءَ جا ڪرڻا اپائي ٿو. هو پنهنجي قول توڙي عمل وسيلي صداقت جو ثبوت مهيا ڪري اصول پرستيءَ جي انتها تائين پهچي ٿو. ان ڪري هن کي مثالي حيثيت سان ياد ڪيو ويندو آهي. هي ”ڌرتيءَ جا گيت“ جنهن حب الوطني ۽ انسان دوستي جي جذبي سان لکيا ويا آهن، وقت جي تقاضا موجب انهن کي ڪتابي صورت ۾ شايع ڪرائڻ جي جيڪا ضرورت محسوس ڪئي ٿي وئي ان کي ڌيان ۾ رکندي تخليق پبليڪيشن هيءَ مهم سر انجام ڏني آهي.

هن پبليڪيشن جي مالي مدد جو بار جنهن پلاري شخص پنهنجي سِر تي کنيو آهي (سندس هدايت مطابق) ان جو نالو ته في الحال ظاهر ڪري نٿو سگھجي ليڪن اڳتي هلي

اها نيڪي الم نشرح ٿي ويندي ته هن زماني ۾ سنڌ اندر ڪي اهڙا مانجهي مرد به موجود هيا جن پنهنجي خلوص ڀري خاموشي سان هن قسم جي قومي ڪارنامي ذريعي پنهنجو پاڻ ملهائي ادب نوازي ۽ انسان دوستيءَ جو ثبوت پيش ڪيو. خدا اهڙي پر خلوص هستيءَ کي سلامت رکي..... آمين.

ناظم تخليق پبليڪيشن

❊

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| -1 | گيت | 17 |
| -2 | لوڪ گيت | 30 |
| -3 | نظم | 64 |
| -4 | طويل نظم | 147 |
| -5 | غزل | 199 |
| -6 | دوها | 222 |
| -7 | وايون | 234 |

# انسان دوست، محب وطن ۽ شاعر

ارسطوجي زماني کان وٺي هن دور تائين شاعري توڙي شاعري جي تنقيد جا مسئلا نه صرف ادبي نقادن، شاعرن ۽ جماليات جي ماهرن بلڪ عام ماڻهن جي لاءِ به دلچسپيءَ جو موضوع ٿيندا آيا آهن. انهن مان هر شخص انساني زندگي جي هر مرحلي تي شاعري جي فطري ضرورت ۽ ان جي تهذيبي اهميت کي محسوس ۽ واضح ڪرڻ جي پوري ڪوشش پئي ڪئي آهي.

مشرقي ۽ مغربي عالمن جي راءِ مطابق شاعري جذبات جي لطيف موسيقي، احساسات جي حسين مصوري ۽ تخيل جي وجداني ڪيفيت آهي. هن جو دل ۽ دماغ ٻنهي تي اثر پوندو رهي ٿو. هي حواس جي تندن مان نغما اُڀاري روح کي سرشار بڻائي ٿي ڇڏي، هي جذبات کان علاوه شعور سان به رابطو رکي ٿي. هن جي طفيل زندگيءَ ۾ ڪيئي روشنيون پيدا ٿين ٿيون ۽ ماڻهن کي رهنمائي نصيب ٿئي ٿي. هي انسان کي جياپي جي ريت سيکاري ٿي. سندس ذهن ۾ زندگيءَ جو شعور اپاري ٿي ۽ ڪيس زندگي بسر ڪرڻ جو مڪمل احساس ڏياري ٿي.

ڪنهن حقيقت پسند ادبي نقاد جي انهيءَ مختصر تمهيد کان پوءِ آءٌ خود ان جي ئي لفظن ۾ نياز جي شاعري سندس پرخلوص شخصيت جي صحيح عڪاس ۽ پنهنجي ماحول جي سچي ترجمان آهي. ان ۾ اجتماعي زندگيءَ جو احساس ۽ اظهار ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ موجود آهي. هن جي شاعري شانائتي شاعري آهي جنهن ۾ زندگيءَ جو عرفان، انسان جي عظمت جو ايقان ۽ ان جي روشني ۽ مستقبل جو امڪان جهلڪي ٿو.

هن جي شاعري زندگيءَ جي ڏک درد ۽ رنگ رومان سان گڏ قوم ۽ وطن جي شاعري آهي، هي اڪثر قومي زندگي جي مسئلن کي پنهنجي شاعري جو موضوع بڻائي ان جي ماضي، حال ۽ مستقبل کي اهڙيءَ طرح بلنديءَ کان وٺي پستي تائين اجاگر ڪندو رهي ٿو جو سندس شاعري اسان جي زندگيءَ لاءِ صحيح عڪاسي جو رتبو رکي ٿي. انهيءَ عڪاسيءَ ۾ انفرادي، اجتماعي، ذهني ۽ جذباتي زندگيءَ جا سمورا نقش بلڪل پڌرا نظر اچي رهيا آهن.

محترم نياز سان منهنجي پهرين ملاقات سندس شاعري جي شروعاتي دور ۾ اوٽيهه سؤ پنجيتاليهه ڌاري ٿي هئي جڏهن پاڻ پندرهن يا سورهن ورهين جي ڄمار جو هيو. هاڻ ته هن يار جي عمر ذري گهٽ پنجاهي سالن تائين پهچڻ واري آهي. زندگيءَ جي انهي طويل عرصي ۾ هن شخص جيڪي ڏک سور ڏٺا تن جو سندس ذهن تي ڀرپور اثر پوندو رهيو. خاص ڪري هڪ غريب هاريءَ جي

خاندان ۾ جنم وٺڻ سبب دنيا جي هر ڪا مصيبت مٿس نازل ٿيندي رهي جا هن جي احساسات ۾ برابر هلچل پيدا ڪندي آئي. هن پنهنجي شاعري جي شروعات ۾ ئي غمِ جانان کي غم دوران سان ملائي انفرادي معاملا درگذر ڪري اجتماعي مسئلن کي پنهنجي شاعري جو موضوع بڻايو ۽ وقت جي تقاضا موجب تحريڪ آزادي سان پاڻ کي همڪنار ڪري ڇڏيائين. انهي طبعي ميلان مهابي کيس ملڪ جي عظيم مدبرن جي صحبت ۽ اصولي زندگيءَ جو قريبي مشاهدو ڪرڻو پيو جنهن هن کي آدرشي زندگي عطا ڪئي. منهنجي خيال ۾ نياز صاحب نهايت خوش نصيب آهي جو کيس ايڏن اتانهن انسانن جو قربتون حاصل ٿينديون رهيون جن جي اڪسيري نگاهه تامي کي به ڪندن بڻائي ڇڏي ٿي.

نياز جي شخصيت سراپا غم آهي ليڪن انهيءَ غم سندس ذهن ۾ ڪابه تاريڪي پيدا نه ڪئي، هي اٿاهه غمن جي باوجود زندگيءَ سان دلچسپي رکندو آيو. کيس ڪا خوشي ميسر نه ٿي تڏهن به پنهنجي مُرڪ ملهائيندو رهيو. سندس شخصيت جي اها خصوصيت کيس خود اعتمادي جي جذبي سان نوازيندي رهي جنهن ڪري پاڻ زندگيءَ جي هر قدم تي مايوس ٿيڻ بدران اميدن ڀريا اُمنگ اُڀاريندو رهيو.

اها ڳالهه بنا ڪنهن وڌاءَ جي چئي سگهجي ٿي ته نياز وسيع ظرف رکندڙ ۽ زنده دل انسان آهي، سندس خلوص واقعي مثالي حيثيت رکي ٿو. عام انسانن وانگي هن ۾ به ڪي خاميون ضرور آهن مگر جيتري قدر اصول جو تعلق آهي تنهن جي باري ۾ هن جي شخصيت ڪڏهن به داغدار ٿيڻ واري ناهي.

اڪثر ڏٺو ويو آهي ته ڪي ماڻهون شاعر کي سندس شخصيت کان پري رکي پرکيندا آهن جا ڳالهه حقيقت جي بلڪل برعڪس آهي. ڪوبه شاعر جيستائين شخصي طور ڪنهن به معاملي ۾ پاڻ کي ذميدار تصور ڪرڻ لاءِ تيار نٿو ٿئي تيستائين ان جي ڪنهن به فرض ادائي کي صداقت تي مبني چئي نٿو سگهجي.

شاعر کي شاعر ٿيڻ لاءِ وڏي محنت ۽ مشقت جي ضرورت رهي ٿي. پهريان هي پاڻ کي سمجهڻ ۽ سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪري ٿو، پوءِ پنهنجي روح کي پرکڻ لڳي ٿو. کيس مختلف آزمائش ۾ مبتلا ٿي پاڻ تي درد انگيز ڪيفيت طاري ڪري ذهن جي اونهائين مان پار ٿيڻ جا حيلا هلائڻا پون ٿا. جيڪڏهن سندس شخصيت آسائشن کان پاڪ ٿي شاعريءَ لاءِ آماده ٿئي ٿي ته هن جي اها شاعري انسان ذات ۽ قوم وطن لاءِ ڪارگر ٿئي ٿي ٻي حالت ۾ سندس شاعري محض شاعري هوندي منجهس مجاز جو ڪوبه دخل نه رهندو.

نياز همايوني بنيادي طور قوم پرست شاعر آهي. جيتوڻيڪ هي ترقي پسندي جي رنگ ۾ اشتراڪيت ڏانهن به رغبت رکندو اچي ٿو ان هوندي به سندس قوم پرستيءَ وارو جذبو ڪڏهن فنا ٿي

نه سگهيو آهي. سندس شاعريءَ ۾ جديد ۽ قديم فن ۽ فڪر جا عنصر ڏنا وڃن ٿا پر هن جيڪا ان ۾ نواڻ پيدا ڪئي آهي تنهن کي ڌيان ۾ رکندي اهو فيصلو ڏئي سگهجي ٿو ته نياز بيشڪ منفرد شاعر آهي. هن مجموعي ۾ نياز جا گيت، لوڪ گيت، نظم، طويل نظم، غزل، دوها ۽ ڪي وايون شامل آهن. انهن سڀني شين جي مطالعي کان پوءِ مجموعي طور نياز جي نرالي شاعري ۾ شاعريءَ سان گڏ موسيقي، مصوري ۽ تخيل جي وجدان جون خصوصيتون چٽيءَ ريت محسوس ٿين ٿيون تنهن کان سواءِ فڪر ۽ فن جون مڙئي خوبيون منجهس موجود آهن.

هي شاعري جنهن خوش اسلوبي ۽ رواني‌ءَ سان نگاهون اُڪري ذهن جي گهراين تائين پهچي ٿي تنهن مان درجي به درجي اهو اندازو ٿيندو وڃي ٿو ته هن ۾ فڪر جي بلند پروازي سان گڏ فن جي عجيب پختگي، موسيقي جي دلفريبي ۽ مصوري جي رنگيني قوس و قزح جا المست نظارا پسائيندي رهي ٿي. نياز جي شاعري جي هر صنف ۾ مٿيان اثر ۽ قدر برابر سمايل آهن جن کي ڏسندي اهو اعتراف ڪرڻو پوي ٿو ته اها شاعري ڪنهن ڪوشش بدران قدرتي ذات جي پيداوار آهي.

اهڙي قسم جي شاعري بهترين ۽ خوشترين طبيعت جي يادگار گهڙين جي سرگشت هوندي آهي. هر انسان جي قسمت ۾ اهڙيون اڻ وسرندڙ گهڙيون ضرور اچن ٿيون جڏهن ڪو به جذبو يا خيال جنهن جو موضوع، مقام يا ڪردار نفسي ڪيفيت مان اپرندو آهي ۽ اچانڪ انسان جي طبيعت ۾ وارد ٿي بنا پڇي واپس هليو وڃي ٿو ليڪن انهي لمحي جي قيام جا اثرات ناقابل اظهار حالت ۽ سرخوشيءَ جي صورت ۾ ذهن تي رهجي ويندا آهن، جنهن ڪري ان جي هلڪي يادگيري انسان کي سدائين لطف اندوز ٿيڻ جا موقعا ميسر ڪندي آهي. اهڙيون عجيب گهڙيون گهڻو ڪري انهن انسانن کي نصيب ٿين ٿيون جن جي احساس جي قوت ۽ تخيل جي قدرت انتهائي ذڪاوت ۽ وسعت واري هوندي آهي. نفس جي اها ڪيفيت جيڪا انهن گهڙين جي خاصيت مان شمار ٿئي ٿي هر معمولي خواهش سان ٽڪرائيندي رهي ٿي. انهيءَ مان ئي نيڪي ۽ محبت جو احساس وطن جي حب ۽ دوستداري جي انداز جا جذبا پيدا ٿيندا آهن جن کي شاعر پنهنجي زبان ۽ انداز بيان وسيلي عوام تائين پهچائي ٿو. اهڙو شاعر نيڪيءَ جو علمبردار ، محبت جو مبلغ، وطن جي حب جو داعي ۽ دوستيءَ جو ديوانو هوندو آهي. هن جو هر قول سچائي ۽ سونهن جو طلبگار ٿئي اهوئي شاعر قومن جي ذهن يا زندگيءَ ۾ انقلابي شعور اپائي سگهي ٿو. مٿيون اقتباس نياز جي شخصيت ۽ شاعري سان بلڪل ٺهڪي اچي ٿو. هن پنهنجي شخصيت جي بناء تي شاعريءَ جي جيڪا آبياري ڪئي آهي تنهن مطابق وڏي وثوق سان چئي سگهجي ٿو ته سندس شاعري زنده جاويد شاعري آهي ۽ جيستائين سنڌ قائم آهي تيستائين ان جو اثر باقي رهندو. اها شاعري اَيامن کان پنتي پيل قوم کي اڳتي وڌڻ جو پيغام پهچائڻ لاءِ وارد ٿئي

ٿي، اهوئي هن جو وڏو ڪارنامو آهي. نياز پنهنجي شاعري جي صورت ۾ سنڌي قوم لاءِ اها ميراث مهيا ڪئي آهي جنهن ۾ ڪڏهن به ڪا کوٽ اچڻي ناهي، هيءَ شاعري ذهن جي تغير زندگي جي تعمير ۽ تهذيب تاريخ جي آئينه دار آهي. هن مان ذميداري نڀائڻ جو درس، زندگي گهارڻ جو احساس ۽ انساني آدرش جي بجا آوري جو پيغام ملي ٿو. هن ۾ قوم جي عروج ۽ زوال بابت تمثيلي طور تاريخي داستان دهرائي قومي زندگيءَ جي پستي ۽ بلندي جي صحيح تصوير پيش ڪئي ويئي آهي. پنهنجي تهذيب جو تحفظ ڇو ۽ ڇا لاءِ ضروري آهي اها اشاريت به هن شاعريءَ ۾ موجود آهي. نياز جي خيال ۾ تهذيب جو تحفظ تيستائين ممڪن نه آهي جيستائين انهيءَ ڪارڪردگيءَ ۾ وطن جي حب جو جذبو شامل نه آهي. ان ڪري هي تهذيبي قدرن جي ترجماني سان گڏ حب الوطنيءَ جو صدائون به ڪري ٿو. سندس لوڪ گيت انهن صدائن جو مظهر آهن.

سنڌڙي تنهنجي سُک جي ساک بلي
ڦٽندي نيٽ ته پنهنجي باک بلي

نياز پنهنجي شاعري ۾ جنهن سِڪ ۽ سوز سان سنڌڙيءَ کي ڳايو آهي تنهن جو مثال ورلي ڪو ملندو. سنڌ سان سندس محبت عقيدت جي حد تائين ڏسجي ٿي:

آءٌ نه پوڄيان لوڪ جيان، ڏٽي ڪڏهن به دنيا جا،
منهنجي ڏياٽي سنڌ الا، صدقي جنهن تان سو سجود.

هن جو جئڻ توڙي مرڻ صرف سنڌ لاءِ آهي:

جڳ ڇئي پاڻ ليءَ، آءٌ نه اهڙو ٿيان،
آءٌ تو ليءَ جئان، آءٌ تو ليءَ مران!

وري بي خوديءَ ۾ اچي چوي ٿو:

تنهنجي جذبي ساڻ جئان، تنهنجي مستيءَ منجهه مران،

پڇاڙيءَ اهو عهد به ڪري ٿو:

سنڌڙي تنهنجي نانوءَ تان صدقي، منهنجا سپ سنگيت الا،
جيسين جيئندس، تيسين لکندس، تنهنجي غم جا گيت الا.

انهيءَ سوز گداز ۽ معصوم انداز سان نياز جڏهن سنڌڙي ڳائيندو آهي ته ٻڌندڙن جي دل ۾ جي ايندي آهي ۽ سندس اکيون آليون ٿي وينديون آهن.

آيل تنهنجي سورن جا ٿا، اسان کي اِئين اهڃاڻ لڳن،
ننڊ مان ڇرڪي ٻار جيئن ٿا، ماءُ جي ڇاتيءَ ساڻ لڳن.

يا:

روئندي روئندي نِير کُٽي ويا، لهو اڇي ويو لڙکن ۾،
آءٌ ڪيئن ڪلندي کير پيئان، منهنجي سنڌڙي آهي سڏڪن ۾.

اِنين نه آهي ته نياز رڳو سنڌ جي غم جا گيت ڳايا آهن. هن غم جي اظهار سان گڏ اها للڪار به ڪندو رهيو آهي ته:

سنڌڙيءَ ڪارڻ سودائي ٿي، سِر ڏئي ساري ڪرٽي آهه،
سنڌڙيءَ جا سرويچ جئن شل، سنڌڙيءَ جي پَت رکٽي آهه.

يا:

اڄ جو نعرو سيان جي هلچل، ميڙو انت مچي پوندو،
نيٺ ته سنڌ جي ساري ٿيندي، نيٺ ته جبر جهُڪي پوندو.

نياز جي شاعري ۾ ٻين خصوصيتن سان گڏ خاص خوبي اها به آهي ته هي آس ۽ نراس ٻنهي جو اثرائتي نموني اظهار ڪري ٿو. پهريان پنهنجي انداز بيان موجب هر ڳالهه جو غمگين پهلو پيش ڪري پڇاڙيءَ نهايت جوش ۽ جذبي سان اميد جون ريکائون نروار ڪرڻ لڳي ٿو. جئن نظم ”زندگي اهڙي به ڇا“ ۾:

اي دکي دل تنهنجي غم ڪان گهائجي ويو آهيان
شام جي گل وانگيان ڪومائجي ويو آهيان
بس ڪر اي دل هاڻ مان گهبرائجي ويو آهيان.

وري نظم جي پڇاڙيءَ ۾ چوي ٿو:

اڄ ته ڪاهيون ڪاڪ تي، اي مينڌرا منزل ڏٽي،
ڏيل ڏاريون موملين ماڻيون، ٿيون محمد ڏٽي
توڙ بند ۾ لاھ ڦندا، هل ته ٿيون دنگل ڏٽي.

اميد ۽ ياس جو اهو طلوع ۽ غروب نياز جي شاعري جي هر صنف ۾ جادوگريءَ جي حد تائين نشانبر آهي، ايتري قدر جو هن جي طويل نظم ”هاءِ جيجل مارئي“ ۾ دک درد ۽ مايوسيءَ جي انتها آهن ۽ دانهن ڪان پوءِ به نظم جي خاتمي تي ڀرپور اميد ۽ پوري جوش جذبي جو مظاهرو ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

شاعري ۾ تشبيهون سورهن سينگارن جو درجو رکن ٿيون. ان باري ۾ به نياز جيڪو ڪمال ڪري ڏيکاريو آهي تنهنجي ڇا ڳالھ ڪجي. سندس هر تشبيھ سون وانگي نِج پئي لڳي:

1. ساھ ڪي ويا ائين سور وٺي جڻ
چنڊ گرهڻ ڙي ڍوليا
هاءِ اسان جي جندڙي تي وئي
پنڊ پهڻ ڙي ڍوليا
2. ڪنڌيون پروان ته سنهڙا چپ بالو
اسان ترسون ڪينءَ تو وٽ سانڍيل سپ بالو
3. تنهنجي لوڏ ۾ لهرا بينن جا
اسان مستيءَ ۾ چڙيا چيٽا سينن جا
4. تنهنجون ساهيڙيون پٽن تي هيون انهي اوصاف ۾
جڻ ته گوپيون مندرن ۾ جڻ پريون ڪوڪاف ۾
5. جي نوجوان حسرتون ڪنپين جٺان ڪڙن پيون
جي يادگار ساعتون پکين جٺان مڙن پيون
6. مست ٿي موهن دڙي سان جاڙ جٺن مهراڻ ڪئي
اهڙي حالت ڪنهن اچي اڄ تنهنجي هستيءَ ساڻ ڪئي

انهيءَ ڪان سواءِ نياز جون اڪيچار تشبيهون ٻيون به آهن ليڪن هتي فقط انهن تي ئي اڪتفا ڪجي ٿي. مڪليءَ نظم ۾ ته نياز ايتريون تشبيهون آنديون آهن جو انهن جي ڳڻپ ڪرڻ ئي مشڪل ڪم آهي. هن مان هر تشبيھ اسان جي ماحول، تهذيب، تاريخ ۽ تمدن سان تعلق رکي ٿي تنهن ڪري

انهن جو حسن هيڪاري وڌيڪ دلفريب نظر پيو اچي. نياز بيشڪ جتي نظم جو بادشاهه آهي اتي تشبيهن تي به پورو عبور رکي ٿو نياز جي زبان ۾ انداز بيان جا صرف ڪي مثال پيش ڪجن ٿا:

1. هاڻ ته ڪاغذ جو گل آهيان
بي سُڌ ته به سُرت رهي ٿي
هير نه مونکي پاڻ ۾ پوي ٿي
ماڪ نه مون کي راس اچي ٿي
رنگن هوندي بي رنگي اف،
پاڻ کان پاڻ کي ڪرپ لڳي ٿي

2. هميشه هڪڙي مُرڪ ليءَ ٿا لڙڪ ڪيئي لاڙجن
هميشه هڪڙي پور ليءِ ٿا سور ڪيئي تاڙجن
هميشه هڪڙي عيش ليءَ ٿا هانوَ ڪيئي ساڙجن
جهڙا اچن ٿا جيءِ کي ٿڻن ٿا ساز ساٿيو!

3. هانوَ تي مُڳ ٿو ڌري ڪوئي ته پيي چپ ٿا رهون
ساهه مُٺ ۾ ٿو ڪري ڪوئي ته پيي چپ ٿا رهون
ننهن نڙيءَ تي ٿو ڌري ڪوئي ته پيي چپ ٿا رهون
نانگ وانگي ٿو وري ڪوئي ته پيي چپ ٿا رهون.

۾ هي آهي نياز جي شاعري جي بي پناهه رواني:

1. هو گهوڙا هو ميدان جا مينڌرا
منزلون جن کي مومل جان مرڪي ملن ٿيون
هلن ٿا ائين جڻ ڏکڻ جون هوائون
ٻڪن ٿا ائين جڻ ته ڪنوٽيون ڪلن ٿيون
ويا هو ويا هوڪرا پئجي ويا
سوڀ ۾ هار ليءَ سڀ جون ڇاتيون ڇلن ٿيون.

2. هو جوڙا ملهن جا جتي جوان جوانن کي

ياڪر وجهي بي ڊپا تي وڙهن ٿا
گهڙي ٿا ڪمانن جان پيٽا تين
۽ گهڙي تير وانگي سڌا تي وڙهن ٿا
دسڻ ۽ ڪرڻ مرڪ مردن جو
ڊپ ڪان ٿي آجا هي مهمير راجا وڙهن ٿا.

نظم مڪلي ۾ دريا خان جي دلاوري هن رواني سان ٿو بيان ڪري:

ڏُوڪي ويو ميدان ۾ ائين جڻ
شينهن لنگهي ويو بيلي ۾
ڌارين ۾ ڦڙڦوت پئي جڻ
مينهن وسي پيو ميلي ۾
ياڳن ۾ پيا بدن انهن جا
پئجي وئي رت ريلي ۾.

اها اٿاهه رواني تشبيهن جي ور وڪڙ مان هيئنءَ سنڌا ڏئي پار ٿيو وڃي ٿي:

محفل ۾ تي مات، اڏاٽا ڇام جا نشا آڙين جان
درٻارين جا ڪنڌ جهڪي پيا، ڪرنڌڙ جهرندڙ ماڙين جان
هڪل ڪيائين درٻارين کي مڇريل شينهن جي راڙين جان.

نظم جي هيڏي رواني کي شايد نثر جي رواني به نه پڄي سگهي.

نياز جون طويل نظمون تاريخي حيثيت رکن ٿيون جن لاءِ پڻ طويل تبصري جي ضرورت آهي پر مجبوريءَ سبب ائين ڪري نٿو سگهجي. حڪم آهي ته هر ڳالهه اختيار سان هجي. اها پابندي خود شاعر کي وجهڻ کپي جنهن طويل نظم لکي طويل تبصري جو ڪارڻ پيدا ڪيو آهي.

غزل ۾ نياز اهوئي انداز ادا ڪيو آهي جنهن جي ڪانئس بهترين توقع رکي ٿي.

1. دعا گهرو دل جي سوجهري جي ته ٿي سڻائي
اکين سڄي جو هتي ته ڪاريءَ تي پيير آهي.

2. سچ آهه زهر ته به ٽا ان جا پئون پيالا

اي زندگي اسان جو ڪردار ياد رکجانءِ.

3. انسان جي عشق ۾ پيي غم ڪرڻ سِک ميان
حاصل نه ٿيندي ڪٿان اهڙي غنا اوچتي.

4. زندگيءَ جا زخم لک ته به گهرو نٿا گهاوَ اجا
مان ٿي ڇيهون ستن جي ڪٿار اي دوستو.

نياز جا دوها ۽ وايون به پنهنجو مَٽ پاڻ آهن. خاص ڪري پڇاڙيءَ واري وائي- انسان سرا لاهي ته لاجواب آهي، ۽ هي دوهو سيني دوهن جو سرتاج:

آءٌ نماڻو هاري زادو، ذات جو ڪوري نانءُ نياز.
سڀ ڪو ڄاڻي ڪين ٿو ڄاڻي، ڏنگن وارو ڏانءُ نياز.

فقط
محمد صالح عاجز
ايڊيٽير هفتيوار ”صبح صادق“
نواب شاهه سنڌ

# گيت

ٻارن وانگي اُڀتا سڀتا ليڪا پائي
ڪا شئي ميٺي، ڪا شئي ڳاهي،
ويٺو گيت لکان!

## گيت لکان يا ڳوڙهن ۾ ڪا ڳالھ ڪريان!

راهون ڪيئي ليڪن مونکي
ڪا به انهن مان راس نه آئي
جن راهن ۾ ريت نه ڪائي
تن تي ڪيئن مان پير ڌريان
ڳوڙهن ۾ ڪا ڳالھ ڪريان.

صبح صدا جان آيو ويو پر
شام وڇڻ جي ڪا نه ڪري ٿي
رات وري ٿي جان جھُري ٿي
هاءِ الاءِ مان ڪيئن ڪريان
ڳوڙهن ۾ ڪا ڳالھ ڪريان.

آس نراس جي آڌيڙن ۾
ويٺر ٿي تقدير اَٽائي،
تدبيرن ڪئي ڪا نه سٽائي
اونده اُبڙي اوريان، پريان
ڳوڙهن ۾ ڪا ڳالھ ڪريان.

جن سان وسي ٿي دل جي دنيا
ديد وري ٿي پڻ ديدن ۾
آءُ انهن ئي اُميدن ۾
آئيندي جا پيو رنگ پريان
گيت لکان يا ڳوڙهن ۾ ڪا ڳالھ ڪريان.

*

## تنهنجي دنيا سپ رنگ سانول
## مون وٽ روپ نڪو بهروپ الا.

تنهنجي دنيا ڪنول تي ڪرڻا
منهنجي دنيا جر جان اونداهيل
مون وٽ روپ نڪو بهروپ.

تنهنجي دنيا اندلٺ ريکا
منهنجي دنيا گدلا بادل
مون وٽ روپ نڪو بهروپ.

تنهنجي دنيا سج جا پاچا
منهنجي دنيا چنڊ جان گهايل
مون وٽ روپ نڪو بهروپ.

تنهنجي دنيا چيٽ جا ميلا
منهنجي دنيا هيڪل وياڪل
مون وٽ روپ نڪو بهروپ.

تنهنجي دنيا سُندر سپنا
منهنجي دنيا اکڙيون اوجاڳيل
مون وٽ روپ نڪو بهروپ.

منهنجي دنيا مرگهه ترشنا
تنهنجي دنيا رمندا بادل
مون وٽ روپ نڪو بهروپ.

منهنجي دنيا سيج ۾ سڏڪا
تنهنجي دنيا ڇم ڇم پايل
مون وٽ روپ نڪو بهروپ.

*

## سانوڻ جي برسات اَلا هيءَ ڪاري ڪاري رات
## سُور مليم سوغات اَلا هيءَ ڪاري ڪاري رات.

اوسيئڙي جي اونداهيءَ ۾
لڙڪ ڏيا ٿيون ٻاري
اوجاڳي ۾ سپنا ساري
ويل ڳڻيسون واري
پرهه ڦٽي پرڀات الا، هيءَ ڪاري ڪاري رات.

سانجهيءَ جي سڄ وانگ
اسان جي روح رچايا رنگ
ڏيهي وئي دل آهن ۾
جڻ کوهه اندر شهونگ
واهون واڳوڻ وات الا، هيءَ ڪاري ڪاري رات.

وِلهه تي جڻ وڻ ڪنڌ جهڪائي
گُم سم گهڙيون گذاري
تنهنجي ڪارڻ اسان به پنهنجي
عمر ڳڻي ائين گهاري
ٿي نه محبت مات الا، هيءَ ڪاري ڪاري رات.

سانوڻ جي برسات الا، هي ڪاري ڪاري رات،
سُور مليم سوغات الا، هيءَ ڪاري ڪاري رات.

*

## هو جهُڙيالي- هي جهڙيالي-

ها جهڙيالي ڙي
دل جهڙيالي- اک جهڙيالي
ڪا جهڙيالي ڙي.

زندگي جي ديس ۾، ڇپر نه ڪوئي ڇانورو،
مري تري مسافرن، اُسن ۾ عمر جالي ڙي،
هو جهڙيالي ڙي.

مُرڪ تنهنجي مَن ڏٺي، بهار بانورا ڪيا
پيچ قرب جي ڪٺي، جهول آهه خالي ڙي
هو جهڙيالي ڙي.

تون نه آئين هير جان، نه اک لڳي نه دل لڳي
پور جهلي پاند، ڪيم رات پالي ڙي،
هو جهڙيالي ڙي.

عشق دل دَرياهه ڪئي نه سرحدن جي سرت وئي
لوڪ لکا چاهه؟ اسان لاءِ اُبالي ڙي،
هو جهڙيالي ڙي.

دل جهڙيالي اک جهڙيالي ڪا جهڙيالي ڙي
هو جهڙيالي – هي جهڙيالي.

*

# وهي پتر وَل جان ٿلاري
## پوپٽ وانگي نينهن آيو
## پوپٽ وانگي نينهن آيو.

ٽانداڻي جان آس الا، ٽمڪي دل جي واهڻ ۾
اُڌمن اڻ تڻ لاتي هوءِ، باھ لڳي جڻ ٻاهڻ ۾
ڪينءَ ڪري اڻ ڄاڻ وچاري
پوپٽ وانگي نينهن آيو.

چانڊوڪيءَ تي وير جيئن، لهي چڙهي ٿي چور ٿئي
دل ٿي چاهي تيئن ڪوئي، اوري اچي ۽ ڏور ٿئي
سرس ٿئي سِڪ هيڪاري
پوپٽ وانگي نينهن آيو.

پيار جي منڙي هير گھلي، ڪڙيون مرادن جون مکڙيون
هيج وسايون وسنيون الا، جرڪيون ماڻڪ جان اکڙيون
وسنو ورونهن ٿي چوڌاري
پوپٽ وانگي نينهن آيو.

وَهي پتر وَل جان ٿلاري
پوپٽ وانگي نينهن آيو
پوپٽ وانگي نينهن آيو.

*

بيڙيءَ وارا بيلي، مون کي پار پڄاءِ!
مون کي پار پڄاءِ!

جهڙي ڏَڙد درياهه ۾،
تهڙي منهنجي مَن:
موج سان موج مِلاءِ،
مون کي پار پڄاءِ!

جيڏي واهر ونجهه ۾،
تيڏي تنهنجي سَگهه:
لوڏن کي نه لَڳاءِ،
مون کي پار پُڄاءِ!

جئن جئن سانجهي سامهين،
تئن تئن صبح جي سَڌ:
راتين ۾ نه رجهاءِ،
مون کي پار پڄاءِ!

هَي هَي حياتي ڪڪ پَن جڙ،
پَل پَل پاڻيءَ تِڪَ:
رهنديءَ کي نه رهاءِ!
مون کي پار پُڄاءِ!

بيڙيءَ وارا بيلي، مون کي پار پُڄاءِ!

## سانوڻ سُک جي سيج وڇائي،
آءُ ته ڪريون ڪا روح رهاڻ!
آءُ ته ڪريون ڪا روح رهاڻ!

مست اکين جا جام پري ڏي،
دل جي خوشيءَ سان پيئندس مان
زلف جو سايو ڪر مونتي،
اڄ تنهنجي اَڇل ۾ جيئندس مان
جوڀن تنهنجو جُڙيل سدائي، آءُ ته ڪريون ڪا روح رهاڻ!
آءُ ته ڪريون ڪا روح رهاڻ!

تنهنجي جواني چاندوڪي جان
منهنجي حياتي ويرن وانگ
ملندي ڪلندي وقت گذاريون
صبح جي منڙين هيرن وانگ
هيڪل گهارڻ عمر اجائي، آءُ ته ڪريون ڪا روح رهاڻ!
آءُ ته ڪريون ڪا روح رهاڻ!

تارن جان ٿي منهنجي تمنا
تنهنجي واٽ نهاري هو،
اونده ۾ جئن واٽ پليل ڪو
ڏيئي جي لاٽ نهاري هو
آءُ ته سنجري ڪا سرهائي، آءُ ته ڪريون ڪا روح رهاڻ!
آءُ ته ڪريون ڪا روح رهاڻ!

## اُٿو جو سِج لهڻ تي آهه، متان اوير ٿي وڃي
## متان اَوير ٿي وڃي.

اُداس اکيون چپر کٽيءَ ٿيون انتظار ۾ رهن
اجهو سي آئيا جي ٿاءِ پَرين ديار ۾ رهن
انهن جي سِڪ ڏسڻ تي آهه،
متان اوير ٿي وڃي.

ڪو چا ويو گل مان چڻ ته بوءِ پَر ڪري وئي
اُجاڙ چڻ ڪي ماڙيون چمر جي چَر ڪري وئي
نشان پي ڊهڻ تي آ،
متان اوير ٿي وڃي.

جي زندگيءَ جو حسرتون نپائيون هيون هتي
اهي ائين سُجهي ٿو چڻ وڃائيون پيون هتي
انهن جو دم ڪُٺڻ تي آهه،
متان اوير ٿي وڃي.

سڳنڌ جنهن جي سانت سان وسي رسي ٿي ساهه ۾
ءِ رنگ جنهن جا پانت پانت رم ڪرن ٿا چاهه ۾
سو گل ڪوئي پٽڻ تي آهه،
متان اوير ٿي وڃي
متان اوير ٿي وڃي.

## دل ٿي چاهي، وڻو گيت لکان
## وڻو گيت لکان.

ڪڻڪيءَ وانگي ڪنهن جي ڪا رڻ، آڌيءَ آئي
لاتيون لنوندي سڀ ڪجهه باهي،
وڻو گيت لکان!
دل ٿي چاهي.

اُوڏڻ وانگي اُون رکي ڪا، اکڙيون چائي،
لوڪ لکا جا ليکا لاهي،
وڻو گيت لکان!
دل ٿي چاهي.

ڪنيڙين وانگي جوت پسي ڪا، جهرمر لائي،
پرڙا ڪوهي سينو ساهي،
وڻو گيت لکان!
دل ٿي چاهي.

ٻارن وانگي اُبتا سبتا ليڪا پائي،
ڪا شي ميٺي، ڪا شئي ٺاهي،
وڻو گيت لکان!
دل ٿي چاهي.

ٻالڙين وانگي ڪنهن جون ٻالڙيون ٻائي ٻائي،
هيڪل هيڪل، گاهي گاهي،
ويٺو گيت لکان!
دل ٿي چاهي.

## اُوسيئڙا ٿا آس اورانگهن، تانگهه ٿي پويان پير ڪٽي
## آءُ ٿي ڳهاريان چنڊ ڳٽي

نِرڙ تي هٿڙا رکندي تنهنجي واٽ تڪيندي وَره ٿيام
هانوڪي آٿت ڏيندي، ٿڌڙا ساهه ڀريندي وره ٿيام
اڌما ٿا ڪهرام مچائن، اُڻ تڻ پئي ٿي تند ٽٽي،
آءُ ٿي ڳهاريان چنڊ ڳٽي.

ياد آيا جڏهن پور پرايا، ٿي ويا پنهنجا سور سوايا هوءِ
مايوسين جي ميڙ منجهايو، گذري پاڻ تي ڇا ڇا هوءِ
اکڙيون لڙڪ ائين پيون لاڙين، اڀن مان جڏهن ٻور ڇڻي،
آءُ ٿي ڳهاريان چنڊ ڳٽي.

آڌيءَ رات ۾ چنڊ اداس ۽ منهنجو روح نِراس اَلا
هن کي پاڻ نه تنهائي، نڪي مون کي جدائي راس الا
هاءِ حياتي هنئي هچائن، شال نه ڪنهن کي ماءُ جڻي
آءُ ٿي ڳهاريان چنڊ ڳٽي.

تو جڏهن منهنجي حال تي هردم وقت پيو ٿو وار ڪري
آءُ نه وينس دل هاري پر آس اجا پئي سار ڪري
سور اهيئي سانده آهن، سانول جيڪا توکي وٽي،
آءُ ٿي ڳهاريان چنڊ ڳٽي
آءُ ٿي ڳهاريان چنڊ ڳٽي.

# لوڪ گيت

چپر مٿي چمر نچي، پڌر مٿي مور
جنهن ٻه ڏنو توکي ٻٽيو، چانڊوڪيءَ جو چور.

# چيٽو

ڪانگ مَنهه تي، رئو اُره تي، چيٽو ويني چڙيان
چچ ۾ داڻا، منهنجا راڻا، چيٽو ويني چڙيان
مان ته، چيٽو ويني چڙيان.

پَٽ تي جهرڪيون، اندر ۾ اُجڪيون، چيٽو ويني چڙيان
تنهنجون ڳالهيون، ٽيرهن تاليون، چيٽو ويني چڙيان
مان ته، چيٽو ويني چڙيان.

هش ۾ ڪنگڻ، هانوَ ۾ تِمجهڻ، چيٽو ويني چٽيان
لوڪ جون لاٽيون، ڪُڪ ۾ ڪاتيون، چيٽو ويني چٽيان
مان ته، چيٽو ويني چڙيان.

عاج جي ٻانهين، سچو نه آهين، چيٽو ويني چڙيان
مُندي نه لاهيان، تنهنجي آهيان، چيٽو ويني چڙيان
مان ته، چيٽو ويني چڙيان.

*

# سنيھو

سيج پلنگ تي پئي ٿي اُٿلان
ڄڻ ته ٿئي تي ماني
منهنجا جاني، مان ته سنيهو پئي ڳايان
مان ته سنيهو پئي ڳايان

مٿي ۾ ڦيري، من ۾ اُما ڙيون
ڄڻ ته سراڻ تي ڪاتي
منهنجا ڀاتي، مان ته سنيهو پئي ڳايان
مان ته سنيهو پئي ڳايان.

اکڙين ۾ ڳِهم، اندر ۾ اُلا
ڄڻ ته ڦڙين ۾ نِهائين
مانهنجا سائين، مان ته سنيهو پئي ڳايان
مان ته سنيهو پئي ڳايان.

جوڀن تنهنجو جيئي سدائين
ڄڻ ته قنڌاري ڏاڙهون
منهنجا ماڻهون، مان ته سنيهو پئي ڳايان
مان ته سنيهو پئي ڳايان.

# ڏاٽيڙو

ڏاڍا مينهن وَٺا ڙي ڏاٽيڙا
ٿيا وچڙيا ڪَنا ڙي ڏاٽيڙا
هيلوڪو وري آءُ
هيلوڪو وري آءُ

سهڻا توهه پٽن ۾ ڙي ڏاٽيڙا
ولهي آهيان وطن ۾ ڙي ڏاٽيڙا
هيلوڪو وري آءُ
هيلوڪو وري آءُ

پيا پارا اڪن تي ڙي ڏاٽيڙا
ڪانهي وندر وٽن تي ڙي ڏاٽيڙا
هيلوڪو وري آءُ
هيلوڪو وري آءُ

ڪاهي اربع خطا تي ڙي ڏاٽيڙا
چاڪون ويچا وڏا تي ڙي ڏاٽيڙا
هيلوڪو وري آءُ
هيلوڪو وري آءُ

*

# چيچ

گهور وڃان – گهور وڃان – گهور وڃان گهور
رنگ رتي روپ وتي، تنهنجي ڳليءَ تان،
گهور وڃان- گهور وڃان- گهور وڃان گهور!

جهاڙ رکي جوکيءَ لاتي هنئين اندر هور
جهور ڪيا جيءَ اندر پيل وارا پور
پيل وارا پور -!
گهور وڃان گهور -!

پٿر پوي پاٽيءَ اندر، لهر پري زور
تنهنجون ڳالهيون ٻڌي ٻڌي ٻڙجي پياسين پور
ٻڙجي پياسين پور - !
گهور وڃان گهور -!

چپر مٿي چمر نچي، پڌر مٿي مور
جنهن ٻه ڏنو توکي، ٻٽيو چانڊوڪيءَ جو چور
چانڊوڪيءَ جو چور -!
گهور وڃان گهور -!

پيج پنيءَ ڪنهن نہ لڌي راتين جي پر گهور
چنگ ٻڄي چاهہ ڪيو چاتيءَ منجهان شور
چاتيءَ منجهان شور -!
گهور وڃان گهور -!

او گهور وڃان، گهور وڃان، گهور وڃان گهور -!
گهور وڃان گهور -!
گهور وڃان گهور -!
*

# اَلا مان مٺي اَگهاڙي!

منهنجي بابل جي سوني ماڙي
ماڙيءَ جي در تي تاڙي
اَلا مان مٺي اُگهاڙي!

منهنجي آيل جي وڏندڙ واڙي
واڙي نہ وائُن ساڙي
اَلا مان مٺي اگهاڙي!

منهنجي ٻابل جي ٻولي ٻاڙي
ٻاڙيءَ نہ اک ٻہ نہ لاڙي
اَلا مان مٺي اگهاڙي!

منهنجي دادل جي ڍِهہ ڀِر آڙي
آڙيءَ جو گهر تڙ ناڙي
اَلا مان مٺي اگهاڙي!

منهنجي سانول جي پرونءَ نہ جاڙي
جاڙيءَ نہ ڪا پٽ پاڙي
اَلا مان مٺي اگهاڙي!
اَلا مان مٺي اگهاڙي!

*

# مور ٽوٽلي

ڪَڪر موڙيا ڪَر، اَلا، ڪَڪر موڙيا ڪَر:
پُور پکيڙيا پَر، اَلا، پُور پکيڙيا پَر –
مور ٽوٽِلي،
اَلا مور ٽوٽِلي!

ڪَڪر مِ ٿي ٻُوند، اَلا، ڪَڪر مِ ٿي ٻوند:
تون ٻہ هجين ها هوند، اَلا، تون ٻہ هجين ها هوند –
مور ٽوٽِلي،
اَلا مور ٽوٽِلي!

ڪَڪر مِ ٿي گاج، اَلا، ڪَڪر مِ ٿي گاج:
توسان منهنجو ڪاج، اَلا، توسان منهنجو ڪاج–
مور ٽوٽِلي،
الا مور ٽوٽِلي!

ڪَڪر مِ ٿي ڇانوَ، اَلا، ڪَڪر مِ ٿي ڇانوَ:
هيڪل هري هانوَ، اَلا هيڪل هري هانوَ–
مور ٽوٽِلي،
اَلا مور ٽوٽِلي!
مور ٽوٽِلي!

# لولي

لولي – لولي – لولي اَلو
سانت سُک جي ٻولي اَلو
لولي – الو

جوڳيئڙا ڪيئن جالين جڳ ۾
جهير ٿي جن جي جهولي الو
لولي – لولي.

جوين تنهنجو جهنگ جي گل جان
واءُ نه لڳئي شل اولي اَلو
لولي – لولي.

چا تي گجين ٿو سڪنا بادل
تو وٽ چاٽ نه چولي اَلو
لولي – لولي.

مُرڪ جنين جي پرهه جي مکڙي
آئون نه انهن جي گولي اَلو
لولي – لولي.

لوليون اسان جون ٻيجل جون ٻوليون
سنڌ جي شال ٿي سولي اَلو
لولي – لولي.

*

# لاڏو

منهنجي اونداهين جي اور، منهنجي اڱڻ اڇجانءِ
ٿلي ٽانڊاڻي جي ٽور، منهنجي اڱڻ اڇجانءِ

منهنجي اڱڻ اڇجانءِ، منهنجي دل رڪجانءِ
منهنجي ماڙيءَ سندا مور، منهنجي اڱڻ اڇجانءِ

منهنجي اڱڻ اڇجانءِ، منهنجي ڳالهه ٻڌجانءِ
منهنجي چانڊوڪين جا چور، منهنجي اڱڻ اڇجانءِ

منهنجي اڱڻ اڇجانءِ، منهنجي سار لهجانءِ
منهنجي زاري تنهنجو زور، منهنجي اڱڻ اڇجانءِ

منهنجي اڱڻ اڇجانءِ، منهنجا حال ڏسجانءِ
ٽيندي ڳولي توتان گهور، منهنجي اڱڻ اڇجانءِ

ٿلي ٽانڊاڻي جي ٽور، منهنجي اڱڻ اڇجانءِ
منهنجي اونداهين جي اور، منهنجي اڱڻ اڇجانءِ.

# ٻاگهي

دلو ڪٽي جو ٻانهن ورائي، ٻانهينءَ واري – ٻاگهي
دل وئي ڇڙ ڪنهن ڪوهه تي، وهنجي ڦٽي وساري – ٻاگهي
ٻاگهي او ٻاگهل – ٻاگهي -!

ٻولو پائي جو نو ورني، ٻنيءَ تي آئي – ٻاگهي
اڪڙين جرڪي تارن وانگي، ننڍ ڦٽائي – ٻاگهي
ٻاگهي هو ٻاگهل – ٻاگهي -!

سينڌ سنواري ساهيڙيءَ جو، ڪلي نها ريو – ٻاگهي
ڪيرو ٿي ڪنهن ڪير ڪٽورو، پٽ تي ها ريو – ٻاگهي
ٻاگهي هو ٻاگهل – ٻاگهي -!

مَلي مساڳ جو هلڻ لڳي ڪا، اجرڪ پائي – ٻاگهي
واٽ مٿي ڪي راوت وينا، اکيون وچائي – ٻاگهي
ٻاگهي هو ٻاگهل – ٻاگهي -!

ميندي لائي، لوڏ ڪري جو هلي سهاڳڻ – ٻاگهي
لهرين لک لباس وسا ريا، واءُ چڙيا وَڻ – ٻاگهي
ٻاگهي هو ٻاگهل – ٻاگهي _!

ڳهگهري سان جو گهير تي آئي، ڪنگڻ واري – ٻاگهي
پاٽيءَ ان جا پير چميا، چئي جيءُ پيا ري – ٻاگهي
ٻاگهي هو ٻاگهي – ٻاگهي -!

*

# اُونيئڙو

اونيئڙا ڙي اونيئڙا هو، او منهنجي وندر وئي وٽڪارن ۾!
جهَل واڳ ته ڪي واڪا ڪريان لا، من ڪا ڪهل پوي بَر وارن ۾!

اُنن سنواريون سِهه سين قطارون، مارن مون کي لوڪ ميارون،
اکڙيون منهنجون مَرم جون ماريون، مَن کو مان ڪري موچارن ۾!

اُنن جو اکڙيون، اجرڪ ڦلڙيون، منهنجي بدن ۾ اُپريون ڏرڙيون،
هيڪل منهنجي وايون وِلڙيون، او مان ڪيئن ڪنديس مونجهارن ۾!

اُنن جون ڳانيون، نيهن نشانيون، وِهُ ٿيون مارويڙن جون ماڻيون،
آءٌ جهليان ڪيئن هِت مهمانيون، او منهنجو اَنت ويو اوچنگارن ۾!

اُنن جون جهوڪان، سرءُ جون سوڪان، آءٌ ٿي سوڪهڙن ۾ سُڏڪان،
لڙڪيون جن کي نينهن جو نوڪان، تن گهمڻ ڇڏيا گلذارن ۾!

اُنن جو واڳان، سنهڙيون واڳان، سُورن وانگي سوگهيون واڳان،
آءٌ ٿي روئي راتيون جاڳان، ويا ويل وهي ويچارن ۾!

اُنن جا پيرا، کيرا ويرا، آءٌ پريان ڪيئن تن سان پيرا،
درد جن وٽ ڏنگ نه ديرا، ڪيئن پير کڄن تن پارن ۾!

*

# مانجهيڙو

سو هٺڪا ڙي سميجا
موڪل ڪو مانجهيڙو -!
موڪل ڪو مانجهيڙو -!

ڳوٺ نہ تنهنجو گودڙو
ڌوريان وينِي ڏونگرڙو
سو هٺڪا ڙي سميجا،
موڪل ڪو مانجهيڙو-!

ڳوٺ نہ تنهنجو مٽيا ري
پيا ر نہ سودو مُڪيا ري
سو هٺڪا ڙي سميجا،
موڪل ڪو مانجهيڙو-!

ڳوٺ نہ تنهنجو ڪوٽ ڏجي
سورن سا ڙي ڪيمہ سِجي
سو هٺڪا ڙي سميجا،
موڪل ڪو مانجهيڙو-!

ڳوٺ نہ تنهنجو سونهري
اجها ٿي نيري ٽيپهري

سو هڻڪا ڙي سميجا،
موڪل ڪو مانجهيئڙو-!

ڳوٺ تہ تنهنجو پرِيان لوءِ
ولهيءَ واڪا ووءِ ڙي ووءِ
سو هڻڪا ڙي سميجا،
موڪل ڪو مانجهيئڙو-!

ڳوٺ تہ تنهنجو همايون
هتڙي منهنجا حال زبون
سوهڻڪا ڙي سميجا،
موڪل ڪو مانجهيئڙو-!
موڪل ڪو مانجهيئڙو-!

*

# لوڪ ناچ

آم شي آم شي لَ- لَ- لَ _ بدام شي!
آم شي آم شي لَ-لَ-لَ – بدام شي!
گهگهري گهل نہ گهاگهر گهرڪ بلي،
آم شي آم شي لَ- لَ- لَ _ بدام شي!
م شي آم شي لَ-لَ-لَ – بدام شي!

جوبن ائين جڻ جهُڙ ۾ انار بلي،
هي ريکا، هي روپ نگار بلي:
آم شي آم شي لَ- لَ- لَ _ بدام شي!
م شي آم شي لَ-لَ-لَ – بدام شي!

گوري تُنهنجا اندلٺ جهڙا انگ بلي،
ويچارن تي وجهي چڏيا تو ونگ بلي:
آم شي آم شي لَ- لَ- لَ _ بدام شي!
م شي آم شي لَ-لَ-لَ – بدام شي!

سانوڻ جهڙي تنهنجي سام بلي،
صبح کان سهڻي وصل جي شام بلي:
آم شي آم شي لَ- لَ- لَ _ بدام شي!
آم شي آم شي لَ-لَ-لَ – بدام شي!

سنڌ ڙي تنهنجي سُک جي ساک پلي،
ڦٽندي نيٺ ته پنهنجي ٻاک ٻلي:
آمِ شي آمِ شي لَ- لَ- لَ _ بدامِ شي!
آمِ شي آمِ شي لَ-لَ-لَ – بدامِ شي!

*

# ڏوليا

**ساهه کي ويا ائين سوڙ وٽي، جڻ چنڊ گرهڻ ڙي ڏوليا!**
**هاءِ، اسان جي جندڙي تي وئي، پنڊ - پهڻ ڙي ڏوليا!**

ساٿ نہ تنهنجو رهيو تہ چا جي هيج تہ چا جا هيئا،
آس نہ ڪائي هجي تہ ڪنهن لئہ دَر ۾ پايون ليئا:
راس نہ آيو روح کي توريءَ ڏيھ ڏسڻ ژي ڏوليا!
هاءِ اسان جي جند ژي!

ڪام اندر ۾، چپ تي سوٽي، حال جنين جا ھھڙا،
ڏاڍ ڏٺي سي توسان ويھي سينا ساهين ڪهڙا:
راهه گناهه چڏي ڏي تن سان هام هڻڻ ژي ڏوليا!
هاءِ اسان جي جند ژي!

شام جو ڪنهن گهر ڏيئو ٿي جرڪين، ڪنهن گهر ڪرين اونداهي،
ڪنهن لئہ تو وٽ جيءَ ۾ جايون ڪنهن لئہ ڪوٺيل ڪاهي:
چاهه اهو ڪٿراڳ تہ سيڪجهه باب ٻڌڻ ژي ڏوليا!
هاءِ اسان جي جند ژي!

گهمين تہ بادل گهور ٿي توتان، کلين تہ بجلي چرڪ پري،
اڇين تہ سپ جون اکيون ٺرن، جي وڃين تہ سپ جو هانءُ ڏَري:
اسان مجيوسي واهه واهه تُنهنجا رعب رکڻ ژي ڏوليا!

هاءِ اسان جي جند ڙي!

اسان چڙيا سي ڀنور جان ڀيرا، ڪوريئڙي جان تانيون،
مٽيو مٽيو ڪري، چني چڙيوسين. ڳٽين جون سڀ ڳانيون:
ڀاڙئي آهيون ماڳ ته ڇا جا ڀنڊ ڀُڇڙ ڙي ڏوليا!
هاءِ اسان جي جند ڙي!

*

# مورو

## مورو ناهي ٿورو- او ڍولڻ، مورو وينئي ڏيانءِ!

جبل مٿي سِجُ، نينهن اسانجو نِجُ:
او ڍولڻ، مورو وينئي ڏيانءِ!
جبل مٿي لاڙِ، رمز تہ تنهنجي راڙِي:
او ڍولڻ، مورو وينئي ڏيانءِ!
جبل مٿي پُڙ، جوپن تنهنجو جهُڙ:
او ڍولڻ، مورو وينئي ڏيانءِ!
جبل مٿي ماڙي، پرونءَ تہ تنهنجي جا ڙي:
او ڍولڻ، مورو وينئي ڏيانءِ!
جبل مٿي چَندِ، مُرڪ تہ تنهنجي مَندِ:
او ڍولڻ، مورو وينئي ڏيانءِ!
جبل مٿي اَچ، ڪينجهر تنهنجي ڪَچ:
او ڍولڻ، مورو وينئي ڏيانءِ!
جبل مٿي باڪ، تون تہ سُکن جي ساک:
او ڍولڻ مورو وينئي ڏيانءِ!
جبل مٿي گاهہ، تو ۾ اٿم ساهہ:
او ڍولڻ، مورو وينئي ڏيانءِ!
جبل مٿي ڪانهن، آءٌ تہ تنهنجي ٻانهن:
او ڍولڻ، مورو وينئي ڏيانءِ!

جبل مٿي جهَت، توريءَ راتيون رَت:
او ڍولڻ، مورو ويٺي ڏيانءِ!
جبل مٿي راڳا، برهه ڪيو ٿَم ياڳا:
او ڍولڻ، مورو ويٺي ڏيانءِ!
جبل مٿي ڪانپ، مون وٽ سورن سانپ:
او ڍولڻ، مورو ويٺي ڏيانءِ!
جبل مٿي لاٽي، مون نہ جواني ماڻي:
او ڍولڻ، مورو ويٺي ڏيانءِ!
جبل مٿي دونهين، آءٌ نہ ڪنهن جي سونهين:
او ڍولڻ، مورو ويٺي ڏيانءِ!
جبل مٿي ڪيچ، مون وٽ روئڻ ريج:
او ڍولڻ، مورو ويٺي ڏيانءِ!
جبل مٿي ڪيچ، توسان هيئين جي هيجَ:
او ڍولڻ، مورو ويٺي ڏيانءِ!
جبل مٿي گهنج، مونڌي ڪو ماڻهو مُنج:
او ڍولڻ، مورو ويٺي ڏيانءِ!
جبل مٿي جنڊ، جيئم جيجل سنڌ:
او ڍولڻ، مورو ويٺي ڏيانءِ!
مورو ناهي ٿورو – او ڍولڻ، مورو ويٺي ڏيان!

*

# بانو

مٺي مند شباب جي- او ماهيا
بالو مکڙي گلاب جي- او ماهيا

اک ککڙي پلا ڙي- او بالو
ماريءِ اُڦٽ اَلا ڙي او بالو

وري ڦگڻ ڦلاريو- او ماهيا
دل توکي سنپاريو- او ماهيا

کارو اکين ڪجل- او بالو
تنهنجي عشق عجل- او بالو

لَسيون موتين لڙيون- او ماهيا
ساريم سُک جون گهڙيون- او ماهيا

سرها مينديءَ گل، او بالو
تنهنجي حسن مٿي هل- او بالو

هليون تڙن وَگهڙيون- او ماهيا
اُپيون توڏي اکڙيون- او ماهيا

اَچي اجرڪ ڦلڙي- او بالو
هڇي هيڪل جند ڙي- او بالو

ڳا ڙهو کهنبي چٽڪو- او ماهيا
ما ري تنهنجو اُلڪو- او ماهيا
*

# ماهيا

اَسين جوڳيئڙا دم اَلهي اَلا
هليا ويندا سين ڪٿي ڪو غم اَلهي اَلا-!

منهنجي در تي چنبيليءَ وَل ماهيا
گل گهوري وٺان توتي گهوڙي ته جهل ماهيا

ڪُنديون پروان ته سنهڙا چپ بالو
اسان ترسون ڪيئن تو وٽ سانديل سپ بالو

آيو اَسر لهي ويو چنڊ ماهيا
تنهنجي اوسيئڙي پيهان ويني جنڊ ماهيا

کهلي هير ته آئي کِل بالو
اسان پنڪيءَ ۾ پڙهيا نيهن نفل بالو

آڏيءَ ويلي اونداها گس ماهيا
بالو پچندي وتي تنهنجا تارن کان ڏس ماهيا

بازار وڪامي ڪچ بالو
متان ڪنهن جي نظر لڳيءِ ماڻهن کان بچ بالو

اَٺئي ڪک جي هيٺان لک ماهيا
منهنجا نيڻ شرابي، اچي چڪڙي تہ چک ماهيا

سائي بوتل ۾ لال پري بالو
مند ورندي، جواني نہ ورندي وري بالو

سا ري لوڪ مَٿي جهلي ڇٽ ماهيا
بالو ڪيڻءَ جيئي جنهن کي ٻَچيءَ ۾ ٻَٽ ماهيا
سائي سرنهن تہ پيلا گل بالو
دل ڪانہ ڪئي، ڪئي اکڙين پل بالو

ٻا ريا جبل تي جوڳين مچ ماهيا
لڙي آءُ گهڙي تہ ڪي ٻا ڙيون ڳچ ماهيا

اُٺ مَهري تہ نيري جهُل بالو
تنهنجي ٿهڪن مان ٽڙيا ٽانگر جا گل بالو

منهنجي اڱڻ مساڳ جو وڻ ماهيا
مان تہ پنهنجي نہ ٿيس تون تہ منهنجو ٻَڻ ماهيا

بگي گهوڙي گلابي تَل بالو
ماٺو ٻهجي ويندا، لوڏي ٻانهن نہ هل بالو

ڪيا ڪنوٽين ڪيچ اُتر ماهيا
مان صدقي وڃانءِ ايڏا ماڻ نہ ڪر ماهيا

تنهنجي شهر ۾ رنگ محل بالو
تو جو پاتو ڪجل، ٿي پيا ڪيترا قتل بالو

اڄ پير حضور تي تِل ماهيا
منهنجو اڱڻ اونداهو. اچي ڪنوڻ جان کِل ماهيا

تنهنجي ڳِل تي ڪارو تِر بالو
ڪلي نيڻ نه ڪڻ، ويندو ڪنهن جو سر بالو

سائو سرينهن جو وڻ ماهيا
ڇٽي آهيان ڳل جان اچي مونکي ڪڻ ماهيا

پڪيون ڪٽڪان ته سونا سنگ بالو
تنهنجو آرس ائين جڻ اندلٺ ونگ بالو

پڪي وينا وڃي وڻ ٽڻ ماهيا
چنڊ اڀريا لٿا، آئين تون نه اڱڻ ماهيا

پڪي وينا وڃي وڻ ٽڻ بالو
ڪيم ٻانهن سيراندي لڳم تنهنجي اُٽ ٽڻ بالو

آيا ڪينجهر تي ڪهي ڪنگ ماهيا
اسان سڪ نه سمهياسي سڄا سيج پلنگ ماهيا

اڄها ونڊ تان اڏاٽي هل بالو
اسان مرنداسي پر مرندي نہ دل بالو

ڦٽي پوکڻ پاسي جهل ماهيا
مند آئي وري اچي هاڻ تہ مل ماهيا

ڏکيا ساوڪ سارا پٽ بالو
تنهنجا پور ائين، جڙ پاري جي سَٽ بالو

منهنجي ڪاڏيءَ تي هلڪو چُگه ماهيا
مونکي پوريءَ ڏنگيو، اچي ڦيٽو تہ وجه ماهيا

(2)

چمڪيا چانڊوڪيءَ تي چنار اَلا
منهنجي سنڌ ڙيءَ تي هجي شال سُڪار اَلا

ڳاڙهو پير حضور تي پَڙ ماهيا
لائي توڙ نڀائڻ پنهنجو اصلئون وَڙ ماهيا

اَڇي ڳل تي ڪارو تِر بالو
اول عشق جو توئي مچايو شِر بالو

تنهنجي ٽور تان بادل گهور پرين
تنهنجا نيڻ نشانبر ڪارا چور پرين

تنهنجي لوڏ ۾ لهرا ٻينن جا
اسان مستيءَ ۾ چڙيا چيٽا سينن جا
تنهنجا قدم پدم هٿ پَشم الا
ماڻهو تنهنجي جواني جا ڪٺا قسم الا

تنهنجي لب تي ليار جون لاليون هو
جڳ مرڪي اسان جو اکيون آليون هو

ڪيا اُتر تي ڪنوڻين ڪيچ وري
اسان اوسيئڙن ڪي ڏنا روئي ريج وري

اسان وڻجارا دم اَلهي الا
خوشي ڏئي ٿا خريد ڪريون غم اَلهي الا.

(3)

اُچي بيڙي تي چوليان چَر ماهيا
هو وئي پا رت وي، ساڏي پتڻان تي گهر ماهيا

تيڏي زلفان تي پنوران دا شڪ بالو
اسان ڪُنل اگي، وَل گهور نہ تڪ بالو

چلا نينهن نشاني دا،
وچ پڙهدي اي ڪلما تيڏي جواني دا

پلي بوءِ گلا بان دي
ساڏي لڙڪ وراٽي تيڏي سوالان جوابان دي

چڊ ڙي چانءَ انا ران دي
تون جو نال هووين ڪيهي لوڙ ٻها ران دي

چنا رنگ رابيلان دا
مرڪي گهنڊ ڙا لڳاون ڪيها نينهن نويلان دا

وسيا جهنگ سيال سَيان،
اسان تين بن ٿي نہ سگهيو سي نهال سيان

هلي هالاٽي وي بس سجڻان،
اسان تيڏي وس تون نہ ساڏي وس سجڻان.

# هنبوچي

سنڌ ڙي اَساڏي سائڻ وي.
اهندي ويري ڪون ڪاوي ڏائڻ وي:
ڀلا جيوي اسان ڏي سائڻ وي.
چمر دا چوها هنبوچي:
ڌهه پوسي ڌوها هنبوچي.

ڳهليا موران جيها ڏڪڻ وي.
ساڏي ملڪ دي ماڻهو مکڻ وي:
ڪوئي ڏيکي انهاندا مرڪڻ وي.
لاڙ دي لونگي هنبوچي:
پران دي پونگي هنبوچي.

لمي ڍنڍ تي اُڀا پربت وي.
ميڏي ديس دا پاڻي شربت وي:
اتي سدا ملوڪان دي سنگت وي.
ٿر دي ٻولي هنبوچي:
امڙ دي لولي هنبوچي.

ڪندي مينهن مٽياندا مئيند وي.
سچي ساهيڙيان دي سينڌ وي:
ساڏي ٻاڪان جيهي اميند وي.
چاندي دا چلا هنبوچي:
هلا گلا هنبوچي.

ڪوهان دي اُتي نار وي.
ميڏا يار گلان دا هار وي:
چڙهه پيهي هڪلي جهار وي.
پلي گهوڙي همبوڇي:
يار دي جوڙي هنبوڇي.

ساريان دي سنگ سوني وي.
ميڏي پريان دي ويڙهي جهوني وي:
الاهه ملڪ دي اور نموني وي.
اڪان تي پالان هنبوڇي:
ونڻ تڻ ڪالا هنبوڇي.

ٻيريان دي وچ ٻير وي.
مين تہ ڪرسان باغ دا سير وي:
تيڏي سر دا هووي خير وي.
ڪڪڙ دا ٻوٽا هنبوڇي:
پينگهه دا جهوٽا هنبوڇي.

ٻيران دي گل پيلي وي.
ساڏي رانجهن رنگ رنگيلي وي:
سٽي ڪون غريبان دي حيلي وي.
وقت شباب دا هنبوڇي:
ڦول گلاب دا هنبوڇي.
تيڏي حُسن دي سو سو سانگ وي.

تيڏا عشق تليهر نانگ وي:
لڳي ويري ڪون شل ڏنگ وي.
هُمر جهُمر همبوڇي:
ڇَمر ڇَڪر هنبوڇي.

# جمالو

منهنجو جمالو سنڌ ڌيءَ سان

منهنجي سنڌ سَڄي چانڊاڻ لاءِ هو جمالو
جنهن ۾ موج پريو مهراڻ لاءِ هو جمالو
جنهن ۾ روحن جي تہ رهاڻ لاءِ هو جمالو.

جنهن جي پرور رکندو پت لاءِ هو جمالو
جنهن جي مَندن جي وڻندي مَت لاءِ هو جمالو

جنهن جا ڪنول جان ڪنوارا انگ لاءِ هو جمالو
جنهن جا اندلٺ جهڙا رنگ لاءِ هو جمالو
جنهن جا چارڻ چورين چَنگ لاءِ هو جمالو

جنهن ۾ آڙيون اڏرن پر ڪٽيءِ هو جمالو
جنهن ۾ ڪونجان ڪَرڪن ڪَر ڪٽيءِ هو جمالو

جنهن ۾ سارنگ جا سينگار لاءِ هو جمالو
جنهن ۾ هيجن جي هُبڪار لاءِ هو جمالو
جنهن ۾ جهانگين جي جهونگار لاءِ هو جمالو

جنهن ۾ اوڏ متيءَ جا ڪوڏ لاءِ هو جمالو
جنهن جي لک لهي ٿي لوڏ لاءِ هو جمالو

جنهن ۾ چارڻ چندن هار لاءِ هو جمالو

جنهن ۾ جاما جلوي دار لا_ هو جمالو
جنهن تي سائينءَ ڪئي ته سڪار لا_ هو جمالو

جنهن جو مورڙو مهمير لا_ هو جمالو
جنهن جون ڳالهڙيون ڳنڀير لا_ هو جمالو

جنهن ۾ مکڻ ولوڙين مايون لا_ هو جمالو
جيڪي گهڙا پرين گج پايون لا_ هو جمالو
جن جون جيءَ ۾ جوڙيل جايون لا_ هو جمالو

جن جي اکين ۾ ڪجل جي ڌار لا_ هو جمالو
جن جو مُرڪڻ ماڪيءَ لار لا_ هو جمالو

جنهن تي گهوريو دريا خان لا_ هو جمالو
جنهن تي سوڍا ٿيا قربان لا_ هو جمالو
جنهن کي هوشوءَ بخشيو شان لا_ هو جمالو

جنهن ۾ مَڪلي ساهه سيباڻي لا_ هو جمالو
جنهن ۾ مورن جهڙي مياڻي لا_ هو جمالو

جنهن جي درياهن تي دانهن لا_ هو جمالو
جيڪي ڪنڌيءَ سڪائن ڪانهن لا_ هو جمالو
جيڪي ٻوڙين منهن ٻانهن لا_ هو جمالو
جنهن ۾ لال لطيف جي لات لا_ هو جمالو
جنهن ۾ سچل سچ جي تات لا_ هو جمالو.

# نظم

ذڪر ڪريان ٿو سنڌ ڙيءَ جو
پڙهان ٿو ان تي لک درود،
سنڌ موجود،
حق موجود!

# جنگ آزادي 1947ع

جانبازو! جنگ آزاديءَ جي تياري ڪريو_ بيدار ٿيو
قوم ۾ آڻيو سجاڳي، پاڻ پي غفلت ڇڏيو_ بيدار ٿيو
جانبازو! جنگ آزاديءَ جي تياري ڪريو!

ڪنهن به غيرتمند کي ناهي گوارا، هي غلاميءَ جو جيئڻ
ذلت جي زندگيءَ کان بهتر آهي، مرد ميدان ٿي مرڻ
مرد ٿي مهمير بڻجي مشڪلين سان منهن ڏيو_ بيدار ٿيو
جانبازو! جنگ آزاديءَ جي تياري ڪريو!

قوم جي هر فرد کي ايڪي ۾ آڻي عزم ۽ ايمان سان
سامراجين جو جنازو جلد ڪڍڻو آهه پنهنجي ملڪ مان
هر فسادي غير جا تختا ڪيو، پاڙون پٽيو_ بيدار ٿيو
جانبازو! جنگ آزادي جي تياري ڪريو!

قوم بدلائي نه جي حالت ته قدرت پي نٿي ڪا شيءِ ڪري
ماڻ مان ورڻو نه آهي ڪجھ مگر سڀ ڪجھ ڪرڻ مان ٿو وري
خال جو رهجي ويو آهي سو همت سان پريو_ بيدار ٿيو
جانبازو! جنگ آزادي جي تياري ڪريو!

پنهنجي قسمت جا اسين آهيون ڌڻي خود ڇو ٻين جي ڪڍ لڳون
جو اسان جي لاءِ بربادي جو باعث ان تي ڇا ڀاور ڪريون
قوم ساري کي اهو پيغام ورجائي ڏيو_ بيدار ٿيو
جانبازو! جنگ آزادي جي تياري ڪريو!

جنهن کي ناهي فڪر فردا جو نہ غم ماضيءَ جو سا قوم ناهہ
جنهن کي ناهي زندگيءَ سان ڪا محبت سو بہ ڪو انسان آهہ؟
سوچڻو آهي اوهان کي ڪجهہ تہ اڄ سوچي وٺو _ بيدار ٿيو
جانبازو! جنگ آزادي جي تياري ڪريو!

اي اُٿو جوالا مکي ٿي موج ٿي گجگوڙ ۽ گهمسان سان
سامراجين سان لڙو، غيور بڻجي جوش ۽ جولان سان
جي اٿو جيئڻو تہ آزادي جي جذبي سان جيئو _ بيدار ٿيو
جانبازو! جنگ آزادي جي تياري ڪريو!
جانبازو! جنگ آزادي جي تياري ڪريو!

# يلغار

جيستائين فرد بدلائي نہ فطرت ساٿيو!
تيستائين ڦير آڻيندي نہ قدرت ساٿيو!
حالتن جي هي تقاضا آهہ تہ ظالم سان لڙو
۽ ڪريو ان جي خدائي سان بغاوت ساٿيو!

اٿو اٿو جو زمانو ٿو جنگ جنگ ڪري
هي ظلم جبر ٿو روحن کي تنگ تنگ ڪري
وڄايو دهل بغاوت جو ڏنگ ڏنگ ڪري
وڌو اڳي ۽ رهو ان کي دنگ دنگ ڪري
هي وقت آهہ اچوءِ اجتناب مردهہ باد!
لڳايو نعرو چئوءِ انقلاب زندهہ باد!

غريب لاءِ غريبي ۽ تنگدستي ڇو؟
امير لاءِ اميري ۽ خودپرستي ڇو؟
برابري جي عوض هي اڇائي پستي ڇو؟
مٽيو نظام اهو ان کي آهہ هستي ڇو؟
مساوياڻہ عدالت حساب زندهہ باد
هوس ۽ ظلم جو خانو خراب مردهہ باد

زمين تي نہ ڪو ظالم ٿي ڪردگار رهي
زماني ۾ نہ ڪو انسان دل فگار رهي

سماج ۾ نہ ڪوئي فرد بي وقار رهي
هي ڪم ٿي هاڻ، نہ آئندي جو انتظار رهي
ڪپي بهشت ٿو اڄ، اڄ جو باب زنده باد
فريب جنت فردا جو خواب مرده باد

نئون نظام اڏيو هي جهان بدلايو
غريب امير جو سود ۽ زيان بدلايو
فساد زر جو شقاوت جو شان بدلايو
دغا دروغ جو هر داستان بدلايو
جو عزم آهه اهو ڪامياب زنده باد
هي سامراج سندس رعب تاب مرده باد.

اٿو اٿو تہ بغاوت ڪريون اي مظلومو!
وڌو وڌو تہ حڪومت ڪريون اي محڪومو!
ملو ملو تہ محبت ڪريون اي معصومو!
کلو کلو تہ مسرت ڪريون اي مغمومو!
خودي سان زنده رهو التهاب زنده باد
لڳايو نعرو چئو انقلاب زنده باد.

# رهنمائو قومِ اوهان کان ٿي پڇي!

رهنمائو!
قومِ اوهان کان ٿي پڇي،
ورندي ڏيو؟

ملڪ جو مذهب جي نالي تي ڪيو حاصل اوهان
پنهنجي مقصد کي انهيءَ ۾ چو شامل ڪيو اوهان
يومِ آزادي جي موقعي تي ٻڌايو قومِ کي،
هي سياست آهه ڪهڙي جنهن رُلايو قومِ کي.

هن سياست جي دعوا هئي ته پاڪستان ۾
ڪا به هڪڙي قومِ رهندي ڪانه ڪنهن نقصان ۾
جنهن جي تهذيب آهه جهڙي زنده رهندي سا تئين
جنهن جي ٻولي آهه جيڪا انت هوندي سا تئين.

ڪنهن جي حق تلفي نه ٿيندي دين جي دولاب سان
حق ملِيءَ پوندو سڀن کي، پنهنجي عزت آب سان
هي وطن جاگير ناهي ڪنهن به آمر فرد جي
جاءِ هِت هرگز نه هوندي، ڪنهن به جابر فرد جي.

سامراجين جو نه هوندو ڪو اثر هن ملڪ ۾
۽ نڪي سرمايه داري جو ڏمر هن ملڪ ۾
هت مساوات ۽ اخوت جي نظامت رهڻي آهه
جو اصول اسلامِ جو تنهن جي قيادت رهڻي آهه.

ظلم قائم ڪين هوندو ۽ نڪي ظالم ڪوئي
مڪر سان يا جبر سان، ٿيندو نه هت حاڪم ڪوئي
خود غرض ڪوئي نه ٿي سگهندو ڪڏهن غاصب هتي
۽ نه رهڻو آهه هڪ مغلوب ٻيو غالب هتي.

رهنمائو!

قوم اوهان کان ٿي پڇي،

ورندي ڏيو؟

عهدنامو جو هيو جاري ڪيل هن قوم لاءِ
تنهن کي سمجهيو ٿي ويو بلڪل اٽل هن قوم لاءِ
ڇو ٿيو زيرو زبر سو عهدنامو رهبرو؟
ڪينءَ اوهان کان ٿي چڪو هي ڪارنامو رهبرو؟

اڄ وري اُن عهدنامي تي نظر ثاني ڪريو
هر سياسي ڪارنامي تي نظر ثاني ڪريو
آرسي هٿ ۾ کڻي پنهنجا عمل جاچيو اوهان
خود اوهان پيدا ڪيا ڪهڙا خلل جاچيو اوهان.

پاڻ ئي منصف ٿيو هن ڳالهه کي فيصل ڪريو
خود سزا لائق اوهان ڇو ٿا پيا بل بل ڪريو
شرم جي آهي اوهان کي ڏيو ٽٻي درياهه ۾
ڇو اچي ٿا خوار ٿيو هر هر سياسي راهه ۾.

ڇا اوهان کي ياد ناهي، قوم سان جو ڪجهه ٿيو

ظلم ٿيو، بيداد ٿيو، انڌير ٿيو سڀ ڪجھ ٿيو
سڀ اوهان جي ئي بدولت ٿي چڪو هن قوم سان
هاڻي کهڙو ٿا وري ناتو رکو هن قوم سان.

بهتر آهي قوم کان اي ليڊرو! پاسو ڪريو
قوم چاهي ٿي ته جلد از جلد پڻ پالهو ڪريو
جيڪڏهن نه ته قوم وٽ هر حرف جو آهي جواب
جو اوهان جو ظرف، تهڙي ظرف جو آهي جواب.

رهنمائو!

قوم اوهان کان ٿي پڇي،

ورندي ڏيو؟

ڪنهن ڪيو مذهب جي نالي ملڪ کي تاراج آه
ڪنهن جي مڪاري سبب، هي قوم ٿي محتاج آه
ڪنهن جي عياشيءَ عياريءَ سان ٿي برباد قوم
ڪنهن غلامي تي ڪئي مجبور هي آزاد قوم.
بيگناهي قوم جي ڇو جرم ٺهرائي وئي
قوميت ڪنهن وڌيا وانگي ڇو ٺڪرائي وئي
ڪنهن شرافت کي ڪيو نيلام پنهنجي واڪ سان
ڪنهن رذالت کي وڌايو، ڏوڏ واري ڏاڪ سان.

آدميت کي ڪيو مجروح ڪنهن هن ملڪ ۾
ديناداري کي ڪيو بي روح ڪنهن هن ملڪ ۾
پنهنجي مطلب لاءِ ڇو اهڙي سياست ليڊرو!
ڇو ڪئي ڪاري اوهان پنهنجي قيامت ليڊرو!

هاڻ ڪهڙو منهن کڻي، ميدان ۾ ايندا وري
جو اوهان پوڪي ويا سوئي اچي لڻندا وري
ياد آهي قوم کي جو پي سندو ڪردار آهه
قوم اوهان کي وئي سڃاڻي، قوم اڄ بيدار آهه.

جو اوهان جو دور هو، سو دور اڄ درڪار ناهه
هاڻ بيهر ڪو تباهي واسطي تيار ناهه
پنهنجي قسمت پاڻ بدلائڻ گهري ٿي قوم اڄ
هانوَ اوهان جي تي اجهو هڻڻ مُنگ ڌري ٿي قوم اڄ
بهتر آهي قوم کان اي ليڊرو پاسو ڪريو_!
بهتر آهي قوم کان اي ليڊرو پاسو ڪريو_!

# سنڌ موجود حق موجود

آءٌ نہ ڄاڻان ٻولي ٻي، آءٌ نہ ڄاڻان ورد ورود
ذڪر ڪريان ٿو سنڌ ڌرتيءَ جو، پڙهان ٿو ان تي لک درود،
سنڌ موجود، حق موجود!
سنڌ موجود، حق موجود!

آءٌ نہ پوڄيان لوڪ جٿان، ڏٺي ڪڏهن پي دنيا جا
منهنجي ڏياڻي سنڌ الاءِ صدقي جنهن تان سَوَ سجود
سنڌ موجود، حق موجود!
سنڌ موجود، حق موجود!

آءٌ نہ ووڙيان وسندي ڪاءِ پنهنجو اباڻو ماڳ ڇڏي
جيڪو اهڙا پير کڻي، ڪين ٿئي شل تنهنجو وجود
سنڌ موجود، حق موجود!
سنڌ موجود، حق موجود!

سنڌ ڌرتي ماءُ تہ سنڌ ڌرتي پيءُ، قوت ڪري تہ ٻہ چوندس جيءُ
ان ڪي بخشڻ آهہ خطا، جو ٻہ لتاڙي سنڌس حدود
سنڌ موجود، حق موجود!
سنڌ موجود، حق موجود!

تون ئي سور سهين سنڌ ڌرتي، تون ئي ڏارين ڏاڍن ڪي
تون ئي ڌم درياهن جي، تون ئي جهيٽو ساز سرود
سنڌ موجود، حق موجود!

سنڌ موجود، حق موجود!

تنهنجي جذبي ساڻ جيئان، تنهنجي مستيءَ منجهه مران
تنهنجي هستي ساڻ هجي، هر ڪا جنبش هرڪو جمود
سنڌ موجود، حق موجود!
سنڌ موجود، حق موجود!
................

# جيئي سنڌ جيئي شال

آزادي اعلان اسان جو، سوري پل سينگار ڪري
”مرويسون پر سنڌ نہ ڏيسون“ هوشوءَ جان للڪار ڪري
جيئي سنڌ، جيئي شال!
جيئي سنڌ، جيئي شال!

هن ڌرتيءَ جا دودا جاڳيا، جاڳيو دريا خان وري،
هن ڌرتيءَ جي مٽي لهندي، مُرڪي پنهنجو مان وري،
جيئي سنڌ، جيئي شال!
جيئي سنڌ، جيئي شال!

پنهنجي حجت آهي تہ پنهنجي ملڪ ۾ پنهنجو نظام رهي،
ڌارين جي ڪا ڏاڪ نہ گهرجي، سنڌ نہ ڪنهن جي غلام رهي.
جيئي سنڌ، جيئي شال!
جيئي سنڌ، جيئي شال!

دين جي دوکي لٽجي ڦرجي، نيٺ اسان اک کولي اڇي
سنڌ سوا ٻي ڳالھ نہ ٿيندي، سامهن توڙي گولي اچي
جيئي سنڌ، جيئي شال!
جيئي سنڌ، جيئي شال!

سنڌ سجاڳ ٿي آهي هاڻي، سنڌ نہ پوئتي پوڻي آھ
ڇا بہ ڪري ڪو ڪجھ بہ نہ ٿيندو، سنڌ سلامت رهڻي آھ.
جيئي سنڌ، جيئي شال!
جيئي سنڌ، جيئي شال!

---

# منهنجي ڌرتي

منهنجي ڌرتي، هي سنڌ، ديس دلارن جو وطن!
منهنجي سرويچ، سدا مور، سنگهارن جو وطن!

هن جي تاريخ جو انسان اُتاهون سڀ کان
هن جي تهذيب جو منهن مانُ مٿاهون سڀ کان
هن کي تاراج ڪندڙ، پاڻ ٿيو تاراج ٿئي
آهه برباد به آباد سگهارن جو وطن!

هن جي غيرت کي نه ڪنهن سان ٿو پيٽي سگهجي
هن جي حجت کي نه ڪنهن ريت ٿو ريٽي سگهجي
هن جو هر ڏاڍ ڏمر ساڻ مُهاڏو آهي،
هي ڪڏهن ٿي نه سگهيو آهه، مَيارن جو وطن!

منهنجي ساڻيهه ڏٺا غير جا پرڪار سوين،
هن کي پنهنجن مان به معلوم ستمگار سوين
منهنجو ساڻيهه سجاڻي ٿو گلِ ۽ خار مڙئي،
بي خبر ناهه خزائن کان بهارن جو وطن!

هن تي ڌاريو نه ڪڏهن ڌاڪ جمائي نه سگهيو
هن کي پنهنجو به ڪڏهن ماري مچائي نه سگهيو
ڪير آهي جو مٽائي سگهي مانداڻ سنڌياس
ڪير آهي جو ڪري مات، مٽارن جو وطن!

منهنجي ڌرتيءَ جو گنهگار نه بخشيو ويندو
ڪوبه غاصب ڪوبه غدار نه بخشيو ويندو
روپ رهبر جو وٺي سگهندو نه رهزن ڪوئي
هاڻ بيدار ٿيو آهه پيارن جو وطن!

منهنجي ڌرتي ٿي جڏهن خواب مان بيدار ٿئي
هن جو مندو ٿو حياتيءَ مان بيزار ٿئي،
هن جو منصور سدا حق جو نعرو ٿو هڻي،
هن کي تاريخ سڏيو آهه سچارن جو وطن!

هي وطن منهنجو وطن، منهنجي اباڻن جو وطن
منهنجي معصوم اياڻن ۽ سياڻن جو وطن
شال تاريخ جي ان دور جان آزاد رهي
جنهن کي سڀ ڪو ٿو چوي، چنڊ ستارن جو وطن!

منهنجي ڌرتي، هي سنڌ ديس دلارن جو جو وطن!
منهنجي سرويچ، سدا مور، سنگهارن جو وطن!
..................

# اي وطن منهنجا وطن

اي وطن منهنجا وطن، پيارا وطن تون لک لهين!
تنهنجا ويرانا بہ ٿا مونکي وڻن تون لک لهين!
اي وطن منهنجا وطن، پيارا وطن تون لک لهين!

تنهنجي ٻبرن جي ٿڌيري ڇانوَ بستن کان ڀلي
تنهنجي ڪيرولين جي منڙي لست پستن کان ڀلي
غير جي گيندي کان وڌ تنهنجو ٻُڪن تون لک لهين!

تنهنجي ندين ۾ محبت ڦيريون پائي پئي
تنهنجي پوکن ۾ حياتي پيرويون ڳائي پئي
تنهنجي جهونگارن تان صدقي جان تن تون لک لهين!

تنهنجي ٻولي جڻ تہ اونداهيءَ ۾ ٽانداٽا اَلا
تنهنجا ڳيتا جڻ تہ چانداٽين ۾ مانداٽا اَلا
تنهنجي مجلس تي ملائڪ پي ڇڪن تون لک لهين!
تنهنجا جهانگيئڙا وسن جهڙا انهيءَ اهڃاڻ ۾
جڻ تہ اونده ۾ ستارا جڻ تہ گل چانڊاڻ ۾
شال سي ساوڻ جئان سرها رهن تون لک لهين!

موملیون تنهنجيون مَرم وَاريون انهيءَ انداز سان
جڻ تہ ڪونجن جون قطارون جڻ تہ ڪي سُر، ساز سان
جن جي قدمن تي ستارا ٿا جهڪن تون لک لهين!

تو ۾ مريادا جون مرليون، تو ۾ سرندا ساءَ جا
تو ۾ وندر جي ولايت، شهر آدرپاءَ جا
تو ۾ ڏکندا ڏٺا سُکن جا دم ڪٽن تون لک لهين!

او اَلا اڄ تنهنجي قسمت اي وطن ڪنگال آهه
تنهنجي دامن ۾ جياپو ٿي پيو جنجال آهه
ڪِن ڪيا تو ۾ گهٽا، ميرن مندن تون لک لهين!

تو جي جهوليءَ ۾ نپايا نانگ تن جهوري ڇڏيو
ڏنگ ڏاڍائن هڻي، پٽرن جئان پوري ڇڏيو
تنهنجا سانگيئڙا سکن ليءَ ٿا سڪن تون لک لهين!

ڪالهه جن ٿاڪن تي سا رنگ جي وسڻ جا ويس هئا
منهنجي مارن جا گلابن جان گلابي ويس هئا
اڄ انهن ۾ ڪانگ ٿا رڙندا وطن تون لک لهين!

توکي جيڪا پي لڳي گهر مان لڳي ڪو شڪ نه آهه
ڏوهه ڇا پين کي ڏجي، پنهنجن ئي ڪئي ڪو شڪ نه آهه
اڄ به توتي واڪ ٿا ڏيندا رهن تون لک لهين!

ڇا به ٿي تون منهنجو آهين، مان آهيان تنهنجو وطن
جيءُ جسو گهوري ڇڏيندس تو مٿان پنهنجو وطن
توکي رکڻو آهه سلامت جان من تون لک لهين!

.................

# سنڌ ڙي ٻه تون، منهنجي جند ڙي ٻه تون!

سنڌ ڙي ٻه تون، منهنجي جند ڙي ٻه تون،
منهنجي ڌرتي ٻه داتا ٻه تون!

تنهنجي هستيءَ سان جي ٻه هاجا ٿيا،
منهنجي گيتن ۾ گوندر گڏيندا ويا
ٻولي ٻه تون، منهنجي لولي ٻه تون
منهنجون آهون، اِلاهون ٻه تون!

توسان اوپر آڙيو، توسان اُتر آڙيو
ڪين پائي ويو جو ٻه توسان لڙيو،
مڪلي ٻه تون، منهنجي مياڻي ٻه تون
منهنجي سانگين جي سامئي ٻه تون!

تنهنجا ڏڪڙا وڃن، تنهنجا سُڪڙا ورن،
توکي ڪوڻين ڪڙيو جن سي ماري مرن
سنڌو ٻه تون، منهنجي سنڌيا ٻه تون
منهنجي مارن جي مارئي ٻه تون!

تنهنجا دودا جيئن، تنهنجا دولهه جيئن
شال پنهنجا ٻه لايا سجايا ٿين،
ٻاگهي ٻه تون، منهنجي تاري ٻه تون
منهنجي ننگر جي ڪويل ٻه تون!

توتي مانجهين، متارن جو سايو رهي
توتي ڪنهن جي اُچائي نه ڪوئي سَهي
موکي به تون، منهنجي نوري به تون
منهنجي جيڏين جي جيجل به تون!

تنهنجو ناتو سچاڻي جي نانگا ٿيا،
پاڻ ماري به توکي جيئاري ويا
مومل به تون، منهنجي سومل به تون،
منهنجي راڄن جي راڻي به تون!

توتي واڳون وريا، تنهنجا ميهر مُنا،
راءِ ڳرنار ۾، تڙ تي ڪونڌر ڪُنا
سهڻي به تون، منهنجي سورٺ به تون،
منهنجي سوڍن جي ساڻي به تون!

اڄ به روپا، رني ڪوٽ متبا وڄن
اڄ به ڪينجهر مٿي ڪنگ رڙندا وتن،
ڀنڀور تون مون لِءِ موهن به تون
پنهنجي اجڙيل ڪهاڻي به تون!

ڪيس ۽ ڪوس ٿا تو مٿان جڙن وڌن
دل ٿي ڏاڍا ٿئي، نيڻ ٿا رت رُون،
ڏتڙيل به تون، اجا ڏوهي به تون،
پنهنجي ڌرتي جي ڏياڻي به تون!

اي خدا هي تماشو، هي انڌير ڇاھ؟
سنڌ شايد نہ تنھنجي خدائي ۾ ناھ!
قھار تون _ جبار تون،
منھنجي ڏاڍن کان ڏاڍو بہ تون!

تون ئي تون آھ مونکي، او سنڌ ڙي سدا
ڪو بہ غم يا خوشي ناھ توکان جدا
سپنو بہ تون، منھنجي ساٿيا بہ تون،
منھنجون سانتيون بہ لاتيون بہ تون!

جڳ جيئي پاڻ ليءِ آءٌ نہ اھڙو ٿيان
آءٌ تو ليءِ مران، آءٌ تو ليءِ جيئان
تيرٿ بہ تون، منھنجا تڪيا بہ تون،
منھنجر مُڪتي بہ ماتا بہ تون!
سنڌ ڙي بہ تون
منھنجي جند ڙي بہ تون
سنڌ ڙي بہ تون.

# سنڌڙي منھنجي ماءُ

**سنڌڙي منھنجي ماءُ او منھنجي جيجل توتان گھور ٿيان**
**شال نه ٿيان غدار سنڌ ۾ ڊاڪو ٿيان يا چور ٿيان**

آيل تنھنجي سارھ ڪھڙي تون ائين منھنجي گيتن ۾
شاھ سونھارو پوئي ويو جيئن آيت آيت بيتن ۾

ڪڏهن ته تنھنجو روپ ھو ائين جڻ جلوو ٻانھينءَ واريءَ جو
ھئي حياتي ھيج ۾ ائين جڻ چيچ ۾ چيڏڪ ڪنواريءَ جو

ڪڏهن ته لال ڪنوار ھئينءَ اڄ بيوھ جان بيحال آ ٻوءِ
جيجل تنھنجي جھول ڪي جس پر دل وارن جو ڪال آ ٻوءِ

سانوڻ آيو سور ويا ته ٻه تنھنجو اھو ئي حال رھيو
ساڳيون لھريون ساڳيا لوڏا، ساڳيو سُک جو ڪال رھيو
وري وري ڪو واءُ سٽائو وري مِٽيءَ کي مانُ مِلي
سنڌڙي آھي اوسيئڙي ۾، مانَ ڪو دريا خان مِلي

سنڌڙي تنھنجي ڳالھ ڳجھي ٿا دريا خان کي ياد ڪريون
شال اھا دل ڌاري اسان اڄ تنھنجي جند آزاد ڪريون

آيل تنھنجي سورن جا ٿا اسان کي ائين اھڃاڻ لڳن
ننڍ مان ڇرڪي ٻار جئين ٿا، ماءُ جي ڇاتيءَ ساڻ لڳن

مڪلي ٿي اڄ ٻوڙها ڳاڙي، مياڻي ٿي فرياد ڪري
آهي ڪو جو سنڌ ڌرتيءَ کي اڄ، سَڌ ڌرين کان آزاد ڪري.

روئندي روئندي نير کُٽي ويا، لهو اڇي ويو لُڙڪن ۾
آءُ ڪينءَ ڪلندي کير پير پيئان، منهنجي سنڌ ڌرتي آهي سڏڪن ۾

سنڌ ڌرتي تنهنجا وير جيئن، تون شاد رهين آباد رهين
شال اڄن سي ڏينهن جڏهن تون، جنجل کان آزاد رهين

اسان مڙڻ جا ڪينڪي آهيون، پلي ڪريو سو ڦند ڪٽي
مرويسون پر سنڌ نه ڏيسون، هوشوءَ جو سوڳنڌ ڪٽي

سنڌ ڌرتي آهه ته سڀ ڪجهه آهي، سنڌ ڌرتيءَ سان ئي جند ڌرتي آهه
اسان ته ڪجهه پي ناهيون سائين، جيڪي آهي سنڌ ڌرتي آهه

سنڌ ڌرتي تو جي سور سَنا، تن سورن جا سوڳنڌ ڪٽي
اسان ڪريون ٿا عهد ته تنهنجا، ويري وڍبا رند ڪٽي

جيجل تنهنجي سام جهلي جن سڌ ڌرين توکي سور ڏنا
انهن ئي سورن سيڪنهن کي اڄ پويا ڌرتيءَ جا پور ڏنا

اسان گهڻو ئي سکي چڪاسي، هاڻي نه ڪجهه سيکاري ڪو
وطن جي حب ايمان اسان جو، سوري پل سينگاري ڪو
هاڻ اسان کي هن ڌرتيءَ تي، دودو ٻڄي رهڻو آهه
خود داريءَ سان جيئڻو آهه يا سورهيه ٿي سِر ڏيڻو آهه

سنڌ ڙيءَ ڪارڻ سودائي ٿي، سر ڏئي ساري ڪرڻي آهه
سنڌ ڙيءَ جا سرويچ جيئن شل، سنڌ ڙيءَ جي پَت رکڻي آهه

سنڌ ڙي جا مخدوم بلال جي، سن جي سائين حيدر جي
تنهن سنڌ ڙيءَ تي ڌاڪ نه رهندي ڪنهن بيگاني بيدر جي

سنڌ ڙي تنهنجي سانگين ڪي جن ڏني تپائي توڙي آهه
ساموئي جو سُنهن ته انهن سان هڪ هڪاٽي ڪرڻي آهه

فيصل ٿيندا فتنا سارا، اسان کي چپ ٿي رهڻو ناهه
سنڌ ڙيءَ کي جن سودو سمجهيو، سؤلو تن کي ڇڏڻو ناهه

يا ته اسان جا سِر ويندا يا ڌاريا ٿيندا ڌوڙ هتي
سچ جي ساک سلامت رهندي، رهڻو ناهي ڪوڙ هتي

هيڪر دل درياهه ڪري، جنءُ اُٿلي پياسين اوٺر جان
سارا دوکا ڌوڙ ٿي ويندا، ڏونگر ڏرندا محشر جان

راڻا ڪاڻا راڄ ڏئي تو راڄ ڪيا رنجور مڙئي
تنهنجي ڪائي گهرج نه آهه، ڪڻ دوکي جا دستور مڙئي

سنڌ ڙي ڪنهن ارغون جي ناهي، سنڌ ڙي ڄام نظام جي آهه
غاصب توکي ڪو حق ناهي، سنڌ ڙي سنڌ جي عام جي آهه

سنڌ تصور ناهه حقيقت آهه، مجاز نه ٿيڻي آهه
”چا ٻه ڪري ڪو ڪجهه ٻه نه ٿيندو، سنڌ سلامت رهڻي آهه“

سنڌ ڙي تنهنجي ناوَ تان صدقي، منهنجا سپ سنگيت اَلا
جيسين جيئندس تيسين لکندس، تنهنجي غم جا گيت اَلا.

# او سنڌو سونها ري سنڌو

او سنڌو سونها ري سنڌو، توکي جهڪي ٿا سلام ڪريون
تون ئي اسان جو عشق ۽ مذهب، توريءَ ٻيو نه ڪلام ڪريون

جيڏي تو ۾ موج ۽ مستي، تيڏي هستي مانجهين ۾
صبح جو نُور پرين ٿا جيڪي، اوندهه آيل سانجهين ۾

هيءَ ڌرتي هيءَ سرجڻها ري، هيءَ ڌرتي اباڻي آهه
ڪير جو هن تي ڌاڪ جمائي، اهڙي ڪنهن جي هستي آهه

صدين کان پوءِ آئي سُجاڳي، جاڳي اٿيا شهمير مڙئي
مادر تنهنجو مانُ سلامت، مهل ڪندا مهمير مڙئي

سنڌ ڙي تنهنجا سورهيه جاڳيا، هاڻ متان دل لاهين تون
تو ليءِ سرڙو آهه ترِيءَ تي، اڄڪله سڀ ڪجھ آهين تون

انڊلٺ وانگي رنگ برنگي، اجرڪ لونگيون مارن جون
ڳاهيون ۽ ڳُڻ ڳائڻ وينا، تنهنجن سوين هارن جون

هيج ڪري ائين نڪرن جيڏيون، المست ٿي تنهنجي جهونگر ۾
جڻ نه ستارا سونهريءَ تي جڻ ڪنول قطارون ڪينجهر ۾

هي سڀ تو ليءِ آهه سنڌ ڙي، ٿيا ڌاريا جنهن کان دنگ ڏسي
ايندڙ نسل نه پنتي پوندو، هي پنهنجي مقدس جنگ ڏسي

ڌاريا تنهنجي دال نہ ڳرندي، چو ٿو خلق ڪلائي وڃين
سنڌ ڪو حلوو ناهي جو تون، ڳيت ڏئي ڳڙڪائي وڃين

سنڌ سڪندر کان بہ نہ ٿي هئي زير، تہ توکان ڇا ٿيندي
تو جهڙي جنجاليءَ جي هٿ جاءِ ڪڏهن بہ نہ ڪا ٿيندي

تون پيو ٻڌ او چنيسر يارا! تنهنجي بہ هاڻ ڪٿي آهي،
تنهنجي مڙسي تنهنجي ڪرسي ڪنهن کان ڪين ڳجهي آهي.

تو جي ڌارين سان ساڻ مِلي ءِ پال پلايا پنهنجن سان،
تن جا ڪيتا لوڙين ويٺو، جُٺ ڦِٽ طعنن ٽُڪن سان.

ڪر موڙي تاريخ اُٿي آهہ، دهرائي ٿي پاڻ وري،
دودي وارو درد ڪٿي اڄ آئي آهي ساڻ وري.

هاڻ نہ ڪوئي ڳوڙها ڳاڙي، هاڻ نہ ڪو دلگير ٿئي،
هاڻا ئي همت گهرجي، تبديل جيئن تقدير ٿئي.

آڏا ڏونگر ڏاڍ تڏهن پيو، ڇاتي تاڻي هلڻو آهہ،
گولين سان منهن گهوٽ ئي ڏيندا، پٺتي پير نہ هڻڻو آهہ.

جنهن بہ شهادت ماڻي آهي، پنهنجي وطن جي واهر ۾،
آمر اُهوئي رهجي ويندو، باطن توڙي ظاهر ۾.

اڄ جو نعرو سيان جي هلچل، ميڙو اَنت مَچي پوندو،
نيٺ ته سنڌ جي ساري ٿيندي، نيٺ ته جبر جهُڪي پوندو.

دريا خان جي دل جو قسم، اَڄ هوشوءَ جهڙا جوان هتي،
سوڀ جو سودو سِر سان ڪرن جي، اهڙا پِي انسان هتي.

تون پل ڏاهه ۽ ڌاهه پيو، هي دهشت جا دستور ميان!
ڪنهنکي ڪهي پر ڪنهنکي ڪهندين، ملڪ مڙئي منصور ميان!

سوريءَ تي سر تڏهن به پنهنجو نعرو هوندو جيئي سنڌ !
جيئي سنڌ ته جيئي جند ، هرڪو چوندو جيئي سنڌ !

# اهو عهد آهه سنڌڙي

اهو عهد آهي سنڌڙي، توکي پنهنجو ڪرڻو آهي،
توتي جان پنهنجي گھوري، توکي زنده رکڻو آهي.

توتان عشق، حسن صدقي، توتان صدقي دين، دنيا
تون سکي رهين سدائين، توکي ڏک نه ڏيڻو آهي

تو ڏهاڳ جي ڏجهن ۾، ڪئي عمر پوري
توکي صدق جي سزا ۾، بيو سور سهڻو آهي

تو بهار جي طلب ڪئي ته خزان جو دور آيو،
تو خوشيءَ جي خواهشن ۾، ڪيو غم سان پرڻو آهي

تو جا آهه ڪئي انهيءَ جو ڪو اثر ته نيٺ ٿيندو
تون اداس ٿي نه جيجان وري وقت ورڻو آهي

توکي غير غم رسايا ته خوشي لٽائي پنهنجن
انهي ريب جي اوراٽي، سچو وير ونڻو آهي

توکي جن بڻايو دوزخ، اهي دوزخي ٿي ويندا
توکي جنت جان نئين سر نئون روپ ڏيڻو آهي

اجهو انقلاب آيو، اجها بدلي تنهنجي حالت،

اهو ڏينهن نيٺ ايندو، اهو ڏينهن نيٺ ڏسڻو آهي

ڪيو قول جيڪو هوشو اهو ياد آهه اڄ پڻ،
اسان مرسون سنڌ نه ڏيسون، ائين انت ٿيڻو آهي

توکي ڏاڍ سان ڏنگيو جن، اهي نانگ ويا نيراني،
مونکي تنهنجو سنهن نه توکي، وري مُرڪي جئڻو آهي

وري دوهه جي سياست، ڪيو گرم غيرتن کي
جيئي سنڌ جي سهاري، نئون دور اچڻو آهي

هي سجاڳي نسل نئين جي، هي جوان دل جا جذبا،
مونکي آهه يقين بلڪل نه ڪو رنگ رچڻو آهي

اها قوم قوم ناهي، جا وطن جي واهرو ناهه
اهو داغ پنهنجي سِر تي، نه مدام رهڻو آهي

هي زمين جنهن جي دل ۾، ٿو صدين جو درد ڌڙڪي
هتي مات ناهي ڪائي، نڪو موت اچڻو آهي

هي نياز تنهنجي نالي، تون جئين جڙين سدائين
تنهنجي لاءِ جيئڻو آهي، تنهنجي لاءِ مرڻو آهي

# هي سنڌ ڙي هي سانگي

الا منهنجي سنڌ ڙي جا هر دور ۾
پنهنجي ماڙئي جئان ٻي جي محڪوم آهي
ننڍڙڪي نماڻي تي گهاري سدائين
ٿيل سپني حقن کان محروم آهي
ڏکيا ڏينهڙا منهنجي ماروئڙن تي
سندن حال چورڻ جان مظلوم آهي

جڏهن پي هتي ڪو نئون سج اڀريو
نه ڪرڻا ڪري اوٽ انڌير آيو
حياتيءَ جا حرف وسري ويا جڻ نه
اونده ۾ ڪنهن نانگ تي پير آيو
مرن وانگ ماڻهو ٿيا دربدر
حوصلا ويا نه هر ڳالهه ۾ ڦير آيو

هي سنڌ ڙي جا سرسبز، آباد رهندي
ٿي آئي بهشتن جي بازار وانگي
هي سنڌ ڙي جو ڀنڀور سهڻو سدابو هيو
جو بهارن ۾ گلزار وانگي
حياتيءَ جي مومل هتي آس جي ڪاڪ ۾
مست هئي جهڙ ۾ انار وانگي

هي سانگي جي پنهنجي پراون جي ڏک سک تي
پنهنجي خوشي پي نڇاور ڪندا هئا

محبت مان مرڪيءَ گهر آئي مهمان جو
پائرن وانگ آدر ڪندا هئا
سڀاجها ءِ سادا رهي، سور سختيون سهي
پي سچائي تي باور ڪندا هئا

هي سنڌڙي هي سانگي اهي ڪين آهن
جي آهن نه پي جڻ نه ڪي چور آهن
نه رونق نه رمزون ائين ٿو سجهي جڻ
نه برپٽ جي پڙپانگ ۾ ڏور آهن
هي هيئن ڪين هئا پر انهيءَ جي ڪري ٿيا
جو ظلم ۽ تشدد کان ڪمزور آهن

هي جي پنهنجي قسمت جا مالڪ هئا
سي ٻين جا ٿي محتاج سڪندا رهن ٿا
اٿن ۽ ويهن پاڻ ٿا پر ٻين جي اشارن تي
بيجان پتلين جان هلندا رهن ٿا
جيئڻ جي بهاني جيئن ٿا مگر سچ نه آئندي
جي وعدن تي مرندا رهن ٿا

هي هاڻي انهيءَ حال ۾ ٿا رهن
جڻ نه ساڳيو غلاميءَ جو دور آهي
فلنگي جي فتنا پکيڙي ويا تن جو جاري
بدستور اهو طور آهي
ڦُريون ڪينءَ ڦرين کي، اهو ڦندو پورو ٿيو
نه به انهيءَ تي اجا زور آهي

هي ڌرتي هنن لاءِ ڌاري ڪئي وئي
جا ڌرتي هنن کي جنم ڏئي چڪي هئي
هي ٻولي هنن جي نه ٻولي رهي جا
هنن کي ديا ۽ ڌرم ڏئي چڪي هئي
هي جيوت هنن کان جدا ٿي وئي جا
هنن کي جيئڻ جو قسم ڏئي چڪي هئي

هنن جو اهو ڏوھ آهي ته بي ڏوھ
ٻڌجي زماني ۾ جيئندا رهن ٿا
پلائيءَ جو بدلو برائي ملي ته به
کلي خوش ٿي سڀ ڪجھ چڏيندا رهن ٿا
سَنڌو ناھ رهبر ۽ رهزن ۾ ڪوئي
هي مڙنيءَ کي مُهت ڏيندا رهن ٿا
هنن ۾ ڪوئي هوش ۽ جوش ناهي
هنن کي سنتي ڏئي سمها ريو ويو آھ
متان ڪا هنن ۾ سجاڳي اچي
رهنمائن کي چڪمو چکايو ويو آھ
جتي ئي هئا هي اتي ئي هنن کي
ڏئي چپ تي سوئي بيها ريو ويو آھ

هي آھ سنڌ ۽ ان جي سانگين جي تقدير
جي اڄ زماني جي آئي ۾ آهن
گلابن جان معصوم جن جي طبيعت
اهي تيز ڪَندن جي گهائي ۾ آهن

حياتيءَ کان بيزار، خاموش گم سم
نہ ڪنهن جي سڻي ۽ نہ سائي ۾ آهن

جو انڌير ڪرڻا ڪري اوٽ آيو هيو سو
اجا تائين وڌندو رهي ٿو
اونداهي جو گهمسان آٿي ۽ چانڊاڻ
جي چيٽ کي چوٽ ڏيندو رهي ٿو
هي سپ ڪجهہ جو ٿيندو رهي ٿو انهيءَ کي
تماشائي ٿي هرڪو ڏسندو رهي ٿو

اجا لُڙڪ جي چانوَ ۾ مرڪ آهي
جڏهن مُرڪ اُٿلي تہ طوفان ايندو
جي سپ ڪجهہ وڃائي رهن ٿا، ورائي سگهن ٿا
انهن ۾ جي جولان ايندو
تہ ڪن پل ۾ چوپڙ ئي چوپٽ ٿي پوندي
رهائي تي سپ ڪنهن جو ايمان ايندو

هي مارئيءَ جا مارو، هي ٻاگهيءَ جا دودا
هي مڪليءَ جا جوڌا، هي مياڻي جا مانجهي
جڏهن گاج ٻادل ۽ ڪنوڻين جان نانگا
ٿي نڪتا وطن جي، وراڻي جا مانجهي
تہ سپ گوڙ گهمسان، ڪک پن ٿي ويندا
نہ رهندا هتي ڪي، سگهاڻي جا مانجهي.

(سنڌي شام تي لکيل)

# سنڌ سدائين جيئي شال

سنڌ سونهاري، سرجڻهاري سڀ جي پياري جيجل وانگ
هن جا راڻا، ساهه سيباڻا، هن جون سوڍيون مومل وانگ
هن جا گيت، سپن جا گيت، ڳائن ٿا سڀ ٻيجل وانگ

سنڌ سڀاڳي ڀاڳ ڀري هئي، ساوڻ جي برسات جيان
پر نه رهايو قسمت هن سان، ڪاري ڪهري رات جيان
هاڻ ته هن تي ڏينهن اچي ويا، ٻيوهه جي اوقات جيان

سنڌ ٿي سڏڪن ساڻ سنپاري، مياڻيءَ وارا مانجهي اڄ
سر ڏئي جيڪي سام بچائن، راڄ دلارا مانجهي اڄ
هاءِ هجن ها جيئرا جيڪر، هوشوءَ پارا مانجهي اڄ.

هوشو جيڪو سنڌ جو سورهيه، راڄ سڄي جو راڻو هو
حب وطن جو ڪوڙيو ڪوندر، جنهن کي ملڪ تي ماڻو هو
آزاديءَ جو پروانو جڻ، لکن ۾ هڪ ڏاڻو هو.

هوشو جنهن جي جنگ هئي تن سان، جن جا جڏا ڪردار هئا
هڪڙا ڏاريا جيڪي لوڀي، ٻوڳي ۽ خونخوار هئا
۽ ٻيا پنهنجا جيڪي اوڻا نپنا غدار هئا

سنڌ ۾ ڌارين اکيون وڌيون ۽ سنڌ جو ڀاڳ لُٽڻ لڳا
هن جو ارڪو ترڪو ڪڍندي پنهنجا گهر ٽڙ پرڻ لڳا

سنڌ کي مفت جي مال جيان بي رحم هٿن سان لٽڻ لڳا

ڊؤ نہ ٿيو تہ بہ پوڊاين جو، آخر حرص جي هام هٽي
واسينگن جان وڏندا آيا، ويرين واري لام هٽي
پنهنجا پنهنجو ننگ وڃائي، گڏيا انهن سان گام هٽي

سنڌ چٽي وئي بگهڙن کان پر واسينگن جي وات پئي
ڏاڏائين جا ڏنگ لڳي ويا ڏونگر کان ٿي مات پئي
ويچاريءَ سان ويل وهيا، جڻ بر ۾ ڪنهنجي رات پئي

سنڌ جا وارث ويڳا ٿيا، سنڌ جي واهر ڪانہ رهي
پائيندڙ جان پائي آيا ڏاريا، آڌر ڪانہ رهي
آزاديءَ جي ڪا بہ توقع رتيءَ ماتر ڪانہ رهي

جڏهن وطن جي آزاديءَ کي، آندو ڏارين خطري ۾
ڪوئي ڪنهنجو ڪونہ رهيو، وڌو سڀ کي ڏکارين خطري ۾
سنڌ پڪاريو آهن ڪي جي، واهر وارِين خطري ۾.

هڪل ڪري ڪنهن مرد پڪاريو، آس آس آيل مان
جاڳي مرد جي غيرت ائين جڻ، بجليون نڪتيون بادل مان
آيو هوش مان جوش ۾ ائين جڻ، ڇوليون اڀريون ساحل مان.

هي هو، هوشو آيو جيڪو، طوفانن جان شور ڪري
ڳاج جئان گجگوڙ ڪري، ماحول ڇڏيائين اور ڪري
ڪير آهي جو منهنجي وطن کي، غلام بڻائي زور ڪري.

منهنجي وطن کي ڪوئي ٻالم، ڪنهنجو غلام نه رهڻو آهه
جيسين غيرت باقي آهي، تيسين غير سان لڙڻو آهه
آزاديءَ سان جيئڻو آهي، آزاديءَ سان مرڻو آهه

آزادي حق آهه اسانجو، ڌارين جي جاگير نه آهه
آزاديءَ تان سڀ ڪجهه صدقي، ٻي ڪائي تدبير نه آهه
ڌارين جي جو ڪري غلامي، سو ڪوئي مهمير نه آهه

هوشو مرندو مري ويو ته ٻه، قبول ڪيائين نه غلاميءَ کي
وري ڪوئي منصور هليو ويو، ڏئي تياڳ جوانيءَ کي
سنڌ ڙي اڄ ٻي فخر منجهان، ٿي ساري اهڙي ماڃهيءَ کي.

سنڌ ڙي جنهن جي آزاديءَ تان، هوشو ٿيو قربان الا
هوشو جنهن جي حب الوطني، هن جو هئي ايمان الا
ان جي وطن مان پيدا ٿيندا، هوشوءَ جهڙا جوان الا

جيڪي ٻڍجي شير وطن جي، ويرين کي للڪار ڪندا
ڪيرائيندا قيد جا ڪوٽ، ۽ مندن کي مسمار ڪندا
سنڌ ڙي تنهنجو عشق سلامت، نعرو هي نروار ڪندا.

آزادي دا ننگ رکيسون _ سنڌ سدائين جيئي شال
مور نه ڪنهن دي غلام رهيسون، سنڌ سدائين جيئي شال
مرويسون پر سنڌ نه ڏيسون، سنڌ سدائين جيئي شال.
(هوشوءَ جي ورسيءَ تي لکيل)

# سنڌ جاڳي پئي

سنڌ جي مڪلي ۽ سامونئي جو قسم
شاهه جي سهڻي ۽ مارئي جو قسم
پنهنجي جهانگين ڪي جهوليءَ ۾ لولي ڏئي
پنهنجي لوليءَ کي ٻاڪُريءَ جي ٻولي ڏئي
سنڌ جاڳي پئي!

رات جي سانت ۾ ڪنهن ستاري مثال
صبح جي نور ۾ ڪنهن نظاري مثال
ماءُ جي روح ۾ راس لولي جيان
ڪنوار جي ذهن ۾ ڪنهن پرولي جيان
سنڌي جاڳي پئي!

هير جي هنج ۾ مست سرهاڻ جان
وير جي ور تي المست چانڊاڻ جان
ڪوئي معصوم پينگهي ۾ مرڪي جئين
ڪوئي محبوب ياڊن ۾ مشڪي جئين
سنڌ جاڳي پئي!

سنڌ صدين کان مظلوم رهندي اچي
پنهنجي حقن کان محروم رهندي اچي
هن جي آهن مان اميد ڪرڻا ڪڍيا
اوچتي جوت جذبن مان جهرڻا ڪڍيا
سنڌ جاڳي پئي!

ڪو زمانو ته هن سان اهو ظلم هو
هن جو نالو وٺڻ پڻ وڏو جرم هو
ڪالهه اُن جرم ۾ جي به جهلجي ويا
تن جي صدقي هي سڀ رنگ رچجي ويا
سنڌ جاڳي پئي!

ڪالهه هن تي ته ڪنهن لڙڪ لاڙيو نٿي
هن جي سورن سان ڪوئي سلهاڙيو نٿي
اڄ ته هرڪو ئي ٿو رت وهائڻ گهري
عشق هن جي ۾ سوري سجائڻ گهري
سنڌ جاڳي پئي!

ڪو پلي مڪر ۾ جبر جاري رکي
هوش ۽ جوش ٿي سنڌ ساري رکي
هاڻ حيلو هلي ڪين سگهندو ڪوئي
سنڌ ماري مڃائي نه رهندو ڪوئي
سنڌ جاڳي پئي!

ظلم قائم نه رهندو نه ظالم هتي
۽ نه غاصب رهي سگهندو سالم هتي
جن حياتي اسان تي ڪئي تنگ آهه
سنڌ ساري جي تن ساڻ اڄ جنگ آهه
سنڌ جاڳي پئي!

سنڌ اي سنڌ منهنجي ايامن جي سنڌ
مونکي آسيس ڏي منهنجي خوابن جي سنڌ
تنهنجي گيتن کي سنگيت ڏيندو رهان
تنهنجو چارڻ ٿي هيءَ سين هٽندو رهان
سنڌ جاڳي پئي!
سنڌ جاڳي پئي!

# جنگ جاري رهي!

جانبازو جيئي سنڌ وڌندا هلو
سنڌ جي سڏ تي سڀ جيءُ چوندا هلو
سر تريءَ تي رکي سڱن هڻندا هلو
جنگ جاري رهي، جنگ جاري رهي!

سنڌ سڏڪن ۾ هئي هاڻ مُشڪي پئي
پنهنجي جاين مٿي ماءُ مرڪي پئي
سوڀ جي جوت جذبن مان جرڪي پئي
جنگ جاري رهي، جنگ جاري رهي!

هي جيئي سنڌ جي سڱن هر جوان جي
جنهن کان لرزي ٿي ديوار زندان جي
ختمِ اها ئي ڪندي رات گهمسان جي
جنگ جاري رهي، جنگ جاري رهي!
جوش جذبي سان هر حال تيار ٿيو
ظلمِ جي تير آهي نه تلوار ٿيو
ظالمن لاءِ سِيهي جي ديوار ٿيو
جنگ جاري رهي، جنگ جاري رهي!

پنهنجي تاريخ نئين سر ٿي نروار ٿي
هرڪو سنڌ ڌيءَ سان ٿو وفادار ٿي
ڇا مجال آهه جو ڪوبه غدار ٿي
جنگ جاري رهي، جنگ جاري رهي!

# جنگ اسان جي جاري رهندي

پنهنجي حق جي باري ۾، پنهنجي سنڌ جي باري ۾
سنگينن جي سامهون توڙي، گولين جي وسڪاري ۾
جاري رهندي، جاري رهندي،
جنگ اسان جي جاري رهندي!

جاڳي سنڌ سگهاري آهه، جاڳي سنڌ سگهاري آهه،
جاڳيا نينگر ننگر پارا، جاڳيو هاري ناري آهه
جاري رهندي، جاري رهندي،
جنگ اسان جي، جاري رهندي!

اُڀري آيون گام ڪٺي، اڀري آيون گام ڪٺي،
منهنجي سنڌ جون سوڍيون راڻيون، مارئيءَ واري هام هٺي
جاري رهندي، جاري رهندي،
جنگ اسان جي، جاري رهندي!
ٻچندا ڪين ٻهانن سان، ٻچندا ڪين ٻهانن سان
جن پي سينو ساهيو آهي، ڌرتيءَ جي ديوانن سان
جاري رهندي، جاري رهندي،
جنگ اسان جي، جاري رهندي!

ڀلي وَهايو ويل هتي، ڀلي وَهايو ويل هتي
پر نه وساريو ڇڏبا ڇوٽ نه، ڌرتيءَ جا ڏاڙيل هتي
جاري رهندي، جاري رهندي،

جنگ اسان جي، جاري رهندي!

مرڻ جيئڻ جي جذبي سان، جيئڻ مرڻ جي جذبي سان
قدم وڌايو قدم وڌايو، جيئي سنڌ جي نعري سان،
جاري رهندي، جاري رهندي،
جنگ اسان جي، جاري رهندي!

# اچو ته بي قرار ٿيون

اچو ته بي قرار ٿيون
جو درد مند دل جي واسطي قرار ٿو کپي
خزان نصيب زندگيءَ لِيءِ بهار ٿو کپي
اچو ته بي قرار ٿيون!

عظيم ٿيون جبل جئان، وسيع شهر وانگ ٿيون
محيط آسمان جان، عميق بحر وانگ ٿيون
حسين ماهتاب جان، عجيب مهر وانگ ٿيون
زمين جي گلن جئان، دلين جا شهريار ٿيون،
اچو ته بي قرار ٿيون!

هي صبح زهر خند چو، هي شام دلفگار چو؟
هي رات درد مند چو، هي وقت غم شعار چو؟
هي لال ڪنوار ڪائنات، هاءِ سوگوار چو؟
اچو ته گهوٽ ٿي ڪري انهيءَ تي جان نثار ٿيون!
اچو ته بي قرار ٿيون!

بهار جهڙي آرزو سقم نصيب چو رهي
بهشت جهڙي زندگي الم نصيب چو رهي
هي آدمي هي ناخدا، ستم نصيب چو رهي
انهيءَ غريب ساڻ اهل دل ٿي غمگسار ٿيون،
اچو ته بي قرار ٿيون!

هي بي اصول بي وقار، بندگي جي زندگي
هي تشنه روح، خسته جسم، زندگي جي زندگي
نٿي کپي نٿي کپي، هي گندگي جي زندگي
اٿو ته موت سان لڙي، حيات جو وقار ٿيون،
اچو ته بي قرار ٿيون!

اچو ته ظلم لاءِ بغاوتن جي ابتدا ڪريون
اچو ته موت مار مامرن جي انتها ڪريون
اچو ته زندگي سان دوستي رکي، وفا ڪريون
اچو ته غم نصيب آدمي جا غمگسار ٿيون،
اچو ته بي قرار ٿيون!

هي ميڻ جا مسيح، ۽ هي سنگ خشت جا خدا
نصيب جا نقيب ۽ بلند و پست جا خدا
ڪري سگهيا بلو نه ڪو هي نيست هست جا خدا
انهن جي لاءِ ڪيستائين محو انتظار ٿيون،
اچو ته بي قرار ٿيون!
اچو ته بي قرار ٿيون!

# اچو ته ڪو بلو ڪريون

زمانو آهه ذهن سان ستم طراز ساٿيو
حقيقتن تي وارجي وَيا مجاز ساٿيو
حيات و موت ۾ رهيو نه امتياز ساٿيو
اٿو ته انقلاب اچي، ٿي چاره ساز ساٿيو،
او دلنواز دوستو _ او جانباز ساٿيو!
اچو ته ڪو بلو ڪريون
بلند حوصلو ڪريون
جيئون جيئڻ جهان ۾، ٿي سرفراز ساٿيو!

نصيب ناس ٿي چڪا، جڏا قلم وهي ويا
اجاڙ آشيانا ٿيا، پکي ٽڙي ٿهي ويا
ڏسي هي حال زار، آدمين جا منهن لهي وَيا
ائين نراس ٿيا تمام، ڪارساز ساٿيو،
او دلنواز دوستو _ او جانباز ساٿيو!
اچو ته ڪو بلو ڪريون
بلند حوصلو ڪريون
جيئون جيئڻ جهان ۾، ٿي سرفراز ساٿيو!

هتي بهار ٿا جلين، گلن جي سر ڏي خير ناهه
خزان جو آهه دائرو، سڳنڌ لاءِ گهير ناهه
ٻڌائي ڪو قسم کڻي، ته اڄ اداس ڪير ناهه
ڪجي ته ڪينءَ ڪجي پلاءِ چمن تي ناز ساٿيو،

او دلنواز دوستو _ او جانباز ساٿيو!
اچو ته ڪو بلو ڪريون
بلند حوصلو ڪريون
جيئون جيئن جهان ۾، ٿي سرفراز ساٿيو!

گهلي ٿي هير جي ته مڪڙين جا ڇهه ڇڙن ٿا اڄ
اچي ٿي بوءِ جي ته بُربلين جا ڳچ ڳڙن ٿا اڄ
پوي ٿي ماڪ جي ته تائلن جان گل سڙن ٿا اڄ
اچي نه راس ٿو ڪوئي پيو سوز و ساز ساٿيو
او دلنواز دوستو _ او جانباز ساٿيو!
اچو ته ڪو بلو ڪريون
بلند حوصلو ڪريون
جيئون جيئن جهان ۾، ٿي سرفراز ساٿيو!

هميش هڪڙي مُرڪ ليءَ ٿا لڙڪ ڪيئن لاڙجن
هميش هڪڙي پور ليءَ ٿا سور ڪيئي تاڙجن
هميش هڪڙي عيش ليءَ ٿا هانو ڪيئي ساڙجن
جهُبا اچن ٿا جيءَ کي، تنن ٿا ساز ساٿيو
او دلنواز دوستو _ او جانباز ساٿيو!
اچو ته ڪو بلو ڪريون
بلند حوصلو ڪريون
جيئون جيئن جهان ۾، ٿي سرفراز ساٿيو!

مسرتن جا هانوَ ٿا ڇڄن بهار آسري
مصيبتن جا بار ٿا پون پيار آسري

اکين جا نُور ختم ٿا ٿين قرار آسري
رَمي ٿو روح ۾ سدا، رُڃن جو راز ساٿيو،
او دلنواز دوستو _ او جانباز ساٿيو!
اچو ته ڪو بلو ڪريون
بلند حوصلو ڪريون
جيئون جيئڻ جهان ۾، ٿي سرفراز ساٿيو!

جي نوجوان حسرتون ڪُنين جئان ڪڙن پيون
جي نوبهار الفتون گلن جئان ٽڙن پيون
جي يادگار ساعتون پکين جئان مڙن پيون
انهن کان روح ڪن پلا ڇو احتراز ساٿيو،
او دلنواز دوستو _ او جانباز ساٿيو!
اچو ته ڪو بلو ڪريون
بلند حوصلو ڪريون
جيئون جيئڻ جهان ۾، ٿي سرفراز ساٿيو!
ڇو سرخ سرخ رنگتون، ٿيون زرد زرد ٿي وڃن
ڇو تابناڪ صورتون، ٿيون گرد گرد ٿي وڃن
ڇو خوشگوار حالتون، ٿيون درد درد ٿي وڃن
ڇو جان فزا ٿئي ٿي، جان گداز ساٿيو،
او دلنواز دوستو _ او جانباز ساٿيو!
اچو ته ڪو بلو ڪريون
بلند حوصلو ڪريون
جيئون جيئڻ جهان ۾، ٿي سرفراز ساٿيو!

مرون ٿا ٻچڙي حال سان، جيئون ٿا ڏاڍي رنج ۾

ائين ئي جڻ يتيم ڪوئي، ڏارين جي هنج ۾
ڪمي اچي ٿي ڪانه ڪا، مصيبتن جي ڳنج ۾
ڦٽي ڪٽي ويا دلين جا رنگ راز ساٿيو،
او دلنواز دوستو _ او جانباز ساٿيو!
اچو ته ڪو ٻلو ڪريون
بلند حوصلو ڪريون
جيئون جيئڻ جهان ۾، ٿي سرفراز ساٿيو!

اچو ته ان سماج کي، جلايون دل جي باهه سان
جلي سگهيو نه آهه جو، ستم رسين جي آهه سان
ٽڪي پياسين هو الاءِ سهيڙي سور ساهه سان
هلو ته ڪا هلا ڪريون، ٿي بي نياز ساٿيو،
او دلنواز دوستو _ او جانباز ساٿيو!
اچو ته ڪو ٻلو ڪريون
بلند حوصلو ڪريون
جيئون جيئڻ جهان ۾، ٿي سرفراز ساٿيو!

# بابل منهنجي ملڪ ۾!

بابل منهنجي ملڪ ۾ منهنجا، مارُوئڙا ڪيڪاند الا
آءٌ ڪينءَ سارا سور وساري، ڪريان ڪهڏي راند الا

ڪاله ويس جو ماسيءَ جي گهر، ماسيءَ ويني سور پٽيا
ان مهانگو پرين سهانگا، مريادا ٿي ماند الا

ماميءَ ڏي ويس نه مامي، پاڪر پائي چچجي پئي،
ميري منهن تي ڪٽي وڌائين، ڦاٽل رئي جو پاند الا

چاچيءَ وٽ جو ويس نه چاچي، حالن ڪان بيحال هئي
چئي پٽ گهر جا ڏيئا وساڻا، چاچهن ٿي ويو باند الا

ڏاڏيءَ ڏي جو لڙيس نه ڏاڏي، چنل چپر ڪي ٿي جاچيو
پنهنجيءَ ۾ هئي پوري، هيس نه ڪيڪر جي پپي واند الا
نانيءَ سان جو مليس نه ناني، عينڪ ٿاهي چوڻ لڳي
پڇڙا ڪهڙيون خبرون چارون، چور ڪڍي ويا ڏاند الا

ماسڙ ويو هو هر تي نانو کوهه تي ماموڪا نيءَ تي،
ڏاڏو پُنگ تي ڏاند ورائڻ هيو نه ڪو هيڪاند الا

اُتان ڦري جو ڳوٺ ۾ آيس، ڳوٺاڻا هئا جهوريءَ ۾
سڀ جي مُنهن تي سانجهيءَ پاڇا، سڀ کي سور پلاند الا

منهنجو ملڪ ملير الا پر، مارئي وئي ته ملير ويو
آهو ساهو ڪرڻ لڳا، اڄ ڪِرن وانگ کهاند الا

آءٌ اڳيئي ڇورو ڇنو، ٻيو ڳوندر جي ڳيهاند الا
آءٌ ڪيئن سارا سور وساري، ڪريان ڪبدي راند الا

# واهڻ وارا ڇوڪرا

واهڻ وارا ڇوڪرا _ توکي وندر جو ويراڳ ڇو
شهر ۾ ويندين ڪَڪ ٿي پوندين، ڇوندين ڪيم ڪٽراڳ ڇو

تون نہ سپاءُ جو راڻو آهين، رانجهن آهين رمزن جو
توکي کهڙو پتو او ٻابل، شهر جي اُٻتن غمزن جو

واهڻ تنهنجي وهيءَ جان پيارو، توسان وندر واهڻ جي
تون جي مهل ڪرين او مانجهي، مند ورائين سانوڻ جي

واهڻ ۾ سچ سون جڳان نچ، سونهن پئي سامان ڪري
شهر ۾ ڪچ ۾ ڪوڙ ڪمائي، هرڪو گذران ڪري

واهڻ پيار جي پرک الا جت، سِر جو سودو عام ٿئي
شهر ۾ ريت پريت سدا پئي، ناڻي تي نيلام ٿئي
هتي نہ تنهنجي مُرڪ ۾ ماڻڪ، پر نہ اُنهيءَ جو مان اُتي
توکي شهر ۾ ڪير سڃاڻي، ڪنهنجو ڪندين ارمان اُتي

تنهنجي ذهن ۾ زنگ نہ ڪو تون، اجرو انڌلٺ انگ جڳان
ماڻهو تنهنجي مريادا تي، وارين پاڻ پتنگ جڳان

تنهنجو نيهن نهال ميان جڻ، سرهي ڇانوَ چنبيليءَ جي
سرما پائي توکي تاڙي، اڪ اڪ هرار بيليءَ جي

تنهنجون اکڙيون آرس هاڻيون، جن ۾ ڪيف جوانيءَ جا
جيڏيون تو لِيءَ جان گنوائي، منجن چِلا مهمانيءَ جا

چمر جنان ٿو چپر ڪئين جنئن، پنهنجين اکڙين ڳورين جا
پيرن ۾ پا زيب ٿا چمڪن، پاڻڻ واٽي چورين جا

مينديءَ رتڙا هٿڙا تو لِيءَ، نيل ڪنول جان اُڀا هتي
گهر گهر تنهنجي گهوٽ ٿيڻ جا، سانباها او ميا هتي

هيڏا هي جنسار چڏي تون، ڪندين وچي چا شهرن ۾
وچين نه وچ پر ٿجان اداس نه رات جي پوين پهرن ۾.

# هو جي ويا، سو ويچارا

(هڪ تاثر)

پيج پنيءَ جو سُور سَنواري، سُکن جي ڪا رڻ هاءِ الا،
ڇَپر ڇڏي ڪي ڇورا نڪتا، ٻُوٽو ٻا رڻ لاءِ الا!

اوسيئڙي ۾ ويٺا ڪيئي، سوڪهڙا ڏيئي ساهن کي،
وَر وَر جهاتيون پائي تڪيندا، رهيا وِيَن جي راهن کي

هو جي ويا سو ويچارا، وڃي آئيءَ منجهه اَڙيا،
جڻ ته پکيئڙا ولر کان وڇڙي ڦاهيءَ منجهه اَڙيا

پاسيريا ٿيا پاڇا، ليڪن وَريا نه واهي رڻ پَٽ جا
پوين جون ٿيون وايون وِلڙيون، سانباها ٿيا پَٽ سَٽ جا.

پٿر ڪُٽيندي، دل من هٽندي، ويچارا ائين ڦِسي پيا،
پانڌيئڙن جا پيرا جڻ ڪا ڇا ڙهي چڙهندي ڪِسي ويا.

در در سين هنيائون ليڪن، گهر گهر ۾ هو پنهنجو غم،
اهڙي حال ۾ ڪنهن کي پئي هئي ڪير ڪري ها ڪنهنجو غم.

ڪنهن نه ڪِئي جو ڪهل انهن تي، ويگاڻا ٿي منجهي پيا،
پيٽ کي پاهڻ ٻڌي مٺي کي ٻانهون ڏيئي سمهي پيا.

سومهڻيءَ جو وڻجارا جو وريا نه خالي هٿين هئا،
ٿڌ ڙا ساهه پرياڻون جهڙڪي پاڳ انهن جا اِئين هئا.

پورهيو نه ٿيو جڻ بيگر ٿي جا لنگهڻ ڪيڏي ۽ وهي چڪا،
پئسي ڪارڻ پنهنجو رت ست ڳاڙي ڳاهه ڳهي چڪا.

رات وهامي رت روئندي ۽ اوندهه سان ڪِچ ڳاڙيندي،
ٻاڪ ڦٽي جيئن ڏائڻ وانگي پنهنجي جا ڙي ڦاڙيندي.
ويچارن جا ڪنڌ ڪِري پيا ڦاٽن هانوَ هليا ويا،
پوبان پيي ٿيا پُورا جڻ ڪي، ڪک پن چرَ مِ هليا ويا.

هاءِ هچارن سُڌ نه لڌي ڪا، هاءِ حياتي ڪَهي ويون
سج نه گهٽا ئي اُپريا ليڪن، اونداهيون ائين رهي ويون!

# هاريءَ جي نالي

او هاري! سوچ سدورا، ويل نہ آهہ وڃائڻ جي
دنيا ڏس تہ سجاڳ ٿي ويئي، تون بہ تہ ڪر ڪا جاڳڻ جي.

وقت ڪري ٿو واڪا توکي، لاڳاپا سڀ لاهي آءُ
وقت جي واڳ ورائڻ ڪارڻ، پنهنجا ٻازو ساهي آءُ.

پوئين پهر اُپاري ٿي پئي، سانت ۾ ڪٽڇي لات وري
تون پڻ صبح جي سين هٽي، اڄ رات کي ڪر پرڀات وري.

تنهنجا ڏينهن بدلجن بيشڪ، پر جي پاڻ سنڀالين تون
وهم پريا ويچار مڙئي جي دل کان دور هڪالين تون.

ڪانئر، جڳ جون ڪاٽيون ڪيندي پاڻ کي ماري جيئن ٿا
مرد سدائين پنهنجي اپل تي، پاڻ جيئا ري جيئن ٿا.
موج پرئي مهراڻ جئان اُٿ، لهرين سان للڪار ڪري
ساتوڻ جان اچ سرهو ٿي، وڃ ويرانا گلزار ڪري.

قطري مان درياهہ ٿئي جئن، تون بہ ڪندو رهہ ڪار ائين
جو پوکيندين سوئي لڻندين، ڪٽندين ٻيئي ٻار ائين.

پورهئي مان ٿي پارس پيارا، هينئر نہ ماڳهن ٻاهڻ ٿيءُ
پاڻ سان گڏ تون پنهنجي ملڪ جي خوشحالي جو ڪارڻ ٿيءُ.

تانگهي ۾ پؤ تاڻي، جي ٿو چاهين بيڙو پار ٿئي!
تاري وچ تون پاڻ انهيءَ کان اڳ جو پاڻي تار ٿئي!

مشڪل ۾ مايوس ٿي منجهندي پاڻ نہ تو گمراهہ ڪجانءِ
اوکي ويل او منهنجا هاڙهي، همت کي همراهہ ڪجانءِ

تنهنجي طاقت ساڻ هلي ٿو، جڳ جو چرخو صبح ۽ شام
تڏهن بہ توکي آهي پنهنجي پيٽ جو اُلڪو صبح ۽ شام.

تنهنجي حياتي ڏکن ۾ گذري، پورهئي توکي سُک نہ ڏنو
تو تہ ڏنا لک لوڪن کي پر توکي دنيا ڪَک نہ ڏنو.

پنهنجي ڪروڌ ۾ پاڻ کي ڳارين، مارين پنهنجي پائن کي
پنهنجيءَ ۾ ئي پورو آهين، ٿا رين ڪيئن بلائن کي.

پاڻ کان ٻاهر آءُ تہ توکي دنيا جي ڪا خبر پوي
پاڻ کي سمجهڻ سؤلو جي ٿي دنيا تي ڪا نظر پوي

تون تہ سدائين سادو سودو، پرمتڙيو ٿي ڳهارين ٿو
سچ تي توکي باور ناهي، ڪوڙ تي جان بہ وارين ٿو.

تنهنجي خطائن توکي ٻوڙيو، هاڻ تہ ڪا هشياري ڪر!
ڪيستائين ننڊ ۾ هوندين، ڪڏهن تہ جاڳڻ واري ڪر!
جيڪو راهہ سئين نہ قبولي، دنيا اُن لِءِ رهزن آهہ
هيءَ سڀ شامت عملن جي، تقدير نہ ڪنهن جي دشمن آهہ.

# نئين نسل جي نالي

توکي لولي ڏيان _ الا لولي ڏيان

منهنجي آسن اميدن جو اهڃاڻ تون
منهنجي سپني ۽ ساپيا جو مانداڻ تون
منهنجو ساڃهه تون، منهنجو مهراڻ تون
توکي لولي ڏيان _ الا لولي ڏيان
توکي لولي ڏيان _!

شل اتاهون رهين اپ جي نيراڻ جان
شل ستارا ڪرين سانت چانداڻ جان
شل ڏئين ساءُ موتئي جي سرهاڻ جان
توکي لولي ڏيان _ الا لولي ڏيان،
توکي لولي ڏيان _!

تو ۾ ايمان جي سونهن سالم هجي
توکي ڌرتيءَ سان عشق دائم هجي
تنهنجي سچ تي سدا ساک قائم هجي
توکي لولي ڏيان _ الا لولي ڏيان،
توکي لولي ڏيان _!

وقت حائل نه ٿي تنهنجي ويچار تي
سون جان نِج رهين سچ جي وهنوار تي
ڪٽ چڙهي ڪين ڪا تنهنجي ڪردار تي

توکي لولي ڏيان _ الا لولي ڏيان،
توکي لولي ڏيان _!

تنهنجي اندر جو انسان زنده رهي
سوجهرو صدق تنهنجي جو سانده رهي
تنهنجي تدبير سان دور اونده رهي،
توکي لولي ڏيان _ الا لولي ڏيان
توکي لولي ڏيان _!

# اي درد هلي آءُ

مُدت کان چڏيل هيج جي با رات هلي آءُ
خشڪ آهه سندم عمر جي اوقات هلي آءُ
لڙڪن جي ڪٽي پاڻ سان برسات هلي آءُ
اي درد هلي آءُ ته يادين جي جزيرن ۾ هلون!

يادين جا جزيرا جي خرابات ۾ آهن
ڪنهن شهر محبت جي مضافات ۾ آهن
بي ڪيف خيالن جي طلسمات ۾ آهن
اي درد هلي آءُ ته يادين جي جزيرن ۾ هلون!

جت عشق جا طوفان ٿا خاموش گذارين
جت حسن جا رومان ٿا روپوش گذارين
جت پيار جا ارمان ٿا مدهوش گذارين
اي درد هلي آءُ ته يادين جي جزيرن ۾ هلون!
جت چيٽ جي تنهائي جو احساس نه آهي
چانڊاڻ ۾ بيجائي جو احساس نه آهي
جيئڻ ۾ نراسائي جو احساس نه آهي
اي درد هلي آءُ ته يادين جي جزيرن ۾ هلون!

هت رات ئي رات آهه الا ڪا به سحر ناهه
ڪا پلڪ نه آهي جا مصيبت ۾ بسر ناهه
هت حال کان بيحال ٿو رهجي خبر ناهه
اي درد هلي آءُ ته يادين جي جزيرن ۾ هلون!

اميد هت ياس ۾ بيوهه ٿي گذاري
جذبات جي لذت کان بي بهره ٿي گذاري
۽ موت جي ويچار ۾ زندهه ٿي گذاري
اي درد هلي آءُ ته يادن جي جزيرن ۾ هلون!

هت دل جي مسرت غم فردا جو شڪار آهه
فطرت سان بغاوت ۽ زماني کان فرار آهه
هت زندگي آهه زهر، ڪو ترياق بڪار آهه
اي درد هلي آءُ ته يادن جي جزيرن ۾ هلون!

ڪي عهد ڪي پيمان پڪارين ٿا هلي آءُ
ماضيءَ جا گلستان پڪارين ٿا هلي آءُ
۽ آئندي جا ايمان پڪارين ٿا هلي آءُ
اي درد هلي آءُ ته يادن جي جزيري ۾ هلون!

# دل جي ڳالھ

ڪافر ناهيان مشرڪ ناهيان، تڏهن بہ ٿو خاموش گذاريان
هوش ۾ آهيان بي سُڌ ناهيان، پوءِ بہ ٿو مدهوش گذاريان
هر هنڌ ٿو موجود رهان تہ بہ، ڇو تہ پيو روپوش گذاريان
ڪافر ناهيان، مشرڪ ناهيان!

راتيون مونتي ڏريون گهٽيئي، اڃيهون بہ تہ چاندوڪيون پيي
اهنج ۽ هيج ۾ اکڙيون ٿيڙم، ڪڪڙيون پيي هو آڌوڪيون پيي
ڳالهيون ڳتيون پيٽيان وينو، هاڻوڪيون پيي ڪالهوڪيون پيي
راتيون مونتي ڏريون گهٽيئي!

ڪرن سان ٿي سر ڪراءِ، اپ سان پئي ڪرار ڪيا مون
آءُ اتاهون آءُ ئي اڙڏو _ اهڙا ٿي اظهار ڪيا مون
آخر غرض مان پڙ پوڄي، وئڙت سپ ويچار ڪيا مون
ڪرن سان ٿي سِر ڪراءِ
ڪوڙ جي ڪاڪ ۾ مومل ماڻي، ناهيم ڪيئي ناھ نڳيءَ جا
راڻو ڪاڻو لوڪ سڏيو تہ بہ، سانگ رچايم ڏاھ ڏنگيءَ جا
سچ جي ساک پراڻيون ڳالهيون، ڇو تہ قتل ڪي رنگ رنگيءَ جا
ڪوڙ جي ڪاڪ ۾ مومل ماڻي!

هاڻ تہ ڪاغذ جو گل آهيان، بي حس تہ بہ سپ سرت رهي ٿي
هير نہ مونکي پانءِ پوي ٿي، ماڪ نہ مونکي راس اچي ٿي
رنگن هوندي بيرنگي اُف، پاڻ کي پاڻ کان ڪرپ لڳي ٿي
هاڻ تہ ڪاغذ جو گل آهيان!

جاڳ او منهنجي اندر وارا، ٻارن وانگي ٻاڏايان ٿو
آءٌ اياڳو تون ئي سياڳو، توکان وچڙي پڇتايان ٿو
ليڪن اڳتي وڌندي دل ۾، سوچيندي شرمايان ٿو
جاڳ او منهنجي اندر وارا!
جاڳو او منهنجي اندر وارا!

# تنهنجون وايون ورهه لطيف

آرس هاٽيون اکيون کڻي، او رات جا راتا، پيچ پني،
رمز ۾ وئين سپ راز سَلي، ايئن ساهه سيباٽا پيچ پني،
جڻ ته گل تي ماڪ پئي، جڻ پونر اُڏاٽا پيچ پني.

آس جي لال ڪنوار کي، سائين! عشق جو ڳاڙهو گهوٽ ڏئي،
سچ ۽ سونهن جي ساک رکي تو، هنيون نه هاريئي موٽ ڏئي،
آخر آئين سوپيارو ٿي، چوٽا ريون کي چوٽ ڏئي.

تنهنجي ٻولي ٻاجهاري، تون پاڻ نسورو نينهن ميان،
تنهنجي صدا تان صدقي ٿيندڙ، هر سهڻيءَ جي سونهن ميان،
اکر اکر مان آتو ٿي تو، اُٿلي مهر جو مينهن ميان.

تنهنجا سُر سپ سور پريا، ۽ تنهنجون وايون ورهه لطيف،
سوز ۽ ساز انهن ۾ ائين، جڻ پور نکاريا پره لطيف،
تنهنجا شعر ٿو پيش ڪريان مان، لائي پنهنجي گره لطيف.

پتنگ چوائين پاڻ کي جي تون، آءُ ۽ آڳ اجهاءِ اڇي،
پچڻ ته ڪيئي پچائي چڙيا، تون پاڻ پچڻ کي پچاءِ اڇي،
عام کي چا لئه آڳ ڏجي، تون واقف ٿي ته وساءِ اڇي.

سيڻ مٽائي سون تي بيلي، ايءَ نه مارن ريت ڪڏهن،
آءُ عمر جي ڪوٽ ۾ ويهي ڪنديس ڪانه ڪريت ڪڏهن،
ماڙين سين نه مٽائي رهنديس، پنهنجي پکن جي پريت ڪڏهن.

رڃي جي هيڪر ريٽو ٿي ويا، ڪين اُٻاٽيا اُوءِ وري،
ڪنپ نہ ڪاري ڪنهن پر تنهن ڪي، هالاري جي هوءِ وري،
لهٽي ناهي لالي ان جي، توڙي ڌوٻي ڌوءِ وري.

محبت جي ميدان ۾ ايندي ڪجان نہ سِر جو سانگ ڀلا،
سوريءَ سپرينءَ جي جو چڙهندو، ٿيندو سوئي چانگ ڀلا،
خٻرون پونديون ڪاڏن ڪي، ڪئن عشق برابر نانگ ڀلا.

جوڳي آهي جوڳ ۾، ليڪن ڳالهہ ٿي گهرجي ڳچ هتي،
وڏيو، ڇيريو ۽ ڇڇريو، تون پر ۾ ٻيهي پچ هتي،
ٻاهر ٻاڦ نہ نڪري هرگز، اهڙو ٻا رج مچ هتي.

رات سهائي، پونءِ سئين، پڙ پٽين وڏو پنڌ، الا،
هلندي حضور حبين جي تون، ڪرها موڙ نہ ڪنڌ، الا
پهچائي جو پار پرين جي، ٻنڌڻ سوئي ٻنڌ، الا.

ماٺ ٿي ويهہ مَ منڌ ڀنڀور ۾، ڪر ڪو واڪو وس اُٿي،
ٻانهين آهين ٻا روچل جي، گولي ڇڏج ۾ گس اُٿي،
پوندو هوت پنهونءَ جو توکي، ڏورڻ مان ئي ڏس اُٿي.

ڌرتيءَ تي جو گل پوکيئي، تن اُپ جا تارا مات ڪيا،
لاکيڻا جي لال ورهائيي، سامين جي سوغات ڪيا،
آيت جهڙا بيت چيئي جي، سپڪنهن وائيءَ وات ڪيا.

# سچل سائينءَ جي حضور ۾!

آدسي اڄ تنهنجا طالب، سارين تنهنجي سامَ الاءِ
هوش وڃايا حال عطا ڪر، مستيءَ جي ڪا مام الا.

ملڪ ويو ايمان مان نڪري، اهڙا ڪم انسان ڪيا،
ماڻهن پنهنجو مان وڃايو، گمراهيءَ گهمسان ڪيا.

ڪافر مؤمن ڪين هيو جو، ماڻهو تنهنجي مسلڪ ۾،
هاڻ اهو ابليس جئان ٿو، وَيل وَهائي چيڏڪ ۾.

مطلب جا معبود نِپايا، ماڻهن پنهنجي اندر ۾،
هرڪو وينو پاڻ کي پوڄي، مسجد توڙي مندر ۾.

تنهنجو عشق انا الحق وارو، حسن الاهي هو جنهن جو،
عشق اڄوڪو سودي بازي، حسن بزاري پڻ تنهن جو.
تو نہ لڪائي ذات وَئِين سڀ وهم وجودئون ڌار ڪري
اڄڪلھ هرڪو پاڻ لڪائي، پَردن مان پيو وار ڪري.

سيڪو پنهنجي انڌ ۾ پورو، سمجھ جو ناھ سماءُ هتي
صدق ٿو سڏجي ريب ڪريب تہ ظالم جو نانءُ نياءُ هتي.

حق جو نعرو باطل ٿي ويو، سچ تي پيا ارمان ڪجن،
سچل سائين جئين سدائين، ڪهڙا سور بيان ڪجن.

اوڙي پاڙي ڪوڙا سامي، ڪوڙا سامين پنڌ ميان!
آءُ نه سُڪايون تنهنجي دعا سان تن سَڌ ڙين جا سَنڌ ميان!

# اي خبردار زمانا

تنهنجي تيرن جي کهاڻي، پنهنجي سينن جا فسانا او زمانا
اسين دهرائي ٿا ڏک ڪريون _ تازا توانا او زمانا
زندگي لاءِ ٿا تيار ٿين، ڪيئي ٻهانا او زمانا
موت سر تي ته به ڳايون ٿا ، حياتيءَ جا ترانا او زمانا
اسين مرڻا ناهيون، مرڻا ناهيون، مرڻا ناهيون زنهار زمانا
اي خبردار زمانا _!

تو ڪيا مات جي معصوم، اوڙن ۾ ڪنارن جي ٻهاني
تو ڪيا روح جي مجروح، انڌيرن ۾ سهارن جي ٻهاني
تن جو آواز اسان عڪس اسان، جذبو ءِ اظهار اسان ئي
پوئواري ٿا ڪريون تن جي، پڪارن ءِ پچارن جي ٻهاني
ختم ٿيندو نه خدائي ۾، اسان جو اهو ڪردار زمانا،
اي خبردار زمانا _ !

حق جي راهه ڪان هر حال ۾، بيراهه ٿيڻ جرم ٿا ڄاڻيون
صلح باطل سان ڪري زعم رکي، زنده رهڻ شرم ٿا ڄاڻيون
پنهنجي مسلڪ تي جيئڻ، مُهت انهيءَ ساڻ مرڻ مرم ٿا ڄاڻيون
دوستي دار و رسن ساڻ رکي، ڏنگ ڪرڻ ڌرم ٿا ڄاڻيون
اڄ به منصور جي مذڪور جو، ورجايون ٿا ويچار زمانا،
اي خبردار زمانا _ !

تون جي چاهين ته نهيل نام، ٻگاڙڻ وڏي ڳالهه نه آهي
زندگي موت جي آنڌيءَ سان اجاڙڻ ڪا وڏي ڳالهه نه آهي

تون جي چاهين تہ ممڻ ڪوبہ مچائڻ ڪا وڏي ڳالهہ نہ آهي
ڪوبہ ظالم ڪوبہ مظلوم بڻائڻ ڪا وڏي ڳالهہ نہ آهي
پر سنڌ وس نہ ضميرن کي ڪرڻ ڪينءَ بہ نگوسار زمانا،
اي خبردار زمانا _ !

تنهنجي تاريخ رکيو آهہ روا، ظلم تشدد ۽ ريا کي
تنهنجي تهذيب مڃيو ناهہ ڪڏهن، پيار محبت ۽ وفا کي
تنهنجو ايمان سچائي تي نہ نيڪيءَ تي نہ ڪنهن حسن ادا تي
پروسو توکي رهيو آهہ سدا، بغض برائي جي بنا تي
تون ئي ظالم تون ئي جابر، تون ئي غاصب تون ئي غدار زمانا،
اي خبردار زمانا _ !

هر صدي تنهنجي گناهن جي گواهي ٿي ڏئي گام ورائي
چيڪ باطل کي چڏيءَ، حق تي هٽي حرف وڏ دام ورائي
انڌ انياءُ اڳاهون ڪري، انصاف جو وئين نام ورائي
جنهن جو ملزم توں ۽ مجرم توں، هنيءَ پين تي سو الزام ورائي
پوءِ پي پاڻ کي تحسين جو سمجهين ٿو سزا وار زمانا،
اي خبردار زمانا _ !

تنهنجي ماحول ۽ فطرت کي اسان اصل کان ڄاڻون ۽ سڃاڻون
تنهنجا آداب ۽ ارڪان، سنڌ اهل کان ڄاڻون ۽ سڃاڻون
جنهن نشي ۾ توں سدا مست، اهو مهل کان ڄاڻون ۽ سڃاڻون
ڦل اُپايو تو جتان پي سو اسان فصل کان ڄاڻون ۽ سڃاڻون
توکي پڌرو ٿو ڪري پل جي اندر پنهنجو ئي پرڪار زمانا،
اي خبردار زمانا _ !

تون ئي منصور جو جلاد ۽ سقراط جو قاتل او زمانا
تون ئي چنگيز جو حامي ۽ هلاڪوءَ کي تو هاتار بڻايو
تو ئي مهديءَ جي ڪردار کي مشڪوڪ ۽ ماٺار بڻايو
تو ئي دجال جي درجي کي ڪيو هيچ مان حاصل او زمانا
مصلحت تنهنجي منڌائپ جي رهي آهه مددگار زمانا
اي خبردار زمانا _ !

توکي انسان ۾ انسان جي تهذيب ۽ ڪردار نه گهرجي
ذهن بيدار نه ٿي، سوچ جو انداز ۽ اظهار نه گهرجي
تنهنجي فطرت کي غلامن کان سوا فرد ڪو خوددار نه گهرجي
ڪو به آزاد رهي ڪين ۽ ڪنهن لاءِ ڪو اختيار نه گهرجي
تنهنجي منشا ته پلي جڳ پي، جيا پو پي رهي خوار زمانا
اي خبردار زمانا _ !
تنهنجو هيٺن جي مٿان حڪم ته ڏاڍن جي اڳيان سجدو رهيو آهه
تون سچارن تي هچارو، توکي ڪوڙن سان سڳو رشتو رهيو آهه
تو ۾ همت نه حميت نه چڱائي جو ڪوئي چلتو رهيو آهه
تنهنجو غارت تي گذارو توکي سوڪم ٿي اهو سودو رهيو آهه
دين کان دور تڏهن پي ٿو سڏين پاڻ کي دينار زمانا
اي خبردار زمانا _ !

پنهنجي افتاد جو پلجي به ڏنوسين نه ڪڏهن ڏوهه خدا کي
نه وري ظلم جو سمجهيوسين سبب ان جي اجهل قدر قضا کي
پنهنجي اعمال جي شامت جي سڏيون، تنهنجي سڄي جور و جفا کي
نه اها ڳالهه به اهڙي نه جو ان جو ڪجي اقرار زمانا

پاڻ تي آئي جا تنهن لاءِ رکو تون ئي ذميوار زمانا،
اي خبردار زمانا _ !

توسان تڪرار رهيو آهه اسان جو توسان تڪرار ڪنداسي
چا بہ ٿي صلح جو ڪنهن طرح ڪڏهن پي نڪو اظهار ڪنداسين
توکي ريتي نئين انسان کي نئين دور جو معمار ڪنداسي
تو بڻايو جو جهنم اتي آباد اسان گلزار ڪنداسي
پيٺ چا تنهنجي اسان ساڻ اسين مور نہ تون مار زمانا،
اي خبردار زمانا _ !

توکي طاقت تي يقين آهہ تہ يلغار تي ايمان اسان جو
تو ڏٺو ناهہ اجا تائين، جگر ڦاڙ ڪو جولان اسان جو
آسمان ڏيندو گواهي، تہ گهڻو وارو نہ گهمسان اسان جو
تنهنجي بيڙيءَ کي ڪندو غرق، سدو سير ۾ طوفان اسان جو
عزم آهي پنهنجو اهو ان کان، ڪبو ڪين ڪڏهن عار زمانا،
اي خبردار زمانا _ !

تون پلي جوڙ هي دستور هي منشور نئين ڏينهن نرالا
تون پلي ناهہ نوان ناهہ ستم جنگ غلامي جي هچا لاءِ
وقت ايندو جو نہ رهندا اهي ڏوڙيا اهي ڏنڊا سڀ تنهنجا
آدميت ٿي ڪري دل سان جتن امن رهائيءِ بقا لاءِ
پنهنجي هستي سان ازل کان ٿا ڪريون پرهہ جئان پيار زمانا،
اي خبردار زمانا _ !
اي خبردار زمانا _ !

# اسان هي للڪار ٿا ڪريون اڄ

اسان جو آواز وقت جو ورد، اسان هي وهنوار ٿا ڪريون اڄ
ڦٽي وئي آهه پرهه ٿي جا، انهيءَ جو سينگار ٿا ڪريون اڄ
چمن جي رونق، بهار جي خوبين ڪي نروار ٿا ڪريون اڄ
صبا جي رقص ۽ گلن جي رعنائين جو اظهار ٿا ڪريون اڄ
خزان جي خطري ۽ شام جي غم ڪي، مات مسمار ٿا ڪريون اڄ
اسان هي للڪار ٿا ڪريون اڄ !

ڪنواري آهي جا آس دل جي، سهاڳ ان جو بڻايون ٿا
نياڳ آهه جنهن نراڙ ۾ اڄ، سپاڳ تنهن جو بڻايون ٿا
بڪا ڙيل آهه جا بہ صورت، مهاڳ ان جو بڻايون ٿا
مُنجهايل آهه راهه جيڪا، وچاڳ تنهنجو بڻايون ٿا
خوشي ۽ اميد جي سهاري، عجيب وستار ٿا ڪريون اڄ
اسان هي للڪار ٿا ڪريون اڄ !

زمانو جنهن ۾ پيار جون ۽ وفا جو ڳالهيون پرايون آهن
قرار مَن جو، خوشي نظر جي ۽ دل جو گهاتيون پرايون آهن
بهار جا ڏينهڙا ۽ چاندوڪين جون راتيون پرايون آهن
مناس ماڪيءَ جي گل جي خوشبو، پکين جون لاتيون پرايون آهن
انهيءَ سان احتجاج پنهنجو، انهيءَ تي ڦٽڪار ٿا ڪريون اڄ
اسان هي للڪار ٿا ڪريون اڄ !

حسين چهرا نقاب پائي، چو بي قراريءَ ۾ ٿا گذارين

متين مشتاق نيڻ چائي، جو انتظاريءَ ۾ ٿا گذارين
دلين جا رابيل منهن لڪائي، جو اشڪباري ۾ ٿا گذارين
فرق وارا وصال آئي، جو آهه و زاري ۾ ٿا گذارين
اسان جو احساس آهه بيدار، ان تي ويچار ٿا ڪريون اڄ،
اسان هي للڪار ٿا ڪريون اڄ !

خوشي جي پردي ۾ غم ٿو جهلڪي، کلڻ ۾ آهي روئڻ جو پاڳو
حياتي آهه موت جي وڪڙ ۾، جيئڻ ۾ آهي مرڻ جو پاڳو
اڳيان آهه باهه ۽ پنيان آهه پاڻي، ڇُرڻ ۾ آهي چلڻ جو پاڳو
منٺي به ماٺ ۽ مُنڻي به ماٺ اڄ، ڪچڻ ۾ آهي ڪُسڻ جو پاڳو
هي داوري اهرمن جي جو آهه، ان کي مسمار ٿا ڪريو اڄ
اسان هي للڪار ٿا ڪريون اڄ !

سوال چپ تي اچي نه ڪوئي خيال هڪدم سٽائي جو ٿو
خوشي جو پاسو وٺي نه ڪهرو ملال هڪدم سٽائي جو ٿو
ڪماليت تي رسڻ کان اڳ ۾ زوال هڪدم سٽائي جو ٿو
سماج هردم مسائي جو ٿو، وبال هڪدم سٽائي جو ٿو
روئارين ٿا جي رَت اسان کي، انهن تي يلغار ٿا ڪريون اڄ
اسان هي للڪار ٿا ڪريون اڄ !

اسان کي اوندهه نه آهه ڪم ۾ اسان کي چانڊاڻ گهربيل آهي
ڦڪا ٿيا آهيون ڦڪيءَ مان، لذيذ لالاڻ گهربل آهي
اسان کي ميناج گهربيل آهي، اسان کي ڇَرهاڻ گهربيل آهي
اجاڙي ويرانين جون وستيون، تيار گلزار ٿا ڪريون اڄ
اسان هي للڪار ٿا ڪريون اڄ !

هو بادل آيا، هِرڪيا، هو بوند برسي قرار اُٿليا
هو يادون آيون ڪي نغما اُسريا، هو مستي آئي نکار اُٿليا
هو مکڙيون مرڪيون، پکين کي ڏاڍا خمار آيا بهار اُٿليا
دلين دلين ۾ محبت اپري، اکين اکين ۾ پيار اُٿليا
ٻڌايون جهنگل ۾ ٿا ڪو منگل، مزي جي جهونگار ٿا ڪريون اڄ
اسان هي للڪار ٿا ڪريون اڄ !

امنگ شعر ۽ خيال اُپا ريا، گهٽائون گهن گهور آيون آهن
اميد جوش ۽ جلال اُپا ريا، فضائون چِت چور آيون آهن
خوشين جواب ۽ سوال اُپا ريا، ادائون من مور آيون آهن
سڄاڳ ٿي من، لهڻ اسان جون مرادون پرگهور آيون آهن
لطيف پر ڪيف لحا آيا، بسنت گونجار ٿا ڪريون اڄ
اسان هي للڪار ٿا ڪريون اڄ !

اداس حسن ۽ نراس عشق اڄ ملڻ سان ٿيندا نوان ۽ تازا
ادب جا رومان رنگ سڀ زندگيءَ سان هوندا نوان ۽ تازا
نياز ۽ ناز جا ترانا، زمانا ٻڌندا نوان ۽ تازا
اسان جو فن ۽ اسان جا قصا، هميش رهندا نوان ۽ تازا
فسانا سڀ دوستيءَ جا آهن، وفا جا اذڪار ٿا ڪريون اڄ
اسان هي للڪار ٿا ڪريون اڄ !

# ٻاچا ۽ ڀڙلاءُ

ڪير جهڙي آهه دنيا ، ڪٿ جهڙي خلق آهه
تو ائين سمجهيو ته چوندس، تنهنجي مَت ۾ فرق آهه
ماٺمين جان هرڪو هتڙي، پنهنجي غم ۾ غرق آهي
ڪنهن کي چوريندين ته سُجهندءِ جڻ ته ڪرندڙ برق آهي
ڏس تون خاموشيءَ کي اُٿلائي ته ڪينءَ ٿا رڻ رڙن،
ڪيئي ٿانڊاڻا ٿا چانڊوڪيءَ جي سائي ۾ سڙن !

ڪنهن جي پلڪن کي ته آذر ساڻ اٿلائي ڇتاءِ
ڪينءَ ٿا لڙڪن جا پيمانا پون ڇُلڪي اُتي
ڪنهن جي اندر ۾ ته ساجهه سان ليو پائي ڇتاءِ
ڪينءَ ٿا آهن جا پروانا وجن ڊرڪي اتي
ڪنهن سان ٿوري دير گهرو ٿي ته ڇا ٿا گل ٽڙن،
ڪيئي ٿانڊاڻا ٿا چانڊوڪيءَ جي سائي ۾ سڙن !

ڪوئي ٿڪن ۾ ٿو سڏڪن کي لڪائيندو رهي
ڪوئي ارهائيءَ کي سرهائي جي لولي ٿو ڏئي
ڪوئي آسن کي نراسائي جي چولي ٿو ڏئي
ڪوئي پورن ۾ ٿو سورن کي ڇُپائيندو رهي
آليون ٿينديءِ اکيون، هيڪر ته ڏس تانگهي ٽڙن،
ڪيئي ٿانڊاڻا ٿا چانڊوڪيءَ جي سائي ۾ سڙن !

ڪيئي مانجهي دل جي ڌڙڪن کي دٻائي ٿا ڇڏين
ڪيئي جاني پنهنجي متين کي منجهائي ٿا ڇڏين

مدتن کان پوءِ تن جو حال ابتر ٿو ٿئي
شمع جان جلندي وچارا، جيءُ جلائي ٿا ڇڏين
ڪينءَ اچي آرام، اکڙين مان اگر ڳوڙها ڳڙن،
ڪيئي ٿانڊاٽا ٿا چانڊوڪيءَ جي سائي ۾ سڙن !

چوڏهين جو چنڊ جڻ، چوچيون ڏئي ٿو چاهه کي
گل هٽن ٿا ڏنگ جن کان ڏڍ ملي ٿي آهه کي
سانوڻيءَ جو مينهن سوڪهڙا ڏئي ٿو ساهه کي
اهڙي اوکي راهه کي، ڪوئي نٿو ٿاهي سڄڻ
حوصلا آهن خطا جو ڳڻڊ آهه سوگهي هڙن،
ڪيئي ٿانڊاٽا ٿا چانڊوڪيءَ جي سائي ۾ سڙن!

پر پنهل اک ڇنڀ ۾ سڀ گهمسان ڪک پن ٿي وڃن
آهه آدم سر الاهي، سوپ پائي ٿو سگهي
شل نه ڪنهن جي ڪڏ پوي، ڪارو مٿو ڪاوڙ ڪري
باهه چاهي واءُ جو پي دم منجهائي ٿو سگهي
جي پتنگا پهه پچائي، مچ مٿان هيڪر مِڙن،
ڪين ٿانڊاٽا پوءِ چانڊوڪيءَ جي سائي ۾ سڙن !

(1950ع ۾ لکيل)

# زندگي اهڙي به ڇا ؟

ابتدا ۽ انتها جي ڳالهه جنهن تي دنگ آهه
پاڻ سان سو آهي ناحق، پنهنجي حالت تنگ آهه

اي دکي دل تنهنجي غم ڪان گهائجي ويو آهيان
شام جي ڳل وانگيان ڪومائجي ويو آهيان
بس ڪر اي دل هاڻ مان گهبرائجي ويو آهيان

زندگي منهنجي تو هيجن ڪان ڇني چوري ڪئي
وهيءَ ۾ ويچارڙيءَ جي ڳالهڙي ڳوري ڪئي
جا خطا ٿي تو هٿان ٿي مان خطا ٿوري ڪئي
پوءِ پي مونکي ٿي رولين ڪهڙي مان چوري ڪئي

صبح جي ٽڙڪي تي ڪوهيري جو اندوڪار آهه
شام جي پاڇي ۾ اونداهي جو ڪارونبار آهه
ظاهر ۽ باطن تي پکڙيل بيڪسيءَ جو چار آهه

ذهن مندر جي اُجڙ ڪندر جان ويران ٿو رهي
جسم تابوتن جي اهڃاڻ جان بيدار ٿو رهي
روح ڄڻ ڪافور جي بو جان پريشان ٿو رهي

سانوڻ آيو سور ويا نه به پنهنجي ههڙي حالت آهه
هيڪلائي هيانوَ تي ڪائي وَلرڪان وحشت آهه

ڪين ٿو گهرجي اسانکي هينءَ ندورن جو جيئڻ!
جڙ ته قيدي جي حياتي جڙ ته چورن جو جيئڻ!
پاڻ کي گهرجي ٿو موجن ساڻ مورن جو جيئڻ!

هي ندا آئي ڪٿان روڪي ڪوئي آواز کي
جنهن اچي ٿيڙيو ائين چٽي سوچ جي انداز کي
هينءَ پروڙڻ آهه مشڪل زندگيءَ جي راز کي

زندگي اهڙي به ڇا جنهن ۾ نڪا هلچل هجي
موت جو سايو پيلا جنهن جي مٿان پليل هجي
ياس کان ٿين نيڻ آلا غم کان دل بيڪل هجي
آس ٻڌجي لاش، اڌمن جي مٿس گهل گهل هجي

اچ ته ڪاهيون ڪاڪ تي اي مينڌرا منزل ڏٺي
ڏيل ڏاريون مومليون ماڙيون ٿيون محمل ڏٺي
ٿوڙ بند ۽ لاهه ڦندا، هل ته ٿيون دنگل ڏٺي

هل ته ٿيون دنگل ڏٺي، دنيا سان پنهنجي جنگ آهه
جا وسيع آهه، ٿورڙن لِءِ ۽ گهٽي تي تنگ آهه.
(1952ع ۾ لکيل)

# مگر زندگي، زندگي !

الا زندگي تنهنجي صدمن تان صدقي
تون شيرين اسان تنهنجا فرهاد آهيون
تمنا جي تيشي سان اڳتي وڌون ٿا
محبت جي مقصد جي رُوداد آهيون
زمانو ٿو برباد سمجهي ته ڇا ٿيو
اسان تنهنجي غم سانڻ آباد آهيون

اسان تنهنجي قدرن تي ايمان آڻي
انهن کي سدا زنده رکندا رهيا سي
امانت جا سونپي تو سچ جي اسان کي
انهيءَ جا نگهبان ٿيندا رهيا سي
جڏهن وقت آيو ته سڀ ڪجهه تياڳي
وفائن جي راهن تي رمندا رهياسي

تون انجيل ٻڻجي جڏهن دل ۾ آئينءِ
ته عيسي١ جڏان روح بيدار ٿي پيو
صليب آيو سر تي ته پي ساک تنهنجي
مليو موت نه به ڪونه ويچار ٿي پيو
ڪيو عشق تو سانڻ جنهن پي ديواني
اهو آدميت جو معيار ٿي پيو

تون سهڻي جڏان سير جو سانگ آهين

تو موملِ جئان ڪاڪ سينگاري آهي
تون گلَ جي سڳنڌ ۽ تون دل جو اُمنگ
تو چانڊاڻ کي چال سيکاري آهي
ڪيو آهي تو موت کي مات جت ڪٿ
تو هر هنڌ هر سوپ ڏيکاري آهي

تون سقراط جو ذهن منصور جو دم
تون گوتم جو گيان ۽ تون قرآن جي دل
تون تخليق جو نور عبادت جي لائق
تون ڪعبو تون ڪاشي تون يزدان جي دل
تون شهباز ۽ شاھ تون بي نياز
تون سچل تون سامي تون انسان جي دل

مگر زندگي، زندگي _ زندگي
تون غم جي غبارن ۾ لڙهجي وئينءَ
تون معصوم، مظلوم مجروح آهين
تون انسان زادن کان ڦرجي وئينءَ
اڃهو صبح آيو اڃها ٿي سڏائي،
متان هيانءُ لائين تہ مڙجي وئينءَ.

# زندگي تنهنجي ڪري!

زندگي تو لاءِ تو، هر رنگ ۾ رچڻو پوي _!
زندگي تنهنجي ڪري، چا چا نٿو ڪرڻو پوي _!

هڪڙي انسان جا هزارين روپ ٿا ٿيندا رهن
جنهنجا ڪيئي ديونگ ٿا پردي پٺيان رچندا رهن
جنهنجا ڪيئي پول ٿا پردي اڳيان ڪلندا رهن
هڪڙي انسان جا لکين وهنوار ٿا هلندا رهن
ڏس ته ڪيڏين ذلتن سان، هنڪي تو پڏڻو پوي،
زندگي تنهنجي ڪري چا چا نٿو ڪرڻو پوي!

بادشاهه بڻجي ڪڏهن چيرن جان چيٽا ٿا چڙيون
يا گدا ٿي ڪري، گدڙن جان تا ڙيون ٿا دڙيون
مذهبي اڳواڻ ٿي، ڊاڪن جان ڏا ڙا ٿا هڻون
فيلسوفي ڊينگ سان، ماڻهن جا ڪنڌا ٿا ڪٽون
زندگي تو لاءِ تو ساندبي جئان جيئڻو پوي،
زندگي تنهنجي ڪري، چا چا نٿو ڪرڻو پوي!

چوريون ڪرڻيون پون ٿيون، خون ڪرڻا ٿا پون
عزتون لٽڻيون پون ٿيون، ڪوڙ هڻڻا ٿا پون
ناحقيءَ سان حق ٻين جا پاڙ ڪٽڻا ٿا پون
انت جي بيهودگي سان، نٿ رکڻا ٿا پون،
جو گذر آهه بد، انهيءَ کي نيڪ تو چوڻو پوي،
زندگي تنهنجي ڪري، چا چا نٿو ڪرڻو پوي!

مفلسي فاقہ ڪشي، بيروزگاري سر تي آھ
بيوسي، بيماري ۽ اندوھ ڪاري سر تي آھ
ظلمِ، ذلت، جبر نفرت، خوف خواري سر تي آھ
درد غمِ، فڪرات ۽ حسرت شعاري تي آھ
رت جا ڏڪ ٿا پريون تہ بہ ماٺ ٿو رهڻو پوي
زندگي تنهنجي ڪري، چا چا نٿو ڪرڻو پوي!

جهل جي هوندي چئو نٿا، علمِ وارا آهيون
فاسق ۽ فاجر تہ پي جڻ زهد وارا آهيون
آدميت ڪان پري، الله وارا آهيون
مان پئسي جو بہ ناهي شان وارا آهيون
گهر ۾ داڻو ڪين، گهوڙو زين ٿو رکڻو پوي،
زندگي تنهنجي ڪري چا چا نٿو ڪرڻو پوي!

غيرت ۽ عزت ۽ عصمت ۽ حياداري مڙئي
جسمِ ذهن ۽ عقل ۽ ايمان، خود داري مڙئي
قول ۽ آداب ۽ خلق ۽ رواداري مڙئي
دين دنيا ۽ شرافت ۽ وفاداري مڙئي
سڀ ڪي پيڳڙن مُٺ مٽي نيلام ٿو ڪرڻو پوي
زندگي تنهنجي ڪري چا چا نٿو ڪرڻو پوي!

هانوَ تي مُڳ ٿو ڏري ڪوئي تہ پي چپ ٿا رهون
ساھ مُٺ ۾ ٿو ڪري ڪوئي تہ پي چپ ٿا رهون
ننهن نڙيءَ تي ٿو ڏري ڪوئي تہ پي چپ ٿا رهون

نانگ وانگي ٿو وري ڪوئي نہ پي چپ ٿا رهون
موت سان هر حال ٿو هر وقت منهن ڏيڻو پوي،
زندگي تنهنجي ڪري چا چا نٿو ڪرڻ پوي!

روح جي مکڙين کي وائڻ کان سڪايو ٿو وڃي
هيج جي ڪڪرن کي اڱرن تي وسايو ٿو وڃي
وهيءَ جي پورن کي سورن ۾ جلايو ٿو وڃي
سونهن کي ۽ نيهن کي رُڃ ۾ رلايو ٿو وڃي
زندگي تولاءِ بس، آهن ۾ ٿو جلڻو پوي
زندگي تنهنجي ڪري چا چا نٿو ڪرڻو پوي!

زندگي تنهنجي فقط معنيٰ رهي ڦرمار آهه
تنهنجو هر هڪ دادلو مڪار ۽ عيار آهه
پاڻ سان ۽ پاڻ جهڙن سان رهيو غدار آهه
تنهنجو سودائي سدا بدڪار ۽ مردار آهه
زندگي ڪيئن خوش ٿجي، هتڙي نہ ٿو روئڻو پوي
زندگي تنهنجي ڪري چا چا نٿو سهڻو پوي!

زندگي تون دل نہ لاهج، وقت سو پي اچڻو آهه
جنهن ۾ ڪنهن کي هينئن نٿي مردار بي مئي مرڻو آهه
ڏيل جو ڏيکاءُ جو آهي سندس ڪنڌ پڇڻو آهه
ڪيستائين ذهن جو قيدي ٿي ڪنهن کي رهڻو آهه
زندگي تنهنجو سبق ٿو موت کان ونڻو پوي!
زندگي تنهنجي ڪري چا چا نٿو ڪرڻو پوي!

# وڇڙي ويل يار جي ياد ۾

ساموندي ساري، مٿي تڙ گڏا ريان،
مونکي ٿي ماري، اُنين سندي ڳالهڙي.
(شاهه)

زندگي تيز هلندي ڇو ويچارڙن وانگ،
اڄ واٽ تي وڻ ٿي پڇي وَئين ءَ!
پنهنجي ماحول کان بي خبر بي خطر،
پور ڪهڙي ۾ پروس ٿي پڇي وَئين ءَ!
موت آيو نه ٻارن جئان انگل ڪري،
سِير وانگي سُري اُن سان ٻڪجي وَئين!

مُوهه تنهنجو هو تن مامرن ساڻ جن ۾
گهڙي پي تو ڳاري نه وجهندي ڇڏي
تو سوا سانگ سارا سُڃا ٿي ويا،
تو الا ڪينءَ هيءُ مند مچندي ڇڏي
موت جي مام توکي ڇو موهي وئي،
روح جي راند ڇا لِيءِ تو رمندي ڇڏي

زندگي تنهنجون راهون نه موتئي جي
مانڊاڻ وانگي سوايون ۽ سرهيون هيون
مرڪ تنهنجيءَ تي ٻاڪ هئي ٻانوري،

چپ تي چانڊوڪيون چور چرهيون هيون
ڪا لڪائي نٿي پئي ته ڪنهن اهنج هوندي به
تنهنجون اِڇائون ڪي اَرهيون هيون

ڪجهه به رهڻو نه آهه تون به رهڻو نه هئين
ته به هي احساس ڳهائي ٿو گهرائين ۾
هينءَ سجهايون ٿيڻ ڪين ڪپنديون هيون
سانتء پهرين پهر تنهنجي سرهائين ۾
هاڻ ڪير آهه جو ساٿ ڏيندو اچيء
سور وارن جو راتين جي تنهائين ۾!

ڪجهه به رهڻو نه آهه تون به رهڻو نه هئين
ته به اها آس دردن جو درمان هئي
يار پاسي ۾ آهه، يار پرتي به هو:
ته به جدائي نه پورن جو پيڪان هئي
ياد اڳ پي ته آئي ٿي پر هاڻ جانء
ڪين سان ياد اندوهه ارمان هئي

ڪجهه به رهڻو نه آهه تون به رهڻو نه هئين
پوءِ پي هيانءُ لاهي هنجون هارجن پيون
تنهنجون ڳالهيون ڳراٽيون ته وسرڻ جون ناهن،
مَنهه توڙي مَن ۾ اچا سارجن پيون
تون جي دونهيون دکائي دمائي ويئين
تن مان آهن سان باهيون وري ٻارجن پيون

تون نہ هوندين هتي ڪيئن چوان،
تون تہ هوندين هتي پر نرالي نموني نئين ڍنگ سان
روح تنهنجي جون ريکائون، جي تون
رهائي ويئن ڪالهہ اسان وٽ اَمٽ رنگ سان
جوت تن جي ڪي جرڪائڻو آهہ جڳ مڳ،
انهي اُون اهڃاڻ انهيءَ انگ سان

پاڻ گڏجي جلائي هئيسون جا مشعل،
سا مشعل اَبد تائين جلندي ئي رهندي
هي وسامڻ جي ناهي جيتوڻي هوا،
تيز ۽ تند هر وقت هلندي ئي رهندي
تنهنجي متيءَ جو سنهن تہ ڌرتي اسانجي
اسانجي ئي جذبن سان جيئندي ئي رهندي

زندگي فاني آهي تہ چاهي،
اسانکي تہ ان جو نہ ڪوئي بہ ارمان آهي
آدميت امر آهہ ان جي ئي قدرن
۽ سچ جي بقائن تي ايمان آهي
سونهن جي ساک نيڪيءَ جو ننگ،
هي پنهنجو ادرش ايقان ارڪان آهي

# طويل نظم

تنهنجي چانگن جون چڙيون ائين ٿيون پيون آواز ڏين
جئن وسوڙيل کي خلائن مان ڪي يادون ساز ڏين

# هاءِ جيجل ما رئي!

انگ اُٿليا رنگ بدليا، پر اباڻي ما رئي!
تون نٿين ٻڌجي سگهين دل جي ڏياڻي ما رئي
مان اجا سمجهان ٿو توکي سا پراڻي ما رئي،
جا عمر جي ڪوٽ ۾ هئي قيد اباڻي ما رئي!
وقت ٿو توکي رکي هردم ڏکاڻي ما رئي!
هاءِ جيجل ما رئي راڄن جي راڻي ما رئي!

توکي هر هڪ دور ۾ بيوس ڪري مَنديو ويو
ماڳ تي پهچڻ کان اڳ ئي راهه ۾ رنديو ويو
ڪٿ نه چوراڻي مَڏيءَ جان تنهنجو وڙ ونديو ويو
ڪٿ وري توکي ائين ڦاڪون ڪري ڦنديو ويو
جڻ نه پاڳن ۾ ڪِني مڇي وڪاڻي ما رئي،
هاءِ جيجل ما رئي راڄن جي راڻي ما رئي!

تون اُها آهين نه جا سسئي ٿي وڙاهن ۾ مُئي
تون اُها آهين نه جا سهڻي ٿي درياهن ۾ مُئي
تون اها آهين نه جا مومل ٿي آڙاهن ۾ مُئي
تون اُها آهين نه جا ٻاگهي ٿي راتاهن ۾ مئي
ياد آهه مونکي سنڌ‌ءِ ساري ڪهاڻي ما رئي،
هاءِ جيجل ما رئي راڄن جي راڻي ما رئي!
جڻ وسائي خانقاهن جي ڏيئي کي واءُ اچي
جڻ وڃائڻ ڪاتڪو پاڳين جو سَنجهي ساءُ اچي
جڻ ڏين نندايلن ٻارن کي ڪڙڪا ڏاءُ اچي

جڏن ڪٽن ڏُلبو ڪري ڪنهنجو جواري داءُ اچي
توسان اهڙا ڪم ٿيا ڪوڙين اياڻي مارئي،
هاءِ جيجل مارئي راڄن جي راڻي مارئي!

نيهن جا ناريل توتي ڇانوَ گهوريندا وَيا
سونهن جا رابيل توکي بوءِ بخشيندا وَيا
ڪي سڪايل ٿي سِري تولاءِ سوپيندا وَيا
ڪي پراهان ٿي ۽ پنهنجو جيءُ جهوريندا وَيا
ڪَن ڪري سؤدو ڪئي تنهنجي پڄاڻي مارئي،
هاءِ جيجل مارئي راڄن جي راڻي مارئي!

اڄ نہ سي سانگي هيا جي ساهہ سيباڻا الا
لوڪ لوٺئي ۾ رهيا باقي انڌا ۽ ڪاڻا الا
ڪوڙ جو مُلهہ ٿا وڪامن لال لاڪيڻا الا
رت جا ڏُڪ ٿا پرين وينجهار ماٺيڻا الا
ڪو بہ ناهي جو ٿئي هن ويل ساڻي مارئي،
هاءِ جيجل مارئي راڄڻ جي راڻي مارئي!

مست ٿي موهن دڙي سان جاڙ جڏن مهراڻ ڪئي
اهڙي حالت ڪنهن اچي اڄ تنهنجي هستيءَ ساڻ ڪئي
تنهنجي لوئيءَ تي اندر ڪارن ائين ڇڪتاڻ ڪئي
جڻ اچانڪ جُلهہ گهوڙيسوار تي ڪٽياڻ ڪئي
تنهنجي لولي تنهنجي ٻولي ڪين اگهاڻي مارئي،
هاءِ جيجل مارئي راڄن جي راڻي مارئي!

آئي ٿاندي ڪاڻ هئي جا ٻورچياڻي پنڌ هٽي
وئي اها ئي ڏيهه جي ڏائڻ اسانجي ٻنڌ هٽي
دانهيون ٿا جي تہ تون چو وئينءَ اسانجي سنڌ هٽي
آئٽي ٻنِپٽي وراڻيندي ٿي آڪي ڪنڌ هٽي
آءُ ئي آهيان اوهانجي گهر ڏياٽي ما رئي،
هاءِ جيجل ما رئي راڄن جي راڻي ما رئي!

سُئي سڳو پنهنجو، پرائو ٿي ويو ڪن پل اندر
جڻ تہ وئي لُٽجي الا رن زال ڪا ڪربَل اندر
ائين نڌڻڪا ٿياسي جڻ ڪو اجنبي جهنگل اندر
جان وئي جٺ ڦٽ ۾ آيو جيئڙو جنجل اندر
جڻ ٻگهرجي پل ۾ ٿي وئي برف پاڻي ما رئي،
هاءِ جيجل ما رئي راڄن جي راڻي ما رئي!

ڪِرڙ جو مڪڙيون ڪوماڻيون ۽ پتر جا گل ويا
چيٽ جا چاندول اڏامي ويا اڪن جا ڦل ويا
روح راتاهن ۾ آيا رونقن جا هل ويا
چيهہ پيا چاتين اندر دلڙين ڪان وسري ٻل ويا
سور سيڪاٽيو سڪو اکڙين جو پاڻي ما رئي،
هاءِ جيجل ما رئي راڄن جي راڻي ما رئي!

تو مُهابي هئا مزي ۾ مامرا مهراڻ جا
ناچ ٿي سڳنڌن ڪيا ۽ گيت هئا چانداڻ جا
راتڙين ٿي رنگ لاتا ڏينهن هئا مانداڻ جا

چو پچوءِ ڇهڇتا هئا قرب جي ڇڪتاڻ جا
ڪل خوشي هئي جڻ نه ڪا ميراث اباڻي ماروئي،
هاءِ جيجل مارئي راڄن جي راڻي مارئي!

تون پکي ۾ پدمڻيءِ لوءِ ۾ لالي هئينءَ
تنهنجا ڳڻ ڳايا ٿي ڳوٺن ٻوڊ ۾ ٻالي هئينءَ
روپ هو تنهنجو رتاڻ جان سکن پالي هئينءَ
لئي جي شڪر جان مٺي ڪوڙاڻ کان خالي هئينءَ
ٿي رهئينءَ سڀ جي نظر ۾ سالڪاڻي مارئي،
هاءِ جيجل مارئي راڄن جي راڻي مارئي!

سَرس تنهنجي سونهن هئي جيڏين اندر جرقل جئان
ٿهڪندي ٽلندي وتينءَ ٿي ٻوڏلي ٻرٻل جئان
هيج تنهنجي پانءِ تي سپکي پئي درمل جئان
هاڻ تنهنجا حال هيٺا ٿيا سڙيل حرمل جئان
ڪئي سُکن توکان سويري موڪلاڻي مارئي،
هاءِ جيجل مارئي راڄن جي راڻي مارئي!

تنهنجيون ساهيڙيون پٽن تي هيون انهيءَ اوصاف ۾
جڻ نه گوپيون مند رن ۾ جڻ پريون ڪوهه قاف ۾
تنهنجا جهانگي ائين ٿي پاسيا ڏيهه جي اطراف ۾
جڻ نه اِندر جي سپا معصوم جڻ اعراف ۾
مَٽ نه مائيون هيون مَنهه جي تو چواڻي مارئي،
هاءِ جيجل مارئي راڄن جي راڻي مارئي!

تون پوا ڙيءَ گل جئان ٿي پئي لڱڻءَ وڙاھ ۾
چمڪڻي گل جي چڱن جان ٿي نھڻءَ ھر ٺاھ ۾
جئن وسن جھڙا رھن السيءَ جا گل ڦل گاھ ۾
تئن مھاندا تنھنجا سانديل ھئا سپن جي ساھ ۾
تو ۾ تلسيءَ جون سڳنڌون ھيون سنھاڻي ما رئي،
ھاءِ جيجل ما رئي راڄن جي راڻي ما رئي!

تنھنجي دل درياھ ھئي ۽ تنھنجو من ماڳن ڏٺي
سادگيءَ ۾ پي سونھاري ٿي رھڻءَ ڀاڳن ڀري
تنھنجا ھٿ اونيڙن جان ٿي رھيا واڳن ڏٺي
تنھنجي در پاندي ھيا سپ تون ھئڻءَ آڳن ڏٺي
ھاڻ تنھنجو سچ لھي ويو ٿي سمھاڻي ما رئي!
ھاءِ جيجل ما رئي راڄن جي راڻي ما رئي!

تنھنجي جند ڙيءَ سان جيا ھو سپن جو جوءِ ۾
ھئا مڙئي ڏکڙن ۾ ۽ سکڙن ۾ سرھا روءِ ۾
ھيڪڙائيءَ کان نہ ٻاھر ھو ڪوھا ۽ ھوءِ ۾
سيبتائي ھئي سلامت شڪل ۾ چا خوءِ ۾
ھئي نہ آڌرپاءَ بن ڪنھنجي تڳاڻي ما رئي،
ھاءِ جيجل ما رئي راڄن جي راڻي ما رئي!

تو بنا اي سيبتي آھي سُجن جو واءَ سواءُ
پيو ڏڪر ٿي ويو بکن جو ۽ اُجن جو واءُ سواءُ
وسنو وئي ويران ٿي: ويڙو پُجن جو واءُ سواءُ
ھيانوَ کي کائڻ اچي ٿو ھي رُجن جو واءُ سواءُ

هَي هچارن ڪان ٿي ويئي ڪاڪ ڪاٽي مارئي،
هاءِ جيجل مارئي راڄن جي راڻي مارئي!

تنهنجا اونيئڙا اداس آهن ۽ ٻر پنڙا اداس
راتڙين رمِ جهم وساري ٿي ويا ڏينهڙا اداس
ويا ڇڏي وندر ڪي ويلا رهجي ويا روحڙا اداس
ماءُ کان وڇڙيي ٿين ٿا ٻَر ۾ جيئَن ٻچڙا اداس
هاءِ پي وئي هوءَ پي وئي، هُل هُلاڻي مارئي،
هاءِ جيجل مارئي راڄن جي راڻي مارئي!

جن پَٽن ۾ پيچ ڪيءِ تن جو وَليون ويران ٿيون
جن جهڳين ۾ جواني آنڌءِ سي ڊهي ميدان ٿيون
جَن ڦڙين ۾ ڇيڇ ڪيڏيءِ سي ڦِري طوفان ٿيون
سينڌ سرمن جون وَسيون سڄ جو وڃي سامان ٿيون
جوڻ ڦيريو جَر ڦريو اڪرن تي پاڻي مارئي،
هاءِ جيجل مارئي راڄن جي راڻي مارئي!

ٿاڪ مانجهاندي جو جن ٿي چنگ چوريا چانوَ ۾
اڄ نٿا آڻي سگهن چارڻ اهي سر ڏانوَ ۾
لَڙ ۾ ويا لانجها ٿي لاڏا لوڏ ناهي لانوَ ۾
وِپ جا ورڙاٽ آهن وڍ پون ٿا هيانوَ ۾
باغ ويا پڙپانگ ٿي تو بن نماڻي مارئي،
هاءِ جيجل مارئي راڄن جي راڻي مارئي!

ڪوئلن سان جن ڪڏي ليڪا ٿي نوڙڻ راند ڪئي

سينڌ ۾ ڪوهيا ري ڳائيندي ٿي اڻ تڻ ماند ڪئي
ٻنسري تي بيٺ آلاپي ٿي جن دل ٻاند ڪئي
تن حليمن جي حياتي ڏوجهرن ڪيڪاند ڪئي
اجنبي ٿيا ساز ڪان سر، سالڪاٽي مارئي،
هاءِ جيجل مارئي راڄن جي راڻي مارئي!

جيءَ ٿا جلندا رهن لوبان جان تو واسطي
سور ٿا وڏندا اڄن سرطان جان تو واسطي
ڪيس ٿا اوڏا ٿين ارمان جان تو واسطي
بند ٿا نهندا وڃن زندان جان تو واسطي
سوچ آهي سانت ۾ سپ جي سياڻي مارئي،
هاءِ جيجل مارئي راڄن جي راڻي مارئي!

سونهن تنهنجي سانوري ميرو سندءِ سينگار هوءِ
ماڳ ماندااٽا چڏيا وچڙي ويا سينگار هوءِ
دل تي ديپڪ دَوَ ڪيا ڳائي ڪوڪينءَ ملهار هوءِ
شل نہ ڪنهن کي ڏينهن ڏيکاري اهڙا ڏاتار هوءِ
تنهنجي سورن جي نٿي ڏسجي پڇاڻي مارئي،
هاءِ جيجل مارئي راڄن جي راڻي مارئي!

جن جو جوڀن آهه اڄڪلهه اوج تي اجرڪ جئان
جن جا چهرا ٿا ڏين ڏيکاوَ نئين ڪمرڪ جئان
جن جي هر ڳالهه آهه رنگيلي اُچي اجرڪ جئان
تن کي توکان ٿي ملي سوڀيا اچي ابرق جئان
تون ائين ٿئينءَ، شهر ۾ جڻ ڪا جوڳياڻي مارئي،

هاءِ جيجل ماروئي راڄن جي راڻي ماروئي!
نيڻ مارن جا الا روئي ٿڪا توکانسواءِ
ڪاڄ پيا کهه وهه ٿيا پيرون پڪا توکانسواءِ
هار ۽ سينگار جي سڌ آنه ڪا توکانسواءِ
منهن ٿيا تيلن ڦليلن بن جهڪا توکانسواءِ
سيڪ آيل وڻ جي جڻ مڪڙي ڪوماڻي ماروئي،
هاءِ جيجل ماروئي راڄن جي راڻي ماروئي!

تنهنجي ساهيڙين چڏي ميندي وساري ڏينهن ٿيا
سينڌ تان سندر سپاڳين ڪي اتاري ڏينهن ٿيا
راز رمزون ۽ اشارا ويا گذاري ڏينهن ٿيا
چنچلن جي چلولائي ڪي سِڌاري ڏينهن ٿيا
ڪل خوشي وارين ڪچهرين ڪئي پڃاڻي ماروئي،
هاءِ جيجل ماروئي راڄن جي راڻي ماروئي!

جن هندورن ۾ ٿي جهوٽيا لال لاکيڻا ڪڏهن
جن اڱڻن ۾ هيا موجن جا ماندڻا ڪڏهن
جن اوطاقن ۾ هيا ڪنڊ ڪير ڏاڏاڻا ڪڏهن
جن گلابن ۾ ٽليا ٿي هاءِ ٽاندڻا ڪڏهن
تن جا ريٽيا رند، ويراني نماڻي ماروئي،
هاءِ جيجل ماروئي راڄن جي راڻي ماروئي!

تنهنجي چانگن جون چڙيون ائين ٿيون پيون آواز ڏين
جئن وسوڙيل ڪي خلائن مان ڪي يادون ساز ڏين
تنهنجيون ماٺيون ادائون ائين پيون انداز ڏين

ڄڻ قلندر جي ملنگن ٿي ٿا سپُنا راز ڏين
توکي سڏڪن ساڻ ٿا ساريون اباڻي مارئي،
هاءِ جيجل مارئي راڄن جي راڻي مارئي!

ڪين ٿي مايوس او منهنجي مٺياڻي مارئي
سون ورني ۽ ڏنارن جي ڏياڻي مارئي
آءٌ ڪندس واهر سنڌ جي سر ڏئي نماڻي مارئي
بند مان توکي ڇڏائيندس اباڻي مارئي
تون وري ٿيندينءَ ماڳن جي مالڪياڻي مارئي،
هاءِ جيجل مارئي راڄن جي راڻي مارئي!

# مڪلي منهنجي جيجل مڪلي!

مڪلي منهنجي جيجل مڪلي، تو ۾ مون هنگلاج ڏٺو،
محل ڏٺو مون تخت بنا ۽ تاج بنا سرتاج ڏٺو،
آيل تنهنجي قسمت ۾ مون تاوڻ ۽ تاراج ڏٺو.

ووڙيندي تو ۾ وندر ڪي، وڃي پهتس دور خلائن ۾،
وقت ورائي ڇڻڪي پاسا، ڦوڪيو روح فنائن ۾،
جُوڻ ڦِري نروار ٿي ائين جڻ سهڙيا ڪنگ تلائن ۾.

جهُور جَڏي تاريخ اچي وئي، ويس مٽائي هستيءَ ۾،
مهريءَ وانگي منظر جاڳيا، مُند اچي وئي مستيءَ ۾،
فطرت ٿي شاداب ائين جڻ عيد جي سنبت وستيءَ ۾.

منهنجي اڳيان سو جام نظام هو، جنهنجي سنڌ ۾ ڌاڪ هئي،
سرڪند جي سرهاڻ جان پکڙيل، هِن جي هر هنڌ هاڪ هئي،
خوشحالي هئي جام هتي، ڪا دل نه ڪٿي غمناڪ هئي.

ٻي پاسي دريا خان جو سنڌڙيءَ جو سالار هيو،
اَڙيءَ اُڏيءَ اڙٻنگ سدا، هر حالت ۾ هالار هيو،
مُهِمَن جو منهندار، دلير ۽ اپرن جي آڌار هيو.

سنڌڙي جي هئي صورت ائين جڻ مارئي پنهنجي مارن ۾.
ماڻهن ۾ هو مَرم ائين جڻ سُر، سُرندي جي تارن ۾،
ڀاڳ ڪيا ٿي ڀاڳ ائين جڻ، مينهن جي موج بهارن ۾.

سنڌڙي ساري سون هئي ۽ ماڻهو موتين داڻا هئا،
امن سان هرڪو آسودو هو، سَولا سڀ جا ٽاٽا هئا،

جيڪي هئا ۽ جئن ٻه هئا، سڀ پنهنجي رمز ۾ راڻا هئا.

ملڪ هو ائين آزاد الا، جئين گل جي بوءِ بهارن ۾،
مينهوڳيءَ جان مست ٿيو ٿي روح عجيب نظارن ۾،
رُودن رڳڙو ڪونه هيو، سڀ ڪُڙم رهيا ٿي قرارن ۾.

اوڏيءَ مهل ڪو لوڏو آيو، لڙهي ويا ويچار وري،
اکين اڳيان اَونڌار ۾ آيا، نئين سر جڳ جنسار وري،
ڄام نظام جي جاءِ تي آئي ڄام فيروز جي وار وري.

اک ڇنڀ ۾ مان پهتس سنڌ جي ڄام فيروز جي محفل ۾،
محفل ڇا هئي ڄڻ ته هيو ڪو منگل لاتل جهنگل ۾،
رنگ رتل هئا، موج مَتل هئي، نندو وڏو هو هلچل ۾.

محل جي اڱڻ ۾ نر ۽ ناريون ائين ٽِليا ٿي نخرن سان،
مور ٽلن جئن ڍيلن سان ۽ چنڊ رمي جئن ڪڪرن سان،
رنگ برنگي ويس ائين ڄڻ پوپٽ پکڙيا ڇڪرن سان.

چنڊاڻن ۽ منڊاڻن سان سينگاريل ويراندا هئا،
ڳاڙهيءَ ڳاڙهيءَ ڳيرو وينل، مٽيادار مهاندا هئا،
اڱڻ هئا آباد ائين ڄڻ سانگ سنواريل هاندا هئا.
ڳيرو جن جو روپ ائين ڄڻ، پکڙيل سون ڪوٺا ريءَ ۾،
ڳيرو جن جو جِسم ائين ڄڻ لسڙا پٽر اوسا ريءَ ۾،
ڳيرو جن جي وَهي ائين ڄڻ قرني جا گل ٻا ريءَ ۾.

ڳيرو جن جي ڳالهه ائين ڄڻ، گيان مان جاڳيا ٻاوا هو،
ڳيرو جن جي جوت ائين ڄڻ گَج ۾ ٽاڪيل ڪاوا هو،
ڳيرو جن جا ڪيچ ائين ڄڻ جهانجهه مٿي ڪي جاوا هو.

ٻانهيون ٻانهان اوسي پاسي هيا ائين ان محفل ۾،
نيلوفر جا ننگا گل هئا ڄڻ ته نوازيل جل ٿل ۾،
روحن سان هئي راند انهن جي، ائين چمڪ ڄڻ پايل ۾.

ٻانهيون جن جا جوڀن جبرا جيءَ وڏئون ٿي جوکن ۾،
نانگ ڪنپيون جهر جهنگ ۾ جئن پست جون ڏوڏيون پوکن ۾،
ڏسي انهن کي اچرج مان ٿي اکيون اچي ويون دوکن ۾.

ٻانهان جن جي هٿ ۾ پيالا ائين ٿي لڳا جنسا ريءَ تي،
نيل هئا ڄڻ گنبذ تي ڄڻ سورج مکي ٿا ريءَ تي،
پيالا هئا متوالا ائين ڄڻ ننگا نيڻ ٻها ريءَ تي.

دور هليوءِ ڏُنگ ڪليا ائين داروڻ جي سرهاڻ ڪلي،
شرم وچان ڄڻ لال ڪنوار جي چهري تي لالاڻ ڪلي،
رخن تي آئي رونق ائين ڄڻ ڪڪرن مان چانداڻ ڪلي.

هوريان ڏاڍيان ساز ڇُرياءِ سري پيا سر موجن ۾،
سِڌا ڪيا ڄڻ ٻيڙين سِڙهه، ڄڻ اندلث آئي اوجن ۾،
اڌمن ڪاڏي اُٿل ائين ڄڻ ٿاڪوڙا پيا فوجن ۾.

اُڀريا اُره آرس مان ڄڻ ٽڪريون جهڙ جي غبار وچان،
اٿليا ٻازو جوش مان ائين ڄڻ مڇين ڏنا ٽپ ڄار وچان،
وچڙيا جوڀن پاڻ ۾ ائين ڄڻ اٽڪي پيا ملهه خار وچان.

رنگ ولايت منجهه رسي، ڪئي روحن رم جهم ڪنوٽين ساڻ،
سونهن سان سهڙيو نينهن ائين ڄڻ، ٻاهه ڪپهه جي پوٽين ساڻ،
آخر ٿي سا ڪار ڪري چا جا پاٽي لوڻ جي ڳوٽين ساڻ.

هيڏانهن هئا هي رنگ ته هوڏانهن محل سرا خاموش هئي،
راتين ۾ هو رنگ نه ڪوئي رونق ئي روپوش هئي،
هر ڪنهن کي هئي چپ تي سوئي، ٻاهر نوشا نوش هئي.

عام جي حالت اهڙي هئي جڻ ڏٽيءَ بنا ڏڻ رڻ پٽ ۾،
هر ڪنهن کي هئي نفسانفسي، ويل وهيا ٿي جهٽ جهٽ ۾،
جنهن به ٿي دانهيو جنهن به ٿي ٻاهيو آيو ٿي سو مرگهٽ ۾.

وستي وستي ورونهن کان خالي، شهر مڙئي شمشان هئا،
فصلن ۾ ٿي فاقا اسريا، وڻ ٽڻ سڀئي ويران هئا،
موت ڪئي ٿي موج، حياتيءَ جا نه ڪٿي سامان هئا.

ڄام فيروز جي جَلوت خِلوت پرپل هئي بدڪارن سان،
هن جو هر هڪ راز رهيو ٿي، بيگانن غدارن سان،
دريا گهٽو ئي هنکي سمجهايو ڪن پارن سان.

ڄام فيروز او منهنجا سائين جڳ سدائين ڏيان نه ڪر،
ملڪ جو آهي تنهنجي امانت ان جو ڪوئي مان نه ڪر،
تنهنجي ساري پَت ٿي وڃي پئي، تنهن جو ڪو ارمان نه ڪر.

ڄام فيروز جو انڌو اونڌو ارڪانن کان نڪتل هو،
پرمتڙيوءِ پو ڏايو ٿي پنهنجي انت کي پهتل هو،
دريا خان کي ڏار ڪيائين، پنهنجي تي جو بيٺل هو.

دريا خان جي نڪري وڃڻ تي جشن ملهايو ڄام فيروز،
جيڪي ڪجهه هو خزانن ۾ سو خوب لٽايو ڄام فيروز،
اهڙي وقت ۾ ارغونن جو ڏيان ڇڪايو ڄام فيروز.

جنڪي ڄام نظام جي وقت ۾ جاڳيو جو جولان اچي،
سنڌ جي سرحد اورانگهي ۽ ڪڙڪيائون طوفان اچي،
اٿيو جو دريا خان، انهن جو مات ڪيائين ميدان اچي.

ارغونن ڪي آئي شڪست هو اهڙا خوار خراب ٿيا،
جو ٻيهر هن ملڪ تي ڪاهڻ لِءِ نہ تيار شتاب ٿيا،
ليڪن جيرا جوش ۾ جلندي جلندي هنن جا ڪباب ٿيا.

هڪ ڏينهن جڏن دستور مطابق ڄام فيروز هو موجن ۾،
دشمن پنهنجو سينو ساهيو، انڌ اچي وِئي اوجن ۾،
سمنڊ جي چولين وانگ هيڪاندي هلچل اُٿي فوجن ۾.
سنڌ جي قسمت ڪين ٿي پيئي آيا ڏينهن ڏهاڳ سندا،
ڀاڳ ڪري ويو ٻَر مُنهن، اٿليا ڍارا ڍؤنگ نڀاڳ سندا،
آس نراس ۾ منجي ويئي، آيا ڏينهن ڏهاڳ سندا.

اوچتي گهوڙيسوار اچي ويا ڀڳهرن هاٿا جسم ڪٽي،
ارغون آيا ارغون آيا ڳالھ ڪيائون اسم ڪٽي،
واويلا او ڄام سگها را ڌاريا آيا ستم ڪٽي.

محفل ۾ ٿي مات، اڏاٽا ڄام جا نشا آڙين جان،
درٻارين جا ڪنڌ جهڪي پيا ڪِرندڙ جهُرندڙ ماڙين جان،
هڪل ڪيائين درٻارين کي مچريل شينهن جي راڙين جان.

پير تي ڏونڪو هڻو جو جُنبي جنگ ڪنداسين ڌارين سان،
سائينءَ جو سنهن تعدي اهڙي ٿيندي هيل ڏڪارين سان،
عام چواڻي تعدي جهڙي ٻرڙي ڪئي هئي ٻارن سان.

هڪل ٻڌي هشيار ٿيا سڀ دربا ري للڪار ڪري،
عهد ڪيائون، لڙنداسين اڄ، ڌارين تي يلغار ڪري،
انت انهن سان ائين ڪبو ڪڪرم ڪا رونبا ر ڪري.

دربا ري جي رينهن جوان ۽ شيرن وانگ بهادر هئا،
دربا ري جي نا ريلن جي هاٿيءَ وانگ قداور هئا،
دربا ري جي جنگ جا جوڌا، ٻجليءَ وانگ زورآور هئا.

دربارين مان هئا سيئي پر هيو نہ حاضر دريا خان،
ڄام ڪيو هو جنهنکي ڏمرجي شهر مسافر دريا خان،
پنهنجي اڪيلي سر ئي جيڪو پاڻ هو لشڪر دريا خان.

پيرَ تي ڏونڪو لڳو تہ سيڪنهن هٿ ۾ ڪٽي هٿيار ڪيا،
جوڌا جوان ٿيا نروار ۽ ڪربل ڪا رونبا ر ڪيا.
صفون صفن ڏي ڏوڪي آيون، ڌوڙين انڌوڪار ڪيا.

تلوارون ٿي اُڀيون هوا ۾ پهتيون خون خرابن ۾،
رت سان ڌرتي رڱجي ويئي تڙپيا جسم عذابن ۾،
ڪُڪڙن ۾ جڻ پيون تڪبيرون، پٽڪيا روح سرابن ۾.

سرٽين جان ٿي لاما را ڏئي هر ڪنهن پنهنجا وار ڪيا،
ڪن ٿي بازو ٻڇيءَ ڪان لاٿا ڪن ٿي ڌڙون سر ڌار ڪيا،
موت جي ڪونڌل ڪڏي ٿي چاتين تي هٽڪار ڪري.

دانهون دهشتناڪ ائين جڻ زخمي شينهن شڪاريءَ سان،
هڪلون هيبتناڪ ائين جڻ مرون ڏنو منهن ماريءَ سان،
هڻ هڻ واري هوڏ ائين جڻ وٺ وٺ ٿي رن ڪاريءَ سان.

جنگ ائين رڻ ۾ ريو ڇڻڪي ٻاهه لڳي وئي جهنگل ۾،
وڙهندي جهڙندي مَري کپي ويا ڪونڌر ڪيئي ڪربَل ۾،
هڪڙن جا ٿيا لاڙا سڄايا ۽ ٻيا آيا مشڪل ۾.

ارغونن جو زور وڌي ويو ڄام جو ٻازو ٿئي پيو،
ڌارين ڌاڪ ڄمائي هن جو هر هڪ حيلو ڪٿي پيو،
ڄام ڪلرجان ڪانه ڪئي هئي نيت سو پاندو ڦٽي پيو.

ڪڙڪ پئي جو ڄام فيروز ڪي اٿلي ڇيائين گهوڙا ڙي،
گوڏن تي هٿ هڻندي هڻندي روڄ وڌائين گهوڙا ڙي،
ملڪ نه ويندو جان به ويندي رس او سائين گهوڙا ڙي.

جڏهن ڏٺائين واهه نه ڪائي دانهيائين او دريا خان،
ڏمر ڪري جو ڌار ڪيو هو پاڻ ڪان مون سو دريا خان،
سنڌ جو سورهيه سنڌ جو وارث سنڌ جو بابو دريا خان.

ڪوٺيو ان کي ڇئوس ته مادرِ سنڌ هٿن مان وڃڻ تي آهه،
وارو ڪر ڪو دريا خان جو لڄ اسانجي لٿڻ تي آهه،
ههڙي جيئڻ کان مرڻ ڀلو ٻيلي ڳالهه اسانجي ڳٽڻ تي آهه.

دريا خان اڇي ويو ليڪن دريا خان ويا ڪل هو،
هن اينديئي ادب سان آکيو، مونکي اڳيئي ڪکيل هو!
ڄام ڇيو ڇا دريا خان! هي به ڪرم ۾ لکيل هو؟

دريا خان وراڻيو سائين ڪرم ڀرم جي ڳالهه نه آهه،
ملڪ ڪساييءَ پنهنجن ئي پرڪارن کان ٻي ڳالهه نه آهه،
ڄام ڇيو او سورهيه، ڪسجڻ جي ته اڃا ٿي ڳالهه نه آهه.

اسانکي تنهنجي همت گهرجي، اسانکي پوين داءُ کپي،
موت اسان جي ماڳ تي ڪڙڪيو، مئلن کي ڪو ساءُ کپي،
يعني او سورهيہ دريا خان! تنهنجو ڪڙو تاءُ کپي.
ڄام فيروز ڇپر ڏٺي مون توکي اڳيئي ڇتايو هو،
تنهنجي اند اڙانگوڙين کان ملڪ جڏهن تنگ آيو هو:
تنهنجي زوال ٿي سبب بڻايا سڀ جو اهوئي رايو هو.

گهڻا پائي بغاوت جا ائين سازش پاڻ سنواريو پئي،
جڻ تہ طوائف نهي تڪيءَ دريءَ مان ڪنهن ڏي نهاريو پئي:
انت اهائي ويل اچي وئي ڳڻتي جنهنجي ڳاريو پئي.

تنهنجي بيڙي انهن ئي ٻوڙي جنکي تو پڳدار ڪيو،
هئي نہ جن ۾ ٿوم بہ ڪائي تن کي تو منهندار ڪيو،
تڏهن تہ ڏارين ڏوڙيا لائي ملڪ جو ٻوٿو گار ڪيو!

ڄام ڇيو ها دريا خان، تو اڳيئي رخ هو ڏيکاري ڇڏيو،
مون نہ مڃي پر ڳالھ ڪا تنهنجي تنهنجو سبق وساري ڇڏيو،
هاڻ پلا ڇا ٿي ٿو سگهي ڪجھ فيصل ڪر غم ڳاري ڇڏيو.

ڄام فيروز مان تنهنجو غلام ۽ وطن جو خدمتگار آهيان،
وقت تي جيڪي ڪيم سو سڀ ڪنهن ڏنو هينئر لاچار آهيان،
موت تي ميار اجائي ٿيندي سمجھ تہ مان بيڪار آهيان.

ڄام اٿي ڪري دريا خان کي آندو پنهنجي پاڪر ۾،
ڪاڏي تي هٿ رکندي ان کي آکيائين هينءَ آدر ۾،
ميٺ منداپون ڌَريل! ائين جئن ميٺجي ٿي مَرُ ساگر ۾.

دريا خان کي آئي ڇپيءَ جوان جهپن ۾ ڳري ويو،

آهه ڪيڏيائين اندر مان ڇٽي جام سو دريل مري ويو،
جنهن جي هڪل سان حريف ته ڇا پر پهاڙ پي ٿي ڏري ويو.

هاءِ هي منهنجي سنڌ هي منهنجي جند تو مونکان جدا ڪئي،
سارو پڙ ويو پالهو ٿي تو پيدا اهڙي هچا ڪئي،
هاڻ ته انجو ٻلو نه ٿيندو تو يا مون جا خطا ڪئي.

دريا خان هي ڇا ٿو چوين ڪجهه سوچ اسان جو مرم ته رک،
ملڪ اهو جو ماءُ برابر ان جو ڪوئي ڀرم ته رک،
ٻيو جي ڪين ته پي تون پنهنجي سورهيائي جو شرم ته رک.

دريا خان کي جوش آيو ۽ دريا خان تياري ڪئي،
پالوڪنيو هن هڪڙي هٿ ۾ ۽ ٻي هٿ ۾ ڪٽاري ڪئي،
سندرو ٻڌي ۽ سينو ساهي گهوڙي تي هسواري ڪئي.

ڏوڪي ويو ميدان ۾ ائين جڻ شينهن لنگهي ويو ٻيلي ۾،
ڌارين ۾ ڦوٽ پئي جڻ، مينهن وسي پيو ميلي ۾،
پاڳن ۾ پيا بدن انهن جا پئجي وئي رت ريلن ۾.

هن جي هٿيارن هڪلن سان ائين ڇيهه وڌا ٿي هانين ۾،
ڇريون پيون جڻ ڇيلن ۾ جڻ ڪرٽ ڪهاڙا ڪانين ۾،
رڙين منجهان ريهاٽ شروع ٿيا ڪونه رهيو ڪومانين ۾.

دريا خان ڪي مَمَڻ مچايا غورابي گهمسان جئان،
درياهن جان پائيندو ويو وڌندو ويو طوفان جئان،
هن ڌر جا اوسان خطا ٿيا اوڳن جي ارڪانن جئان.

ڏنو جو ڌارين حال اهو سو مَن ۾ مندائي رٿڻ لڳا،

مڙئي منافق ڳولي ڦولي ساٿ انهن جو ونڻ لڳا،
”گهر ڪا ڀيدي لنڪا ڍائي“ ڪيڏ انهيءَ سان وڙهڻ لڳا.

دريا خان جو انت اچي ويو ٻاگ ٻڇي بيزار ٿيو،
موت منافق جهڙ جي ڏپ جان نڪري ۽ نروار ٿيو،
هي نہ وطن جو دوست هيو پر وقت نہ هن جو يار ٿيو.

دريا خان دلبر هليو ويو ائين هاريءَ مان،
ٽٽي پيو جڻ اپ مان تارو ڇٽي پيو گل ٽاريءَ مان،
رَمي وئي جڻ راند مان رونق، مزو ويو جو ياريءَ مان.

دريا خان ٻڇاڙي ڪئي ۽ ڄام ويو ائين گوئن ٿي،
پڪي ويو جڻ آڪيري مان آڪيرو ويو ڪک پن ٿي:
پتر لڳا جڻ ٻيرن ۾ وئي ٽاري ٽاري پن پن ٿي.

الا او سنڌڙي تنهنجا سورهيہ ويڳاڻا ٿي منجهي پيا،
سڏ ڙين تنهنجو ساٿ لٽايو، هاڙهين جا هڏ ٽٽي پيا،
چنڊ جڻان گهاوَ پرايا، تارن جا ڇھ ڇڄي پيا.

اُتر توکي اهنج ڏنا ۽ ڏکڻ توکي ڏکيو هوءِ،
اولهہ تنهنجا انگ لتاڙيا اوڀر توکي لويو هوءِ،
لهندي چڙهندي سج ڏجها ڏئي رڻ ۾ توکي روليو هوءِ.
گهڙيءَ سندي گهڙيال ٿي جا ٿي گلزاريون ڪيون لک الا،
هيج ڪري هُل وڌا ٿي سپکي ٻارن وانگي ٻک الا،
ڪن پل ۾ ات ڏسڻ ۾ آيا ڪاريءَ وارا ڪک الا.
مڪلي! منهنجي جيجل مڪلي!!

# سنڌ جا ميلا

هي سنڌ ڙي جيئي شال آباد ملڪ آهه
هتي سال ۾ ڪيئي ميلا لڳن ٿا،
جتي سينڌ سرما ڪري خوب ٿي ٺاٺ
اوري پري کان سريلا اچن ٿا
ڪي پاچن ۾ پوراءِ ڪي ڪيسن ۾ گم
ڪي ڪٺڻ خان ۽ ڪي مهاندا ٿين ٿا

جڏهن ڪوبہ ميلو لڳي ٿو تہ ائين ٿو سجهي
ڄڻ تہ شهرن ۾ شبرات آئي
هي بر ۾ بازارين، هي جهنگل ۾ منگل
گهمي ڄڻ تہ جنت مان اوقات آئي
نظر ڪر تہ ماڻهو ائين ڄڻ تہ
دهلن دمامن سان راجا جي بارات آئي

فراوان رستا ۽ رستن متي روشنائي
جي رم جهم جو مانداڻ آهي
سمهيل ڄڻ تہ ساحل جي سيني تي
خوشدل جوانيءَ جان چوڏس جي چانداڻ آهي
طرحدار چشماءِ مزيدار گلشن
حياتي هتي پنهنجو مٽ پاڻ آهي

دڪانن کي ائين ٿو سَجايو وڃي
جئن سگهڙ زال ييڙيءَ ۾ گهر کي سجائي
مَڇن ماندڻيون ٿيون ائين ڪنوار جيئن
رات پهرين ڪڪائين چپر کي سجائي
لڳي هوٽلن تي ٿي ڌم

ڪاغذي قدرتي گل چڏن ٿا نظر کي سجائي

سدا مور اسٽال، جن تي رکيل
هر نموني جو سامان سر تار سانگي
ڪٿي پٽ پٿير تي نازڪ هٿ سان
پريل پرت سِهرن جي جهونگار سانگي
ڪٿي سُٽ تي باريڪ اوٽي ڏنل آهه
نگاهن جي ڀرپور جنسار سانگي

ڪٿي ڪاٺ تي آهه جنديءَ جي
جادوگري اهڙي جنهن تي سنارا به عاشق
ڪٿي آهه مٽيءَ تي چٽسالي ايڏي
جو ان تي بسنتي نظارا به عاشق
ڪٿي چم مٿان آهه اهو ڪم ٿيل
جنهن ڏسڻ سان بڻايا پٽارا به عاشق

اجها چُر جي ڪاريگري جنهن
چُنين چادرين کي چڏيو من جو رانجهن بڻائي
وهيءَ ۾ اچڻ ساڻ جئن ڪنهن
ڪنواريءَ کي سينگار تي مست جوڀن بڻائي
اکين ٺار اجرڪ ڪرن جيءُ خوش
جڻ جهڙيالي ٿي پوني کي گلشن بڻائي

پري کان ٿو ديدار جون دعوتون ڏي
هو ڪوڏن ۽ ڪاوَن جو لئبا ز چهرو
اڳي هل ته اونيءَ مٿان ڪم اُهي
جڻ ته ڪنهن دوست دلبر جو دمساز چهرو
ڏڪي مارئي جنهن جي لوئي لڱن تي

رکيو پنهنجي ما رن جو ممتاز چهرو

هو لونگيون پٽا پٽ هنن جو
وڏو شان ۽ مان آهي هتي جي گهٽن ۾
ڏکي جنهن به لونگي لڳي سو ائين
ڄڻ ته گلمور جو ونڻ چمن جي وٽن ۾
پٽيان رمز واريون رلهيون ڄڻ ته
اِلسيءَ، سرنهن جا ڪڙيل سيبتا گل چٽن ۾

اناجن جون جنسون ائين ڄڻ ته
موتين مڻين جون لڙهيون لاڙڪاڻي ۾ آيون
مزيدار ميون جي جهالر ائين ڄڻ ته
ڪي سوڪڙيون دوستاڻي ۾ آيون
اڪيچار پاڄيون ائين ڄڻ ته وَڙ وَڙ جون
چوريون گهمڻ وڏ گهراڻي ۾ آيون

نظرباز قالين جن تي رنگا رنگ
ڪاريگريءَ جا ڪرشما ڪنديريل
اڏامڪ پکي ۽ اُجايل هرڻ جهنگ جهر
۽ جبل جن ۾ چشما ڪنديريل
وسيع آسمان جنهن جي دامن ۾
امن ۽ محبت جا دلبند نغما ڪنديريل

هي هشيار پنوهار، جن جي جبينن تي
جانباز جوڌن جي قسمت جي ريکا
اجاري چڙهي جن زماني جي سيني تي
همت ڪري فتح نصرت جي ريکا
مري جن مٽائي بني نوع انسان جي

هٿ تان غلاميءَ جي ذلت جي ريکا

جڏهن ظلم جو ديو معصوميت کي
سزاوار ٺهرائي درهم ڪندو هو
هَوس ملڪ گيريءَ جو آزاد بندن جي
بي غم حياتيءَ کي برهم ڪندو هو
تڏهن ڪو دلاور بغاوت ڪري
بربريت جي هلچل کي بيدم ڪندو هو

ڪتابن جو سينو سبق سان پريل
جلوه گر جن ۾ هر دم هدايت رهي ٿي
قلم جي ڪيا ڪارناما انهن ۾
محبت جي مخفي صداقت رهي ٿي
خلوص آهي منجهن گل جي خوشبوءِ وانگي
وفا جي هنن ۾ حڪايت رهي ٿي
ڪتابن جي دل ۾ اهو نور آهي
جتان علم جو صحن روشن ٿئي ٿو
ملي حسن يوسف ٿو انسانيت کي
حياتيءَ جو ايوان گلشن ٿئي ٿو
خيالن کي خوراڪ ملندي رهي ٿي
ءِ تعمير جو شوق پر فن ٿئي ٿو

هي ماضيءَ جا استاد، آئندي جا رهبر
هي آهن مقدس امانت وطن جي
محافظ هي تاريخ تهذيب جا
جي وڏائي رهن ٿا وجاهت وطن جي
ادب علم حڪمت جا روشن صحيفا
هنن ڪان ئي آهي شهامت وطن جي

هي آهن مشينون جي ماڻهن جي
هر ڪم ۾ ماڻهن جيان ئي مددگار آهن
جتي سست رفتار وهڻ جا هَڏ گم
اتي هي سدا برق رفتار آهن
مهينن جو ڪم ڪار ڏينهن ۾ لاهن
ڏين سک ائين جڻ ته ڏاتار آهن

مشين آئي چر پر ۾ ۽ نوڪ برمي جي
ڏو ساڻ جَر ڪان وڃي پار نڪتي
ٻنيا ڏئي ائين ان مان اکڇنب ۾
پاري جي ٻل وانگ پاڻيءَ جي ڌار نڪتي
ڦٽي جڻ ته جيجل جي ڇاتيءَ مان
ٻار جي واسطي ٿڃ جي ڌار نڪتي

هليو هر ته بيدول ڌرتي دڙن مان
بدلجي سنوت ساڻ همراهه ٿي وئي
ويا لاهه لاهن جا نڪري ۽ کوٻن
ڪڏن جي يڪي سر مَڏي گار ٿي وئي
ٻني ٿي ائين جوڙ جڻ سنڌ عورت ٿي
سائي ۽ ٻارن جي پرمار ٿي وئي

ڦِريو هٿ ٻڻ تي ته نلڪي مان زُوڪو ڪري
پنور وانگي ڦوهارو شروع ٿيو
نندين ۽ وڏن، اُن ۽ انسان، هر جنس
جي خصم جي جيڻ تي مارو شروع ٿيو
پکين پر ڪنيا، پل ۾ اُوهين ۽ واهين کي
ڪک پن ٿيڻ جو اشارو شروع ٿيو

هي ٽيليويزن آهه ريڊيو جو نئون روپ
صوتي ۽ عڪسي اشارن جو مرڪز
ٿئي هر ولايت جو ٿو سير هن ۾
هي آهي هزارن نظارن جو مرڪز
هتي حسن، عشق ۽ محبت جا منظر
هي باغن بهشتن بهارن جو مرڪز

اڪيلائي آهي ۽ ٽيليويزن آهه
نه ڳالهه ڪرڻ جي ضرورت نه آهي
سڄو سڪلو توڙي چڙهو چانڊ هوندو
نه پيءِ خوش ٿي چوندو نه دقت نه آهي
نه دولت جي گهرج ۽ نه شاديءَ جي حاجت
جي ٽيليويزن آهه ته حرڪت نه آهي

هي آهي ميزائيل جنهن جي ڏسڻ سان
ڏڪي ٿي وڃي آدميت جي ڇاتي
خدائيءَ جو دشمن تباهيءَ جو پيڪر
مماتيءَ جي شڪل ۽ مصيبت جي ڇاتي
بڻائي ٿو اک ڇنڀ ۾ دنيا کي دوزخ
بگاڙي ٿو ڪن پل ۾ فطرت جي ڇاتي

ڇو نه فخر سان هن جا خالق ٿا هن کي
هي سائنس جي اعجاز ايجاد آهي
حسين ڪائنات آهه تخريب لائق
اهوئي منجهس مقصد آباد آهي
اميدن جو خانو خراب آهه هن کان
حياتيءَ جو گلزار برباد آهي

هو ميدان درياھ وانگي چلي پيو
ائين ٿو لڳي ڇڙ تہ طوفان آيو
ڪٿي گوءِ جي ڌم، ڪٿي راند جي رش
متا گوڙ هر دل کي جولان آيو
پريان پدمڻين جا پڪا جن تي
سندرا ٻڌي هرڪو ٻڌجي ڪٽڻ خان آيو

هي نا ريون نماڻيون پڪن ۾ ويهي
ٿيون حيا شرم ٻوڙن رڳو پيٽ خاطر
هي سيتا جون سَکيون هي ما رئيءَ جون پينر
پيون رت ولوڙن رڳو پيٽ خاطر
تمدن جي دامن تي ٿيون داغ ٻڌجن
مرم کي نهوڙين رڳو پيٽ خاطر

مگر هي تہ ميلي جو جنسار آهن
هنن سان تہ ميلي جو سينگار آهي
جتي هي نہ آهن اُتي ملڪ پينگ آھ
۽ قوم جو ماند وهنوار آهي
شرافت جو پل جان اڇو منهن ٿئي
هرڪو عبادت کان مجبور لاچار آهي

هي ٻِشني هي پوتن جا پائر هي کيسن جا رهزن
هي هشيار ڪانگ ۽ گدڙ جان
ڏسن جنهن جي ڇهري تي چمڪو چون آھ سٽپو
لِڳي ڪدِ، هٽن جهٽ ٻگهڙ جان
هي جاون ۾ مالڪ کڳين ۾ ويچارو
وري ٻانگ ڏئي گهر ڪُمهلي ڪڪڙ جان

هي آهن سنياسي دوائن جي انبار هيٺان
ائين جڻ ڪتو لڪ جي هيٺان
پٽي وات واڳونءَ جئان ڪن ٿا واڇڻ
اچو هت پيل آهه ڪڪ لڪ جي هيٺان
جوانيءَ ۽ طاقت جو انمول پنڊار
ساندي رکيو آهه اسان رک جي هيٺان

هي گوريون جي خوگوش جي ڦينگڻن جان
اوهان پائرن کي ڏسڻ ۾ اچن ٿيون
پھا ڙن جي درويش جو تحفو آهن
جي کائڻ سان يڪدم اهي ڪم ڪرن ٿيون
جو ٻئي هٿ ڳچيءَ ۾ ٿا پئجي وڃن
۽ اکيون ڳوهه وانگي ڏرا ڏئي وڃن ٿيون

هي گوريون هي حب سليمان
جيڪي مجرب اڪيچار مرضن تي آهن
ٿئي دم جو بيمار بيدم هنن کان
۽ ماڻين سي جنت جي هڏڪن تي آهن
هنن کي مڙئي آهه ڪم ڪرڻو
باقي مرڻ ۽ جيئڻ سڀ نصيبن تي آهن

جوارين جي مولا ٻڌي سي به آيا ائين
جڻ ڀڪيءَ پوک تي جهار آئي
ڪٿي تاس تي هٿ پيا صاف ٿين
۽ ڪٿي آهه چڪي تي هونگار آئي
هزارن جو هت ٿيو حديرو گل آهي
سون تي هتي آهه ڦرمار آئي

هي جوڳي هي تو ڳي ولر ڪيو وتن
سا دڙن کي ڦُريندا ڪئامار وانگي
ڪٿي آهه قسمت جي چڪر جو چارو
نه ڪٿ بخت جو ڏيج وانگار وانگي
خيالي پلائن جي ڪانهي ڪمي هت
وتائي جي پا ڙيسري يار وانگي

اُنن جون قطارون ابابيل ٻڻجي
اُره کي ڦُندائي هليون هير وانگي
هي گوڏن تي گهنگهرو هي ڳانيون ڳچيءَ ۾
قدم ڇم ڇماڇم لڏڻ مير وانگي
مهابي پريل مرڪ جن جي جتن جي
جهلي واڳ جي ٿا چڙهن سير وانگي

هو گهوڙا هو ميدان جا مينڌرا
منزلون جن کي مومل جان مرڪي ملن ٿيون
هلن ٿا ائين جڻ ڏکڻ جون هوائون
ڊکن ٿا ائين جڻ نه کنوڻيون کلن ٿيون
”ويا هو ويا“ هوڪرا پئجي ويا
سوپ ۽ هار لئه سڀ جون چاتيون چلن ٿيون

هو جوڙا ملهن جا جتي جوان جوانن کي
ياڪر وجهي پي ڊپا تي وڙهن ٿا
گهڙيءَ ٿا ڪمانن جان بيٺا ٿين
۽ گهڙيءَ تير وانگي سڌا ٿي وڙهن ٿا
دسڻ ۽ ڪِرڻ مرڪ مردن جو
ڊپ کان ٿي آجا هي مهمير راجا وڙهن ٿا

فقيرن جا ٽولا ڪي انڌا ڪي منڊا
ڪي هٿ جا ٽنڊا ڪي سائينءَ سنواريا
وٺو لٺ هٿ ۾ سدائين اگهاڙا
سدائين بکيا تہ بہ سدائين سنواريا
هي مظلوم، ڪنگال، مجرم، مڙئي
زماني جي ڏکن ڏاڍ نهائين سنواريا

اديبن جو جلسو شروع آهہ آڄي
وڃو ور تہ جلدي هلي جاءِ ڳولي ٿا ڳولي
رکي پير پنڊال ۾ جونءَ وانگي
سُري سهنج ڪو داد جي لاءِ تاڙيون
ڏسون ڪير ٿو اڄ ڪٽي گوءِ ڪنهن جو
مچي ٿو مڪو عام جي راءِ تاڙيون

وڏي شاماني اندر ناچ گاني جي
تنتار جهنڪار اندر سپا جان
اٿيون پوپريون بُربلين جان ۽ نچنديون
رهيون مست المست ٻڃي صبا جان
اکيون پيون عجب ۾ دليون ويون غضب ۾
ويا ويل سپڪنهن تي وهندا قضا جان

سريا ساز سان پره جي پُور جان راڳ
جڏهن رُت بهارن جي اوقات آندي
سڌير آئي روحن ۾ جڏهن خوش خبر ساڻ
ڪنگال وٽ بخت با رات آندي
مٽي موج ايئن جڏهن تہ ميخاني اندر
تمام اوج تي جشن اڄ رات آندي

اڇي ويا وري مسخرا جن اڇڻ ساڻ
ڇوڙيا ڦٽاڪا ۽ ٺاٺيون لڳي ويون
ڪليا وات ڪل ڪان بنا در درين جڻ ته
پردي تي فلمن جون ماٺيون لڳي ويون
هنيائون جهمر ائين ڪيڏڻ جڻ ته ڄاڻن جي
ڄُنڊن مان لِيڪون ڪراٺيون لڳي ويون

ڇيائون اسين خاندان آهيون ليڪن
اسان کي وڏو پيٽ جي ڪوٽ ماري
هٽون ٿا ائين لامَ شطرنج ۾ جڻ
اندو ٿو سڄي جي لِڪي ڳوٺ ماري
ڪريون سپ جي غم تي ٿا غلبو ائين
جڻ ڪنڊي ڪنوار ٿي نند ۾ گهوٽ ماري

ٿيو ختم ميلو ته سڀ ڪنهن چيو
ڪنهن ڀاني ٿي جيئڻ کي قدرت ملائي
اکيون چار ٿينديون دليون ٿا ملايون
ڇڏي ٿي رُنن کي محبت ملائي
ڇڳو هاڻ ٿا موڪلايون ملياسين
ڪلياسين وري شال قدرت ملائي

هتي جي به پنهنجا پراوا اڇن ٿا
سي هڪبئي جا ساٿي ۽ همراز آهن
گهري آشنائيءَ جا موقعا ٿو هر ڪو
وفادار ياريءَ جا انداز آهن
وڇوڙو، سرو، لاڙ، اترو، هميشه
سڀڱن پاڻن جان هم آواز آهن

هي ميلا حياتيءَ جا ميلا محبت جا ميلا
سدائين سلامت هجن شل
هنن آهه سنڌ ڙيءَ جي تهذيب تاريخ
زنده رهائي سلامت هجن شل
”نياز“ آهه ميلن جو شائق گهري ٿو
سڀن کي ڀلائي سلامت هجن شل

# پرهه ڦٽيءَ کان پوءِ

## لوڪ ڪهاڻي

**(هي طويل نظم ون يونٽ واري دور سان تعلق رکي ٿو. ليڪن هن جو مقصد صرف انهيءَ دور جي حالتن تائين محدود نه هيو ان ڪري نظم جي مستقل افاديت جي پيش نظر هن جي ٻيهر شايع ڪرڻ جي ضرورت محسوس ڪئي وئي.)**

(١)

آ ڪاٽي ٻُڌ ! مور ۽ هرڻ جي سولي سَنهنجي آ ڪاٽي
منهنجي ملڪ جا ننڍڙا وڏڙا ماڻهون پنهنجي آ ڪاٽي
راتين جو رولاڪ رهي ٿو ٻاڃان تنهنجي آ ڪاٽي

هڪڙي جهنگ ۾ مور ۽ هرڻ رهيا ٿي پاڻ ۾ يارن جان
گڏجي سڏجي راند ڪندا هئا پيچي ٻنجي ٻارن جان
سچ جا سانگي قرب جا ڪانگي هُيا سي ماڪيءَ لارن جان

مور جو صُوفين وانگ رهيو ٿي ڏيان نه دنياداريءَ سان
هرڻ مڙئي هو هيڪاندو هر حالت ۾ چوياريءَ سان
اهڙيءَ ريت گذاريو ٿي پئي هرهڪ خود اِختياريءَ سان

مور سدائين سچ چوندو هو ڪوڙ جي هن وٽ ڪار نه هئي
ظالم جي سگھ سگھري توڙي تڏهن به هن کان تار نه هئي

پر ارمان جو هن ناڪئي جي ٻيڙي هتڙي پار نه هئي

هن جو سچ ئي مَچ لڳو ٿي هُوڙ هيالن جي هستيءَ کي
نيٺ ٿي هي بيزار هليو ويو ڇڏي سندن خرمستيءَ کي
پنهنجي ليکي الڳ وسائي وينو ڪنهن ٻيءَ وستيءَ کي

هرڻ هيو جنهن جهنگ ۾ تنهن ۾ گدڙ ٻگهڙ پڻ جام هيا
ڦاڙهن ۽ ڦِڪارين سان گڏ ٻيا پڻ ڪي گگدام هيا
شينهن جي شاهي هئي انهيءَ جا ظلم ستم پڻ عام هيا

هرڻ هو تابع شينهن ڪان سو ٿي ننڊ ۾ ڇرڪ پريندو رهيو
هن جو وات ٿي پاڻي ٿيو ۽ هن جو هانءُ ٿي هڄندو رهيو
هرڻ شڪار نه شينهن شڪاري اهو تماشو هلندو رهيو

قصو ڪوته! هرڻ کي جو هڪ ڏينهن ستايو تاس اچي
ڊوڙي ڊوڙي پهتو پياسي جهنگ جي ڍوري پاس اچي
شينهن هيو جو تاڙ ۾ تنهن جو سارو ڪم ٿيو راس اچي

ٻيلاڻي مان ٻوٿ ڪڍي هن هرڻ کي هاهاڪار ڪئي
تو ڇو ايندي اُجري ڍوري ميري او مردار ڪئي
بيھ اِتي نه ته سير وينديءِ جي ڇرپر تو هيڪار ڪئي

هرڻ ڇيو هيءَ وَهندڙ ڍوري آهي ميري ٿيڻي ناهه
شينهن وراڻيو بس ڪر گيدي ڳالھ ڪا تنهنجي ٻڌڻي ناهه
گستاخي جا ڪيئءِ انهيءَ جي سزا نه توتان ٽرڻي ناهه

اُنڪان اڳي جو هرڻ چوي ڪجھ شينهن ڏنو ٽپ جهٽ پٽ ۾
هرڻ به هو هوشيار سو ان پڻ وار وڃايو هڪ سٽ ۾

ڪامي پَڄري شينهن چيو پٽ! نيٺ ته ايندين ٻي جهٽ ۾

هرڻ ته هيڪر ٻچي ويو پر ٻيهر ان ڏي نه خير هيو
دل ۾ چيائين ڪجھ به نه هو بس! شينهن جي مَن ۾ مير هيو
اهڙا ٻهانا ٻُوليائين ٿي جڻ ته سندس ڪو وير هيو

هرڻ چيو هن شينهن کان ڪهڙيءَ ريت به جند ڇٽڻ گهرجي
ارچڻ آهي اوکي ليڪن ڪو ته اُپاءُ ڪرڻ گهرجي
هر ڪنهن سان هي هاڃا آهن هلچل ڪا به هلڻ گهرجي

(٢)

اُپ تي اُپريون ڪاريون ڪڪريون وِندر آئي وَستيءَ ۾
پورن جي پاتال مان نڪري مور اچي ويو مَستيءَ ۾
ڪوهياري ڪوڪار تي هرڪي هيج وڏا هل هستيءَ ۾

ڪڪريون جن جي ڪَرهه ائين جڻ پِرهه وَهيءَ جا انگ ڪٽي
ڪنور جيان پٽي پنور پِرايا رم جهم رم جهم رنگ ڪٽي
مور ائين جڻ ڳائي هَمرَچو هاري هٿ ۾ سَنگ ڪٽي

ڪڪرين جرڪي جهمر هنئين ٿي اُرهه اُپا ريل گورين جان
مور پکيڙي پريت پرن ۾ ڇيڄ وڌي ٿي ڇورين جان
واءُ ڏنا ٿي وِرهه وَراڪا ٻود ۾ آيل پورين جان

ائين ڪندي اُت هرڻ اچي ويو چوُهي جهڙو ڇَند ڪري
مور کي ڏسندي مانيٽو ٿي ٻيٺو رَند تي رَند ڪري
هي پي ٿي ويو سانت سکھوئي ڦٽا سمورا ڦند ڪري

مور ۽ هرڻ جي ياري هئي سو مور جو ان کي ڏک ۾ ڏٺو
دل ۾ چيائين هي جو هِنکي اتم هميشه سُک ۾ ڏٺو
تنهنکي اڄ هي ڇا ٿي ويو ڇو کيس مون اهڙي مُک ۾ ڏٺو

آخر اُنکان پڇا ڪيائين هرڻ هنيلا خير ته آهه
آهين ڪهڙيءَ اُڻ تڻ ۾ اڄ رَنگ رنگيلا خير ته آهه
ههڙو حال ڇو تنهنجو ٿي ويو او اربيلا خير ته آهه

مُنهن ته مٺي ڪر سچ ته ٻڌاءِ ڇو روئڻو روپ بڻايو ٿي
توسان ڪائي ويڌن آهي يا ڪو ڏوُنگ رچايو ٿي
عشق ۾ ڦاٿو آهين يا ڪنهن ماريءَ ڏِيل ڏڪايو ٿي

هرڻ چيو سڀ خير آهي هڪ خبر ٿو توکي ڏيڻ گهران
تنهنجي صلاح سان سوَلي ٿيندي سور ٿو توسان سلڻ گهران
اُڻ تڻ آه اهائي پائو! بار ٿو هلڪو ڪرڻ گهران

توکي سڀ سڌ آه ته اڄڪلهه پنهنجو گذر ڪيئن تنگ آهي
موت جو آهي سر تي سايو جنهن کان جياپو دنگ آهي
ڪڪ ٿي هن ڪيڪاند کان جوتي پاڻ جهوِل سان جنگ آهي

مور چيو مون سمجهو ڪونه تون ڪهڙو ٿو جنجال ڪرين
ان کان اڳي جو مٽيون منجهائي تڪڙ ۾ ٻائيتال ڪرين
بهتر آهي ته دل کولي تون مونسان سارو حال ڪرين

هرڻ وراڻيو، ڳالهه هيءَ آهي ته جهنگ جو پنهنجو ننگ آهي
مور چيو ها ، هرڻ چيو اُت شينهن جي ڳوري ٽنگ آهي
پاڻ کي گهرجي آزادي سو پنهنجي شينهن سان جنگ آهي

مور چيو سڀ نيڪ مگر هي مهم نہ ائين سر ٿيڻي ناھ
جيسين ساٿ نہ ڏيندا سڀ: تيسين مصيبت ٽرڻي ناھ
آزاديءَ جي ساک ۽ سهڻا، هِڪ ٿيڻ بِن رَهڻي ناھ
هرڻ ٻڌايو ائين ئي آهي تہ مان اڪيلو ناهيان پاڻُ
سڀني جي ساٿ سان هي ڪم ٿيندو سمجهو آهيان پاڻُ
مور چيو بس سمجهي ويس مان پڻ تہ اهو ٿو چاهيان پاڻُ

(٣)

هوڏانهن هرڻ جو بار ٿيو هلڪو هيڏانهن مور کي موج چڙهي
ڪڪر نهاري ڪُوڪ ڪيائين پل ۾ اُمنگ ويا اوج چڙهي
جڻ تہ درياه جي دل ڌڙڪي جڻ فتنو تارڻ فوج چڙهي

هرڻ چيو هي آزاديءَ جا گيت ٻڌي ائين پايان ٿو
جڻ تہ جواني واپس آئي جڻ تہ وري لَنو لايان ٿو
مور وراڻيو تڏهن تہ مان پڻ ٻُوڏَ ۾ پرجي ڳايان ٿو

ائين چئي ۽ مور اُڏاڻو روح کي جڻ رولاڪ ڪري
لحظي ۾ سڀ غم لاهي جن چڙيو ٿي ڪيس هلاڪ ڪري
هرڻ اُتي ئي بيٺو رهيو جڻ، بيٺو هو ڪو ٿاڪ ڪري

هن ويچارو منهنجو دوست هي مور ٿو جئَن آزاد رهي
مان ٿو چاهيان منهنجو مَن پڻ آجو ۽ آباد رهي
روح رهي رنگينين جان صَبا جئان دل شاد رهي

اُره ڪڏي جئن ڪکر اچي تئن چاتي تاڙي چال ڏيان
اندلٺ وانگي اوج تي پهچي چنڊ کي دل جا حال ڏيان
ساري هستي موج ۾ مستي جهُڙ ۾ جهُمريون جال ڏيان

آزادي سا نعمت آهي جنهن کان مان محروم آهيان
بيوس بي اختيار غلاميءَ آه ڪيو مظلوم آهيان
هن کان زياده ذلت ڪهڙي پاڳ قتل محڪوم آهيان

آزادي ٿي گهرجي مون کي پنهنجن پيارن ٻچڙن لاءِ
عمر سڄي جي سِڪندا رهن ٿا گونچن ڪچڙن لاءِ
اکڙيون جن جون اُداس سدائين آهن سپن سچڙن لاءِ

آزادي ٿو چاهيان مان تنهن ماندي ماديءَ جي
پلجي پيي نه نهاري آه جنهن واٺ ڪڏهن آباديءَ جي
حسن هراس ۾ اُن جو ويو پئي باه ڏسي برباديءَ جي

آزادي سا آزادي جا قسمت کي بدلائي ڇڏي
ڏور ڪري سپ ڏکڙا پنهنجا حالت کي بدلائي ڇڏي
سُک جو بهانو بڻجي ۽ هن زحمت کي بدلائي ڇڏي

ائين ئي پنهنجي پؤرن ۾ هو وِک وڌائي هلڻ لڳو
مور جي ڪُوڪ تي ڪن ڪٽي ۽ اچا هو تڪڙو ٿيڻ لڳو
تنهن دم ٿورو سُرڪو ٿيو هو ڪنڌ ورائي ڏسڻ لڳو

ڏٺائين نہ مور جي ڏپ کان هڪڙو نانگ ائين ئي پڇندو ويو
ڇڙڪو تڪڙو تير هيو جو ڪمان منجهان ٿي ڇٽندو ويو
حيرت مان هي ان کي هرهر جوءِ اڙائي ڏسندو رهيو

(۴)

جيئن هو آيو مور اڳيان تيئن انکي چيائين حسرت سان
تنهنجي حياتي ڪيئن ٿي گذري آزاديءَ ۾ حشمت سان
آءٌ ئي آهيان جو ٿو گهاريان يار غلاميءَ ۾ وحشت سان

مور چيو هان ڪيئن ٿو پائين پنهنجي ڳالهہ نرالي آهہ
منهنجي رعب کان ساري وَستي ظلم ستم کان خالي آهہ
هرڻ چيو ها مون پي جاچيو تنهنجي جوت جلالي آهہ

تو جا ڪوڪ ڪئي نہ انهيءَ کان ڪنڌ ۾ ڪنبندڙ سپ ڏٺم
ڪانگ ڪبر جيئن چڙڪ کان چرڪي اهڙو ان تي ڏپ ڏٺم
ڳالهہ نہ پڇ ڪيئنءَ ناهر جهڙي نانگ تي طاري تپ ڏٺم

هي فيض آهي آزاديءَ جو جنهن کان دلاور آهين تون
توکان هرڪو هيسيل آهي ايڏو بهادر آهين تون
مان بہ ائين ئي ٿيڻ ٿو چاهيان جئن بختاور آهين تون

مور چيو ائين ٿي سگهي ٿو پر هڪڙي ڳالهہ ٻڌي ڇڏجانءِ
سيڪجهہ آهہ هشياريءَ سان هي حرف تون ڳنڊ ٻڌي ڇڏجانءِ
آزادي بہ انهيءَ سان نهندي باقي پيڊ ڪڏي ڇڏجانءِ

تون جو آزادي ٿو طلبين ظالم شينهن جي شاهيءَ کان
سوچي سمجهي ڪٽجانءِ پيرءِ ٻچجان هرهڪ ڪاهيءَ کان
توکي هشيار رهڻو آهي بگهڙ ٻدون جي تباهيءَ کان

ائين نہ ٿئي جو جڏهن تون ساري هلچل سان آزاد ٿئين
بگهڙ اچي بيداد ڪري پوءِ ناحق ۾ برباد ٿئين
اڄ ئي توکي سوچڻ گهرجي سپان متان ناشاد ٿئين

هرڻ وراڻيو ناممڪن! جيئن تون ٿو چوين تيئن ٿيڻو ناهه
آزاديءَ کان پوءِ اسان وٽ ڪو پيو ٿمجهڻ مچڻو ناهه
بگهڙ بہ پنهنجو پاءُ آهي اُنکان ڇيهو رسڻو ناهه

مور ڇيو ائين آهہ نہ پوءِ هو گوءِ ۾ هو ميدان ادا
جلد وڃي لڳ پنهنجي ڪم کي پڪو ڪري ايمان ادا
همت تنهنجي حامي ٿيندي ٻڏجي وڃ طوفان ادا

هرڻ ويو سو جُهڙ ڪيائين جهنگ جي يارن ساڻ ملي
عهد ڪيائين پوتو ڪوئي باري رهبو هاڻ ملي
آزاديءَ جو عزم سلامت: آزادي بس جاڻ ملي

هوڏانهن شينهن هلايا حيلا هيڏانهن هلچل عام هلي
هيڏانهن ڦاسيون جيل نہ هوڏانهن جنگ جي جرئت جام هلي
شينهن نہ ڏاڍا وَس ڪيا پر هڪ بہ نہ هن جي هام هلي
آخر شينهن خيال ڪيو هي هلچل ختم نہ ٿيڻي آهہ

آزادي ٿا طلبين جيڪي تن جي هوُڏ نه هٽي آه
بهتر آه نه هلجي هاٺي پنهنجي دال نه ڳرٽي آه

شينهن هليو ويو آزادي ڏئي جهنگ جي ننڍڙن وڏڙن کي
ڏک ڏولائو ڪو نه رهيو سک پهتو ڏاڍن جڏڙن کي
شينهن ڪيو ڪنهن حرفت سان ائين پورو سپني جهڳڙن کي

(۵)

آزاديءَ جي لاءِ ڏيا ريءَ جهڙو جشن ملهايو ويو
وڏڙن ڪيون ڪچهريون جهنگ کي خوب سجايو ويو
ننڍڙن پا ران ماٺهن وانگي هڪڙو سانگ رچايو ويو

جنهن ۾ تي ڦيڪاري مندم سِيهڙ صاحبلوڪ ٿيو
هيرو ٻڄي باندر آيو وِلِين جبل جو بوڪ ٿيو
پُوليءَ پاتي ٽيدي ڊرس نه واه جو سهڻو جَوڪ ٿيو

نقل ڪيائون پاڪستاني فلم جو پنهنجي ناٽڪ ۾
هيرو بيڙيي هڪليندي پيو ڦاسي روڊ جي ڦاٽڪ ۾
ولين ڪٽي ويو هيروئن کي ڊڊيءَ تي چاڙهي پارڪ ۾

سانن تي ٿيو شروع دوگانو ائلي ڙي ڳل گهوڙا ڙي
هِجر ۾ منهنجي ڪانچ ٿي ڦاٽي انگي کي جهل گهوڙا ڙي
جهاڪن ۾ ويو جهڳو مسيت ٿي ڦاٽي تي هل گهوڙا ڙي

ٽاڻي تي جو هيرو پهتو هيروئن ٿي ٻيل اچي
جهٽ پٽ شاديءَ شغل ٿيا ۽ راس ٿيو هئن ميل اچي
گهوڙو صوبيدار جي گهر ۾ ٽانگي کي ويو جيل اچي
آزاديءَ جي موقعي تي پڻ تقريرن جا تال ٿيا
ٻگهڙ گدڙ ٿي آيا مقرر "ڇڙي اڄ ڏاڍا ڀال ٿيا"
ڏولاون جا ڏچا لهي ويا سکيا سٺا سال ٿيا

ليڪن هاڻي ڳالهه ٻڌو! ڪي ٻي گهر ڀائر ڏسجن ٿا
جن جو ناهي نام ڪٿي ڪو بيوس ٻڌجي پٽڪن ٿا
پنهنجا آهن پنهنجا ٿيندا مڙس مُهاندا پَسجن ٿا

هرڻ چيو ڪا ڳالهه نه آهي بيشڪ تن کي اڇڻ ڏيو
ملڪ خدا جو گهڻوئي آهي ٻي گهر کي گهر ڪرڻ ڏيو
جيءَ ۾ جايون آهن تن جون ميلو مَچڻ ڏيو

ٻگهڙ گهرايا ڀائر پنهنجا جيڪي پهتا لَڏ ڪٺي
ڪتا ٻلا سڀ گهلي آيا ليڪن سڪتا هَڏ ڪٺي
وِهندا ويا سڀ وارث ٻڌجي خير گهُرن لئه ڪڏ ڪٺي

ٿوري وقت کان پوءِ گدڙ کي ٻگهڙ گهرايو مان ڏئي
خانبهادر ڳالهه ڪيانءِ ٿو هڪڙي ٻڌجان ڏيان ڏئي
گدڙ وراڻيو نوڪر آهيان رهندس تان تي تان ڏئي

سس پس ۾ هن هنڪي چيو ڪجهه گدڙ ٻگهڙ سان گڏجي ويو
لالچ تي بئيمان ٿي آخر خانبهادر نڳجي ويو

صبح ٿيڻ تي سڀ ڪان اول ڌُهل تي هوڪو هلجي ويو

”اِجها ٻڌو هيءَ ڳالهه! ٿي آهي فيصل جا اڄ رات ميان
جهنگ سڄي کي ڳڌي ڪجي ٿو وحدت ۾ يڪذات ميان
ڀاڱي ڪي ڪثرت ڪين ڪپي بس! بَرتر پنهنجي بات ميان“

(٦)

هيڏانهن هي اعلان ٿيو ۽ هوڏانهن جهنگ ۾ رنگ ٿيا
وحدت تي واسينگ نه ويري قلم قضا جا انگ ٿيا
ٻگهڙن جا پِٽ پرجي ويا ۽ ٻچڙاين جا دَنگ ٿيا

ڏاڍاين سان ڌهڪائي تن ڳهوٽ مڙئي گمنام ڪيا
ڀوڪون ڀاڙي جاين جهڳيون هرڻ لاءِ حرام ڪيا
شينهن به اهڙا ڪين ڪيا ها جهڙا هنن ڪهرام ڪيا

ڪرسيون وڃون سوڪڏ ۾: تڏيءَ جي وسعت ڪانه رهي
ڳذر سفر ويا ڳڏه جا سنگ تي پيٽ جي پورت ڪانه رهي
هر هارو منهن ڪارو گدڙ جو تڪي جي عزت ڪانه رهي

تاندي لاءِ جي آيا ها سي رڌٽي جا ويا مالڪ ٿي
مالڪ هڪڙي ڪُند ۾ وڃنا ماڳهين چورا ٻالڪ ٿي
جن کي ڪلمو پڙهي نه اچي تن مسجد موڪي سالڪ ٿي

انڌا اونڌا وڃ اچي ويا ڏُنگيون ڏاري ٻچڪين ۾

جنهن کي پيءُ ٿي ستي ڏنائون اڇي ويو ٿي هڏڪين ۾
فضل ربي جا ڦند پکيڙي ڦري لٽي ويا ڦڙڪين ۾

اُڙد جي دال کي ڇَهري پوڙ جو روپ ڏيا ري ڏوڏن سان
سپ جي وات ۾ وجهندا ويا ڇٽي ڪاٺو مڪئي جي ڀوڏن سان
وائي بادي لاءِ اٿو اڪسير هي پست جي ڏوڏن سان

هرڻ جي کهڙي ڳالهه ڪجي، هن ويچاري سان قهر ٿيو
سيهڙ ۽ بيا ساٿي اُن جا ڪنهن جو نه پنهنجو پهر ٿيو
اٺدي وهندي عذاب ۾ آيا سپ جو جياپو زهر ٿيو

مور ڪئي هئي ڳالهه جا ان سان تنهن جا نتيجا پسڻا پيا
ٻگهڙن پنهنجا پال پلايا هرڻ کي ڪندا ڪڍڻا پيا
گدڙ ڪئي جا گيند انهيءَ کي به ڏينهن جا تارا ڏسڻا پيا

ٻگهڙ ڪيا ها وعدا جيڪي تن جو نه ڪوئي پار ٿيو
جهڙي چالي تهڙي پني گدڙ جو پوتو گار ٿيو
ڪوڙي واءُ نه ڪوڙي وڌائي خانبهادر خوار ٿيو

هرڻ ۽ ان جا ساٿيا ري جن آزاديءَ لئه جَتن ڪيا
تن جو ڀاڳ نياڳ ٿيو سک سانت غلاميءَ ڪَتن ڪيا
نابوديءَ ڪيا ناس مڙيئي ڌڪا پنجا جي هنن ڪيا

(٧)

هاڻ ٻڌو هي قصو جو آهه ڪاٺ ڪهاڙي جو يارو!
ان جو بيان ڪري ٿا آ ڪاٺي ڪي هلايون پو يارو!
وندر ۾ پل واڌ ٿئي؛ ها ڳالهه ڪيم ٿي سو يارو!

معصوم شاهه جي مناري جيڏو هڪڙو وڻ هو واهه مٿي
ڪٽي ڪهاڙو چڙهي ويو ڪو واڍو ان جي لاءِ مٿي
وڻ جو ڏار وڍيءِ ان کي اڇلايائين راهه مٿي

ڦوٽڻ ۾ پرجي ڪهاڙي چيو او وڍڻا چا ٿو سمجهين تون
ڏاڍو ڏيل ٿي ڏيکاريءِ ؟ ڪيئن هڪ ئي ڌڪ سان ڍرڪين تون
وڻ وراڻيو تنهنجي ڪهڙي مجال! اڃا يو ٿو مُرڪين

منهنجو ڳن جي تنهنجي پُٺ ۾ ڳڏه جي پڇ جان ڪين هجي
ڏار نه چڏ پر ٿار جي ڪاڻ به تو وٽ ٿان ٿان ڪين هجي
منهنجا پنهنجا ڪونه ٿيا نه ته تو وٽ مان مان ڪين هجي

هرڻ سان جيڪا پنهنجن ڪئي سا هرڻ جو حال نهوڙي وئي
هرڻ به تن کي اهڙي هنئي جو بيڙي انهن جي ٻوڙي وئي
آهه چا نڪتي جڻ نه هئي ڪا اُوٺ جا ٽوڙها ٽوڙي وئي

(٨)

هرڻ سڏايو ميڙ نه يارو! اچو نه ڪو ويچار ڪجي
وري مصيبت آئي آهي ٻارڻ ڪو بيهار ڪجي
يا نه ٿجي ٻَڪُ ٻاهين جو يا سوريءَ جو سينگار ڪجي

ميڙ ۾ ڏاڍا بحث ٿيا پر ڳالهه نه ڪائي فيصل ٿي
مايوسيءَ مند فڪري ڪان ڪا نه سڻائي مشڪل ٿي
آخر هر ڪو ماٺ ٿي وينو مجلس ويئي مهمل ٿي

هي جو هنن جا حال ادا ڙي! ٻڪرڻ ڪيا بيحال هيا
جن جي شوداڻ ۾ شامل شينهن جا تيرهن تال هيا
شينهن ٻڪرڙ ۾ فرق نه ڪوئي ساڳيا ڪڪرم ڪال ڪيا

ٻڪرڙ ڌُريان ئي ڌاريا ها تن اينديءَ اهڙا وار ڪيا
جهنگ جا اصلي جهانگي وچوڙي هڪ ٻئي کان جن ڌار ڪيا
هڪڙن ماڳ وسايو ءِ ٻين پنهنجا پراوا پار ڪيا

طاقت جا هيڪاندي هئي سا حصا پتيون ٿي ويئي
چادر هئي جا ڍَڪُ سين جو چَتيون چَتيون ٿي ويئي
سين جهڙي سرت سموري ماسا رتيون ٿي ويئي

انهيءَ ڪري هي ماٺ ٿي ويٺا متان وري ڪو ممڻ مچي
هرڻ کي ڪا پرواهه نه هئي چئي پلي ٻُرن تي پندڻ مچي
ماٺ مان ورڻو ناهي ڪي پي شور ڪيو جئن اڱڻ مچي

هرڻ نه هو مايوس جو ان کي نئين تهيءَ ۾ آس هئي
نئين تهيءَ جا نَون اُمنگن ساڻ اچي ٿي راس هئي
بيداري هئي ٻَلي انهن جي جنهن ۾ نه ڪائي لاس هئي

اوڏيءَ ويل هي واقعو ٿيو، جنهن ڦيرو آندو فطرت ۾
ساري مجلس ان کي ڏسندي پئجي ويئي حيرت ۾
پاسي کان هڪ ڪوريئڙو مشغول هو پنهنجي محنت ۾

ڪوريئڙو جو غار جي ڪنڌي پار ڪندي ٿي ڪري پيو
هر هر پنهنجو زور لڳائي ڪوشش ۾ ٿي وري پيو
نيٺ ٿيو سوڀارو ان جي آس جو ٻيڙو تري پيو

مجلس ۾ ٿي سرهائي هر منهن تي اهڙي مرڪ آئي
جڻ نه خيال خمار ۾ ڪنهن جي چپ تي چميءَ جي سرڪ آئي
هانيون ويون فولاد ٿي جن تي ٿورو اڳ هئي ڊرڪ آئي

مايوسين جا لاهه ويا اميد وري انگور ڪيا
هڪ ئي واقعي ساڻ سڀن گم خاموشي جا پور ڪيا
اوندهه جا ٿيا پلوَ پري نروار نظارا نور ڪيا

سڀن چيو اڄ کان پوءِ اسان کي پي ائين ڪرڻو آهه
جَتن ڪيا جن جَس ڪٿيو تن محنت جو ڦل ملڻو آهه
آزادي ايمان اسان جو آزاديءَ لئه لڙڻو آهه

(٩)

ڪالهه ڏٺو سي هرڻ وڏو هل همت ڌاري جهنگل ۾
بگهڙن لئه هن لاهي پاهي ڌوڙيا لاتا دنگل ۾
مَڇ مٿي جيئن پتنگ مڙن تيئن ٽپي پيا سپ ڪرٻل ۾

همت ڪي ڪا هار نه آهي وري جو ڳڌجي غيرت سان
هڪدم ٻيڙا پار ٿين ٿا حاجتمند جا حُجت سان
هر ڪا طاقت ڪمزور آهي پُڄندي ڪا نه حميت سان

هرڻ رعايت ڪا نه ڪئي ڪا ٻگھڙن جي برباديءَ لئه
سارو زور لڳايو ٿي هُن سچي پچي آزاديءَ لئه
آزادي جا هئي ضروري خوشحالي آباديءَ لئه

ٻگھڙن ڪيئي بهانا ڪيا پر هڪ نه هلي مردارن جي
هرن چيو بس ڇڏٽي ناهي بوءِ ڪٿي بدڪارن جي
اڄ ڪان پوءِ نه ڏسڻي آهي اَوڪائي آزارن جي

ٻگھڙ هيا جڻ ڪين جا ڪُنا پڌرا ٿيا پرڪارن مان
ائين ٿي ڪتبا ڪرندا ويا جيئن ڇٽي پوي ڇُھ ٽارن مان
ڳوڙهن بدران جنسي رَت ٿي ڳڙيي انهن جي تارن مان

ظالم هوڻ ته ڏاڍا آهن پر جي انهن جي اُتري ٿي
هڪ ئي ڏڪ سان پوسي تن جي سارين وانگي نڪري ٿي
مظلومن جي آهه اٽانگي اوتر ٿي جيئن اپري ٿي

هرڻ کي ڏاڍا وس ڪيا ويا پر نه لٿو هو پنهنجيءَ تان
هڪل اهائي دفع ٿين سڀ ڏاريا ڌرتيءَ منهنجي تان
پلي وجن ٿي دوزخ داخل هنيا اسان جي اهنجي تان

چيرو آيو ميڙ ڪٺي چئي هرڻ هنيلا بابو ٿيءُ
منهنجي پنپيءَ ڏاڍهيءَ ڏي ڏس ضد نہ ڪر ڪجھ ڏاهو ٿيءُ
بخش بديون تون بگهڙن جون ڪر صلح صفائي لانجهو ٿيءُ

هرڻ ڪلي چيو هي ڙي چيرا صدقو تنهنجي ڏاڙهيءَ تان
آءُ ڪو ماڻهو ناهيان جو ٿيان گهلو تنهنجي ڳيا ڙيءَ تان
بگهڙن سان مان صلح ڪريان؟ وچ ڪانگ اڏاري ڪيا ڙيءَ تان

تون اڄ پير فقير ٿي آيو آهين پنهنجي حرفت سان
توکي سوچڻ ڪپندو هو اڳ منهنجي حال تي حجت سان
ظلم جي ظلمت ڪديا ٿي جنهن دم تختا منهنجا ذلت سان

چيري آکيو چا بہ هجي پر توسان ٿو اقرار ڪريان
پاڻهن ڏس تون منصف ٿيندين ڪيئن ٿو دور غبار ڪريان
بگهڙ کي ڪهڙي طاقت آهي پيٽسان جو بڻ گار ڪريان

هرڻ چيو سب ڳالهيون ڪوڙيون مون کي مهلت ڏيڻي ناهه
مونبي وچ او مرشد سائين رکڻي تنهنجي رکڻي ناهه
رحم ڪيو جن مون تي نہ ڪوتن ساڻ مروت ڪرڻي ناهه

چيرو پنهنجي چهنب ڪٺي ۽ چلتو ٿيو چرڙاٽ ڪري
هرڻ اڳي ڪان اڳرو ٿي ۽ وڙهندو رهيو ذوڏاٽ ڪري
بگهڙن جو ٿيو ڏينگو ڏيري هليا ويا گهو گهاٽ ڪري

(١٠)

ٻگهڙن ويندي اونا ڪيو او هرڻ تو ڪهڙو ڪال ڪيو
اهڙو ڪونہ ڪندو ڪو ڪنهن سان جهڙو تو اڄ وبال ڪيو
شاه هياسي پر تو گداگر وانگ اسان جو حال ڪيو

هرڻ جي ورنديءَ ڪيو پڙاڏو وقت اسان جو وقت آهي
سخت رهيو جو پاڻ تہ اُن جي لاءِ رويو سخت آهي
اسان کي گهرجي ڪين غلامي آزاديءَ جو خفت آهي

آزاديءَ جي ساک اسان کي هاڻ سدائين رکڻي آهي
پلجي پيو نہ غلاميءَ جي ڪا ذلت بيهر ڏسڻي آهي
ظالم پيو چا ياد ڪندو هر حال تہ ڪرڻي پرڻي آهہ

شينهن ڪيون جي ارڏايون سي آڏيون آيون ان کي نيث
ٻگهڙن پيو جي ويل وهايا تن ئي رلايو تن کي نيث
انڌ جو پنڌ ئي ٿورو آهي وڌڻ نہ ڏيندو ڪن کي نيث

هاڻ او منهنجا همراهو هي منهنجي نصيحت ياد ڪجو
ظالم ٿي جي اوهان بہ پيدا ڪئي ڪا هيبت ياد ڪجو
حشر اوهان جو بہ اهڙو ٿيندو هنن جي درگت ياد ڪجو

ظلم جي قائم آهہ تہ ظالم ڪڏهن بہ قائم رهڻو ناهہ
مظلومن جي تقديرن تي ڏيڍ بہ دائم رهڻو ناهہ
دل جي زندهہ آهہ تہ ڪوئي جوکم سالم رهڻو ناهہ

منهنجا پيارا هموطنو! هي ملڪ اوهان جو پنهنجو ٿيو
وري نہ ڌاريو ڏهہ ۾ آڻيو ڌاريو دوست نہ ڪنهنجو ٿيو
بي صورت ۾ اوهان ڏنو ڪيئن پنهنجو جيارو اهنجو ٿيو

هاڻ نہ ڪنهن کي ڏيئو ٻاري گهر ڏيکاريو غافل ٿي
سڌ ڙيا اهڙي سَڌ رکي ٿا اچن اسان وٽ عاقل ٿي
جو بس ڪهڙي ڳالهہ ڪجي جڻ اُپ تان آيا آندل ٿي

پوءِ جڏهن ٿا پير ڪُپائن اعرابيءَ جي چانگي جان
تنبو تا ڙي چون ٿا هڪدم نڪرو ٻاهر نانگي جان
پاڻ ٿي پيش امام رهن ٿا اسان ٿا پٽڪون ٻانگي جان

انسانن جا حال ڏسو ڪيئن آيا غير جي گهائيءَ ۾
پنهنجو پاڻ وڃائي ويٺا هردم آهن هائيءَ ۾
دولهہ دريا خان جا پويان اچي ويا جيئن آئيءَ ۾

جنهن ۾ قوم نہ بدلائي آهہ پنهنجي قسمت حڪمت سان
قدرت ۾ نہ انهيءَ ۾ آندو آهي ڦيرو قدرت سان
ناهہ حياتي ڪجهہ ۾ ليڪن آهي سعي ۽ همت سان

هلو تہ هاڻي مور جي ناچ تي جشن ملهايون جانب ٿي
هيج ڪئي آهہ هلمہ هلا مستي وئي آهہ غالب ٿي
اچو تہ جنبي جشن ملهايون غاصب ويا سپ غائب ٿي

هرڻ هلائي هلچل هينءَ ۽ هينءَ انهيءَ جو مهت ٿيو
همت سان آزاد ٿي آخر خوشحال ۽ خوش بخت ٿيو
يار ”نياز“ اٿي ته هلون بس آ ڪاٽيءَ جو انت ٿيو

# غزل

غزل ۽ نظم لکيم، گيت پڻ نياز، مڙئي
جو پيش آيو پروڙي اُهو ٻڌائن ٿا .

هن دور ۾ اسان جو، اظهار ياد رکجان
اقرار ياد رکجان، انڪار ياد رکجان

ڪاغذ جي گل ڪي هرگز، اصلي نه چئي چڪاسي
ان ڳالهه تي اسان جو تڪرار ياد رکجان

سچ آ زهر ته به ٿا، ان جا پيون پيالا
اي زندگي اسان جو ڪردار ياد رکجان

ڪا عشق جي علامت، ڪا حسن جي شهادت
هيءَ مدعا اسان جي هربار ياد رکجان

اُڀ تي وڏو ته بيشڪ! ڌرتي مٿان جڏو: پر
انسان جا اهي پيءُ، پرڪار ياد رکجان

ڪينءَ دوستيءَ سانگي ٿو دشمني لڪائين
سمجهوتا ڪيڏ تنهنجي، سرڪار ياد رکجان

هي قيد هي اجل ته به، آهي ضمير زنده
جاري اسان جي رهندي پيڪار ياد رکجان

ايندو ”نياز“ جڳ ۾ ڪو انقلاب آخر
اهڙا نظر اچن ٿا، آثار ياد رکجان

ٻڌاءِ صياد! هن زماني ۾ ڪير آهي،
جو صيد هوندي به تو هٿان ڪين زير آهي.

اُهو يگانو جو قيد مان دار ڪي صدا ڏي،
خدا انهيءَ سان، انهيءَ جو شر به خير آهي.

ڪو خوش پرور چوي ٿو، پنهنجو جي آه دشمن
انهيءَ کي دوست چئو، نه سمجهو ته غير آهي.

غرض جو ٻڄي غلام، نئين سج جي ڪر سلامي،
چگن پلن جي پڳن جو اڄڪلهه هي پير آهي.

ڦِريا گهريا چند فرق سان، ته به وئي نه اونده
اجل جي راتين ۾ چئو ته ڪوئي به ڦير آهي.

دعا گهرو دل جي سوجهري جي ته ٿي سٺائي،
اکين سڄي جو هتي ته ڪاريءَ تي پير آهي.

ڪندي جا محبوب جي جبين جان جميل جڳ کي،
انهيءَ پرپات جي ڦٽڻ ۾ دير نه آهي.

”نياز“ حق لاءِ، صلح اسان جو ۽ جنگ اسان جي،
متان ڪو سمجهي ته پنهنجو ڪنهن سان به وير آهي.

جانبازي جي تقاضا، دل فگاري کان علاوه
عاشقيءَ جي ڪا علامت، آه، زاريءَ کان علاوه

حق جي تائيد ۾، يا خير جي تحصيل خاطر،
دشمني ڪرڻي پوي ٿي، دوست داري کان علاوه.

ڇڏ غم جانان ته پيدا ٿي غم دوران جي صورت!
روزگار آهن گهڻا، اختر شماري کان علاوه.

آدمي تنهنجو شرف، توکان پڇي ٿي هر قدم تي،
زندگيءَ جي ڪا تمنا ؟ مالداري کان علاوه.

اي زماني جا تونگر، تنهنجي ڪا اوقات آهي،
ابتري ۽ مصلحت جي تخم ڪاري کان علاوه.

هر گهڙي خطرا نوان، ڳڻتي نئين صدما نوان پڻ،
عشق ۾ طوفان ڪيئي، اشڪباري کان علاوه.

حسن وارا تنهنجي جلون کان ٿيا آهن نصيب اڄ،
حسرتن جا داغ دل کي زخم ڪاري کان علاوه.

بي نيازي تي ”نياز“ آهي اُنهن کي ناز جڳ ۾،
ناه جن کي ڪا ضرورت، جان نثاري کان علاوه.

اي دل ڪڏهن موت جي ايندي صدا اوچتي
ٽرندي نہ ڪڻن پي جڏهن آئي قضا اوچتي

بيڙيءَ سان گڏ ويو پنهنجو بہ ٿي سر مگر
تا ري وئي تا ر مان ڪنهن جي دعا اوچتي

آرس پڳو اندلٺ جڻ ابر جي ڪيپ مان
آئي مونکي ياد تڻ تنهنجي ادا اوچتي

اڌ رات جو چند ڏس، پيلاڻ جي ڏنڌ ۾
هن سان بہ جڻ ٿي ڇڪي ڪائي جفا اوچتي

انسان جي عشق ۾ پي غم ڪرڻ سک ميان
حاصل نہ ٿيندي ڪٿان اهڙي غنا اوچتي

ائين آرسيءَ جي اڳيان مرڪي نہ ڏس پاڻ ڪي
پنهنجي مٿان پاڻ ٿي پوندين فدا اوچتي

انسان جي حال تي ماتم ڪجي يا خوشي
هي ناخدا مان جڏهن بڻجي خدا اوچتي

پورن وچان ڪا پڪا ر اهڙي طرح پا ر ٿي
ڪنهن سُج مان جڻ ”نياز“ آئي اوچتي

دل نہ جي غم سان رهي سازگار اي دوستو!
ڪينءَ ٻڻجي زندگي خوشگوار اي دوستو!

پنهنجي خنڪيءَ کي چڏي ٻي جي نشي تي ٽڏڻ،
آه مستن واسطي هي ميار اي دوستو!

زندگيءَ جا زخم لک! تہ بہ گهرو نٿا گهاوَ اجاءِ
ماڻَ ٿي چيهون ستم جي ڪٺار اي دوستو!

هر قدم تي اَڻ پڇيو موت ٿو مارا ڪري،
تہ بہ رهي ٿو زندگيءَ سان پيار اي دوستو!

هن جي صورت هن جو سَنهن جڻ ڪنول چانڊاڻ ۾،
پنهنجي حالت جڻ ملي نئين ڄمار اي دوستو!

ڪو نہ ڳا ڙهو گهوٽ ٿي سيج جهڙي وسنو ۾،
ائين نہ ملڻي آه ڪا لال ڪنوار اي دوستو!

رات جي اوڙاه ۾ صبح جي ڪنهن سار ڪئي؟
هيءَ پڇا ٿيندي اڳيان هوشيار اي دوستو!

حال ڪان بيحال تہ بہ هي "نياز" اڄ آه خوش،
هن خزان ڳها ريل جو غم پڻ بهار اي دوستو!

سپئي ٿا چون خوش ٿي! چمن ۾ بهار آهي
مگر ذهن هوندي به شڪ جو شڪار آهي

گهڻا خوش گذارين پيا هتي سبز باغن ۾
نه ڪن جو فرين ڪان اڃا پي فرار آهي

زمانو نوان مجنون جان ڪري پيدا
اسان کي اڃا منصور جي ئي پچار آهي

پڙهيوسين ڪتابن مان ڏتوسين بزرگن کان
هوس ڪينءَ ماڻهپي جو وقار وڃايو آهي

چپن ۾ پيا مرڪن نماڻا جڻ خوش آهن
اکين مان پيو پڙهجي نه دل بيقرار آهي

سڃاڻون ٿا ظالم غرض جي غلاميءَ ۾
چوين ٿو عداوت کي نه هي پڻ پيار آهي

اسان ڪينءَ ڇڏيون سائين! اميدن الاهن کي
اسان جي جياپي جو انهي تي مدار آهي

ارادو لڳاين جو بهانو چڳاين جو
گهڻن جو "نياز" اڄڪله اهوئي شعار آهي

پنهنجي وطن ۾ ڪين رهيا جو وندر جا وسڪارا هو
اسان ويراڳي ٻڻجي پياسي ويڳاڻا وڻجارا هو

انهن جيئان ٿا پال وجهون دل درد جي ڪينگر منجهه جڏهن
تڏهن پڇڻ ڪان پوءِ ٿيون ٿا ڪنهن جي اکيان موچارا هو

اکڙيون اوهان جون جن جو آڌت تن جا آهن پئون پا رنهن
جن تي ديد نه ڪوئي ڌري سي ڪينءَ ڪندا ويچارا هو

جيئون نه پلا ڪينءَ جيئون اسان هن رنگ رنگيلي دنيا ۾
گهڙيءَ گهڙيءَ اوساڻ اندر جا گهڙيءَ گهڙيءَ مونجهارا هو

تو بن پنهنجي پيار جي وستي سڄي سڄي پڙپانگ پرين
آڏيءَ مانجهيءَ چَپن تي آهن، آهُن جا ڪيڏارا هو

آبادين ۾ اڻ ترڻ پنهنجي ويرانين ۾ وندر ڪانه
تن من ٿا ٻي چين ٻڻائين يادين جا يڪتارا هو

عشق چا ڪيو سي جڻ نه ڪئيسي چوري چاڪيءَ جي گهر مان
گهر گهر منجهه پچار اسان جي گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ رارا هو

يار ”نياز“ اسان جي ياري سڀ کان نياري دنيا ۾
پاڻ نه ڪنهن کي پيارا ناهيون، پر سڀ پنهنجا پيارا هو

اسان جي عشق جو جنهن آرزو تي انحصار آهي
اها پوري بہ ٿيندي يا نہ ڪهڙو اعتبار آهي

محبت ۾ مليا جي زخم سڀ ناسور بڻجي ويا
خبر ناهي اجا چو چاره گر غفلت شعار آهي

اوهان جي آسرن جنهن کي خوشيءَ جي لاءِ هرڪايو
انهيءَ ئي دل جو هاڻي درد تي دارو مدار آهي

تفاوت باغبان صياد ۾ رکجي تہ ڪينءَ رکجي
گلستان ۾ جڏهن وارد خزان جهڙو بهار آهي

اُتي ڪيئن ٿو ڪري سگهجي حقيقت آشنا ڪنهن کي
جتي هر عقل وارو خود فريبي جو شڪار آهي

پراڻن جي چوڻ تي ٿو ڦٽائين يار پنهنجن سان
اهو دستور جي رهندو تہ هرڪو بي ميار آهي

متان سمجهين تہ اڄڪلهہ عشق وارن ۾ ڪو دم ناهي
اسان جي دل اها ئي دل تمنا جاندار آهي

اڃا هي رات ٿي راهي اڃهو صبح اي نياز آيو
انهيءَ احساس کان غم پي اسان لِءِ خوشگوار آهي

اوهان جو ياڳ ستارا سنو ٻڌائڻ ٿا
اوهان جا حال مگر ڪجھ ٻيو ٻڌائڻ ٿا

وطن ڪي وات نہ آهي تڏهن بہ ڪن ڏئي ٻڌ
زمين سان جو ستم ٿي چڪو ٻڌائڻ ٿا

هي چٽنگون لاھ مِ جڻ چؤ تہ لاش تي ڪوليون
هي پارہ ڏاڍ سان جيڪي ٿيو ٻڌائڻ ٿا

تنُور وانگ پرِيل پيٽ جن جو ٿانڊن سان
اهي بهشت وچڻ جو پتو ٻڌائڻ ٿا

ڦتي ٿي باک تہ ڪر ٿا ڪٽڻ سيئي سپ جان
لهي ٿو سج تہ اونڌو ٿيو ٻڌائڻ ٿا

اَسر تہ آھ مگر ناھ ڪنهن ڪڪڙ جو دس
گمان رات ورڻ جو ڏيو ٻڌائڻ ٿا

هي گرم لڙڪ ٿڌا ساھ پنهنجي موڙي ٻئي
سڙي ٿي دل تہ نرڻ جو سِهو ٻڌائڻ ٿا

غزل ۽ نظم لکيم گيت پڻ نياز مڙئي
جو پيش آيو پروڙي اهو ٻڌائڻ ٿا

ديارِ دل ۾ محبت ٿي بي قرار رهي
خدا ڪري ته زماني سان سازگار رهي

اوهانجو حسن ته هاڻي ظهور ۾ آيو
اسانجو عشق ازل کان ٿو آشڪار رهي

گلن تي ماڪ ڏسي پرجي آئي دل پنهنجي
ڪڻان جو درد اچي ڪٿ ٿو اشڪبار رهي

سدائي زلف پريشان رهي پريشان شل
هي ڪائنات انهيءَ کان ٿي مُشڪبار رهي

تڏهن کان پنهنجي وفائن ۾ پُختگي آئي
جڏهن کان تنهنجي جفا تي ٿو اعتبار رهي

نياز ڪنهنجي خوشيءَ ساڻ آهه پاڻڪي ڪم
انهيءَ لاءِ ٿو غم پنهنجو پائدار رهي

ويچارن جي واٽ وني مان، ويراني ۾ ڀٽڪيو آهيان
ديواني جان پنهنجي ليکي ٿهڪ ڏئي پڻ سڏڪيو آهيان

دنيا ايڏا ڏنپ ڏنا جو سورن ۾ سڀ سرت هلي وئي،
يارن کي پيي يار چوڻ کان ڪيئي ڀيرا هٻڪيو آهيان

گردش ۾ گم رهندي رهندي ڪيئي تماشا آڏو آيا،
جام جئان ڪٿ ٽڪريو آهيان، ٽڪرن جان ڪٿ ٺهڪيو آهيان

سون نه ناهيان ليڪن منهنجي ساک برابر سوني سائين
وقت جي آيو موت ٿي سر تي توکي ساري ڀڙڪيو آهيان

چاندوڪيءَ مان ڀٽڪيل ڪي مون اونداهيءَ ۾ واٽ وٺائي
رات جي پوئين پهر پري کان ڏيئو ٻڻجي ٽمڪيو آهيان

تو نه خوشيءَ جي ڳالهه نه ڪئي نه به تنهنجي آس تي خوش پيو گهاريان
تنهنجو قسم مان تنهنجي غم ۾ روئندي روئندي مُرڪيو آهيان

يار "نياز" ستارن جان جنهن سينگاريا سڀ سپنا منهنجا
شاعر ٻڻجي ان جي مُهابي جوهر وانگي جَرڪيو آهيان

ڪڏهن غمگين گهاريون ٿا، ڪڏهن خوش ٿي گذاريون ٿا
الا ڪينءَ پيي گذاريون ٿا، اوهان جا ئي ٿي گهاريون ٿا

محبت لاءِ ٿا فرهاد ٿي جنجال ۾ جاليون
مري سقراط جان آخر، وفائن کي جيئا ريون ٿا

اوهان وٽ بيحسي ۽ بيوفائي جي ڪمي ڪانهي
اسان ته به عشق جي راهن ۾ اوسيئڙا اُپا ريون ٿا

اسان جي زندگيءَ ۾ غم ئي غم آهن خدا ڄاڻي
وسا ريون ٿا جي غم پنهنجا، اوهان جا غم سنپا ريون ٿا

اوهان جي ياد سان آباد، تنهايون تمنائون
اوهان جي درد سان دل کي اجا ڙيون ۽ سنوا ريون ٿا

زمانا عاشقن جي رمز جي توکي خبر ڪهڙي
اسان ڪنهن راز خاطر پاڻ کي بي موت ما ريون ٿا

وري حق جي حمايت ۾، اناالحق جي ضرورت آهه
وري آواز منصور ۽ بلاول جو اٿا ريون ٿا

”نياز“ آهي انهيءَ سان جو سدائين بي نيا زآهي
انهيءَ جا ڪم اهو ڄاڻي، اسان پنهنجي پچا ريون ٿا

جڏهن تنهنجي غم ۾ گرفتار ٿياسين
تڏهن دين دنيا کان بيزار ٿياسين

محبت نه ڪئيسين اوهان سان ڇڻڪي
خطا ڪئيسين ان جا سزاوار ٿياسين

ملائي سنڌ ۽ غم، زماني جي غم ۾
حياتيءَ سان واسطيدار ٿياسين

گناهن جو هر باب تو ئي بڻايو
اسان ساده دل خوامخواه خوار ٿياسين

اسان زندگي کي اجالن ۾ کوهيو
انڌيرا جو آيا نه هوشيار ٿياسين

محبت اسان کي فنا ڪيو "نياز"
نه پي دوستي ۾ وفادار ٿياسين

دوستو! ڪا مقتل ۽ خنجر جي ڳالھ
زندگي ڪي ٿي ڪپي محشر جي ڳالھ

سانت جي سيني ۾ گھرو زخم آھ
ڪنھن بھاني سان ڪريو نشتر جي ڳالھ

ائين نہ ٿيندو ڪنھن بہ آئيءَ جو اُپاءُ
دل جھلي ٻاهر ڪڍو اندر جي ڳالھ

روح جي تسڪين لءِ ڪو نئون شغل
ڇَس نٿي ڏئي مسجد ۽ مندر جي ڳالھ

ظلم جو زنجير زنگ آلوده آھ
بس فقط يڪمشت ڪنھن ڇُرپر جي ڳالھ

هيانءَ ٿو ڪنھنجو سڙي جي ڪٿ "نياز"
دوست ڪن ٿا عود ۽ عنبر جي ڳالھ

عشق جو قلم ڪٽي، حسن جو بيان ڪجي
ذهن جي زبور مان، ڪو غزل عيان ڪجي

حاضري پرين پيا، اهل دل خلوص مان،
دل جي بارگاهه ۾، راز ڪينءَ نهان ڪجي

آدميءَ جي ذيل کي، آفرين ڏي تڏهن
ڏيک ويک تي جڏهن، ذات جو گمان ڪجي

هجر جي فصيل سان، درد جا قدم کٽي
وصل جي اميد ۾، روح کي جوان ڪجي

سانت آهه دوستو، شور ليءِ سڪي ٿي دل
رت ڇمي وئي نه چاهه روح کي روان ڪجي

قيد بند کان وني دار تائين ڏڳ سوين،
عشق جو هلي ڪٿي، نصب ڪو نشان ڪجي

روز ٿو صليب تي رقص ٿي مسيح جو
روز مات ڪوڙ ٿو، سچ جي هٿان ڪجي

اي "نياز" ڳالهه ڪر، يار دل نواز جي
ظلمتن کي ختم ڪنهن، صبح جي مٿان ڪجي.

روئجي ٿو تہ تازو ٿو ارمان ٿي
مرڪجي ٿو تہ برپا ٿو طوفان ٿي

ياد تنهنجي اچي ٿي جڏهن چنڊ جان
دل ستارن جئان ٿي پريشان ٿي

تنهنجي اميد آئندي جو ايمان ٿي
هر گهڙي تي حياتيءَ جو سامان ٿي

روز ٿيون تنهنجون ڳالهيون هلن ڳوٺ ۾
روز ٿو درد دک در تي مهمان ٿي

تون جڏهن زندگي ۾ ٿي پائين ليو
نينهن ٿو رينهن ٿي آس ٿي جوان ٿي

مان جي برباد ٿيس غم نہ آهي ”نياز“
شل نہ منهنجي ڪري ڪو پريشان ٿي

زندگي پنهنجون گهڙيون، ڏک درد ۾ گهاري وئي
جا خوشي آئي ٻين جي واسطي واري وئي

تنهنجي ڳالهين زندگيءَ ۾ تازگي آڻي ڇڏي
تنهنجي ڳُٽي سنگ جي مصري جئان ڳاري وئي

مون ستارن ڏي ڏٺو، ڌرتي جا گل مون کان ويا
آئون ديوانو مون کي فرزانگي ماري وئي

هاءِ دل جون حسرتون، شعلن جئان وڌنديون وڃن
ڪنهن کي منڙي مُرڪ، تڪڙي ڇڻنگ ڪا ٻاري وئي

تو ته طوفانن جئان ٻيڙي کي ٻوڙڻ جي ڪئي
پر اسان جي ساک اسان کي سِير مان تاري وئي

هرڪو عاشق آهه دنيا ۾ مگر ڪنهن فرق سان
ڪنهن کي سچ سرهو ڪيو، ڪنهن کي خودي کاري وئي

ڪالهه جن ٿي ڪَرَ ڪنيا اڄ ڪنڌ تن جا پيا پڇي
پنهنجي ڪئي تن جي ئي منهن تي هيڏ چڙهاري وئي

مون "نياز" آهي ڏٺي هر ڪا خوشي هر ڪا غمي
ڪنهن پريءَ جي پريت مون تان هر بلا ٽاري وئي

اوهان جي درد ۾ اي دوست دلفگار آهيون
اسان جو جرم اهو جنهن کان داغدار آهيون

اُهيءَ جي پيار جي صدقي اجل قبولي ويا
اسان انهن ئي شهيدن مان يادگار آهيون

زمانو نينهن جي ناتي ۾ غم غلط ٿو ڪري
اسان خوشي کي گنوائڻ ۾ بي قرار آهيون

خزان اچي ٿي ته ويتر وڌي ٿي بيرنگي
تڏهن به اهل چمن سان وفا شعار آهيون

اچي نه ڪنهن اچي راس زندگيءَ جي فضا
وطن ۾ شهر مسافر ۽ بي ديار آهيون

اونداهي رات، اڪيليون گهڙيون اداس خيال
او صبح آءُ جو تنهنجا ئي خواستگار آهيون

اوهان جي زهر به ترياق اوهان جي محفل ۾
اسان جي پاڻ پليو سي نه عيبدار آهيون

اسان نه ڪنهن جا به ناهيون، نيازمند ”نياز“
مگر جو دل جو ڏٺي تنهن جا دوستار آهيون

دل جي توسان لڳي ته اڏجي وئي
دل جي تقدير جڻ بدلجي وئي

پنهنجا چوڏهن طبق ٿيا روشن
تو مٿان جڏهن نگاهه پئجي وئي

ياد هئي ڪنهن جي، موت ڪين هو
هاءِ دل ڌڙڪندي چو بهجي وئي

جا محبت ڪئي هيم ڪنهن سان
درد بڻجي سا دل ۾ رهجي وئي

تون جو مرڪين ته مند ڪئي مستي
دل جي وستي خوشين سان وسجي وئي

توسان ملندي ائين ٿيو محسوس
زندگي خوش نصيب بڻجي وئي

تون رُٺين جڻ رسي وئي قسمت
زندگي پنهنجي راه پلجي وئي

شاعر آهي ”نياز“ ۽ تون غزل
ڳالهه ٻڌ، ڳالهه ڪيئن ته ڳنڍجي وئي

اسان جي عزم کي اي آسمان متان نه مڃين
ڪرڻ گهرون ٿا ٻيا نئون جهان متان نه مڃين

تو ذهن پست ڪيو جنهن عظيم انسان جو
بلند ان جو ڪيوسين نشان متان نه مڃين

جتان هو قتل جو خطرو ۽ خوف ڦاهيءَ جو
چڙهي وياسين اناالحق اتان، متان نه مڃين.

زبان بند، تڏهن پڻ ضمير زنده رهيو
ٿياسين زير نه ڪنهن جي هٿان، متان نه مڃين

رهياسين عشق جي محضر ۾ سرفروش اسان
شهيد اسان ئي ۽ غازي اسان متان نه مڃين

اسان جو صدق زماني ۾ بي مثال رهيو
سڳنڌ وانگ سدا رن جئان متان نه مڃين

اسان جو ڪفر به ايمان جي علامت آهه
يقين آهه سچائيءَ مٿان متان نه مڃين

اسان جو ذهن رهيو بي نياز يار "نياز"
جهڪياسين ڪنهن به نه جابر اڳيان متان نه مڃين

آدميءَ جي اذان، انقلاب زنده باد
جاڳ اي ستل جهان، انقلاب زنده باد

هن زمين جي جبين تي ٿيڻ لڳا طلوع
پنهنجي پاڳ جا نشان، انقلاب زنده باد

هر سوال جي جواب لاءِ ٿي وئي نصيب
بي زبان کي زبان، انقلاب زنده باد

زرد رنگ شام آهه، سرخ رنگ پُر اميد
صبح مرڪندو ٻِدان انقلاب زنده باد

گردش آهه گار، جهُڙ جي اس ڇانو وانگ
بي يقين جو گمان، انقلاب زنده باد

ظلم جي عناد کان ته روح جي عذاب کان
ڪنهن لڌي هتي امان، انقلاب زنده باد

عبرت اي ستمگرو جو عاقبت جي واردات
ٿي ڪري جزا بيان، انقلاب زنده باد

ڪائنات ۾ ”نياز“ حشر آهه رات ڏينهن
پاڻ کي نڪو ڏيان، انقلاب زنده باد

وطن جي دوستيءَ ۾ وفا جا حوصلا ڪپن
جي سِر ڏيڻ سگهه ڏين، اهيئي ولولا ڪپن

هي ره نوردي اجنبي، هي منزلون پڻ اجنبي
اسان کي پنهنجي واٽ ساڻ، پنهنجا حوصلا ڪپن

هي مختصر هي عارضي، ڪارزار ڪجهه نه آهه
عظيم جدوجهد ۾ طويل سلسلا ڪپن

ڪٿي ڪٿي ملن پيا، شڪست فتح جا نشان
اجا به هن مهم ۾ گهڻا معاملا ڪپن

جو خويش، غير اسان جي راهه ۾ رڪاوٽون وجهي
انهيءَ جي جواب واسطي به جرجلا ڪپن

ٿم ڪٿڻ ڪان پوءِ پي روان رهن جي راهه ۾
اسان کي هن سفر جي لاءِ اهيئي قافلا ڪپن

عمل ۽ قول جو تضاد، مقصدن جو موت آهه
صراط مستقيم لاءِ صاف مسئلا ڪپن

”نياز“ ياد رک ته هي سبيل آهه اصول جي
انهيءَ ۾ نه مصلحت جا ڪي به فيصلا ڪپن

# دوها

عشق ۾ ڪيئي چڪر آهن، صرف نه سِر جو صرفو ناهه
يار ”نياز“ تو چا ٿي سمجهيو، عشق ڪرڻ ڪو چرچو ناهه

(١)

عشق اسان جو صدا ازل جي، اسان بهار جي باک جئان
مرڻ جيئڻ ۾ جوت اسان جي، سرمستن جي ساک جئان

جڏهن به سچ ۽ سونهن پڪاريو، اسان جلال ۾ آياسي،
جنم جنم ۾ جوڳي بڻجي، جهنگ سيال ۾ آياسي.

اسان اهي منصور ميان! جي سوريءَ لاءِ سهاڳ بڻيا
ڪوڙ گهڻا ڪهرام ڪيا ته به سچ جو نيٺ سڀاڳ بڻيا

دنيا ساڳي پٿر دل جنهن پريا نگر برباد ڪيا
اسان اهيئي ديوانا جن ويرانا آباد ڪيا

فرزانن مان فيض نه ڪنهن کي هرڪو پنهنجي مستيءَ ۾
ديوانا ڪينءَ دل وند رائن، بيگانن جي بستيءَ ۾

دوست اسان جي ديس ۾ آيو، بيجل جو بهروپ وٺي
اسان انهيءَ ليءِ ڪنڌ ڪپايو، بيگانن جي بستيءَ ۾

پيار اسان جي پتڻ تي آيو، سئن هنيائين گداگر ٿي
اسان انهيءَ کي ڏئي ڇڏيوسي دل جو دان تونگر ٿي

حسن اسان جي حضور ۾ آيو، سهڻيءَ وانگر سير چڙهي
اسان اتاهان ٿياسي ائين جڻ چاندوڪيءَ تي وير چڙهي

درد اسان جي در تي آيو، ڪا ريھر جئن ڪاھ ڪري
اسان انھيءَ کي ساھ ۾ سانديو، چوڏس وارا چاھ ڪري

عشق اسان جي اڱڻ ۾ آيو، سوريءَ وارا سانگ ڪري
اسان انھيءَ لِءِ پنھنجا پور ۽ سور چڏيا سڀ چانگ ڪري

وقت اسان جي واٽ ۾ آيو، ڏونگر جھڙا ڏانوَ ڪري
اسان انھيءَ تان اڪري وياسي، ڪڪرن وانگي چانو ڪري

ماڻھو اسان جي مڙھيءَ ۾ آيا، ريت ڪريت جي ڪٿا ڪٿي
اسان قلندر وانگ چڏيا سي، ڌرم ڪرم جا ڪٿا ڪٿي

گوندر گوندر گيت اسان جا، روح ۾ راڙا راڳ الا
نگري نگري پٽڪياسي پر ڏنو نہ سڪ ڪنھن ماڳ الا

عشق ۾ ڪيئي چڪر آھن، صرف نہ سر جو صرفو ناھ
يار "نياز" توچا ٿي سمجھيو، عشق ڪرڻ ڪو چرچو ناھ

(٢)

توسان پنھنجو پيار ائين جڻ چشمي تي چانداڻ پرين
ھڪ جھلڪيءَ ۽ بيو جرڪي، ٿي رم جھم روح رھاڻ پرين

سال ٿيا جو سڪ نہ ڏنوسين، ساھ نہ سنبريو ساءُ وري
پاھڻ ٿي پئي آھي دل، تون پارس بڻجي آءُ وري

پنهنجا پور ۽ سور اهيئي، لالڻ تنهنجي لوريءَ ۾
آليون اکڙيون جهمنديون رهنديون، جيسين جند ڙي جهوريءَ ري

وينا تنهنجي واٽ نهاريون، گذريل ڳالهيون ياد ڪري
مَهريءَ وارا موڙ مهاران، وسريل ڳالهيون ياد ڪري

جڏهن به تنهنجي ياد اچي ٿي، ڏاڍي اوکي نبري ٿي
ماڪ جئان ٿا ڳوڙها ڳاڙيون، ميڻ جئان دل پگهري ٿي

اوسيئڙي جي آڙاهن ۾، اسان کي تنهنجي تاس رهي
پنهنجو ميل محال تڏهن پي وري ملڻ جي آس رهي

تنهنجي سہاجهي صورت سان جي هيڪر اکڙيون چار ٿين
پره اسان جي بوند ٿي برسي، برپٽ تي گلزار ٿين

هر هنڌ سونهن سوائي سائين، هر هنڌ نينهن نيارو آه
چا به هجي پر پنهنجي ڪارڻ، تنهنجو پيار پنارو آه

سپ ڪنهن پنهنجا وسريا ساريا، تو نه لڌي ڪل وسرين جي
ڪالهه ۽ اڄ جي وچ ۾ سهڻا، وٿين وجهي وئين ورهين جي

اسين سدا آزاد، ٿياسي ٻاند نه ڪنهن جي ٻهاني ۾
يا "نياز" اسان کي ناهي ڪنهن جي ڪاڻ زماني ۾

(۳)

دنيا بيشڪ اڇڻي وڇڻي، ڳالھ اها نئين ناھ پرين
پاڻ برابر پرديسي پر عشق ته ديسي آھ پرين

ڏينهن ٿيا جو رسي هليو وئين، هاڻ ته ڪر پرچاءُ پلا
ڏيهي ٿي نه اچين جي اسان وٽ پر ڏيهي ٿي آءُ پلا

اڱڻ اسان جو اونداهو جڻ، چنڊ ويو ڪا جوڙ ڪري
تون ته پيا رل چنڊ جو چاري، تون ته نه وڃ منهن موڙ ڪري

اونداهين ۾ اون او راڻا! تنهنجي زورآور ذات جي لاءِ
روح رڙي ٿو راتين ۾ ڪنهن پره ڦٽي پرڀات جي لاءِ

تنهنجا پور اسان ليءِ ائين جڻ، سرهيون سانتيون سانجهين جون
پنهنجا سور الا ڙي ائين جڻ، جهوريون آڏين مانجين جون

ڪڏهن ته غم ڪان هئاسين آجا، وندر هئي ويچارن ۾
هاڻ ته هردم قيدي آهيون، دردن جي ديوارن ۾

آس نراس جي اوڙاهن ۾، آهُن جا انبار ڪٽي
ڏاڍو پاڻ پتوڙيوسي پر تانگهي ۾ وئي تار ڪٽي

پنهنجي پريت ڪنول جان اُجري، جنهن کي نه ڪوئي ميرُ لڳي
جن جا ناتا جهُڙ جا پاڇا، تن جي لاري ڪيرُ لڳي

اوهان اهي ئي سهڻا جيڪي لڪي سگهيا نه حجابن ۾
اسان اهي ئي عاشق جيئڙا، جن جو عشق عتابن ۾

سيج مٿي يا سوريءَ تي، ۽ وسنديءَ يا ويراني ۾
سچ ۽ سونهن ورونهن اسان جي دنيا جي بت خاني ۾

هرڪو ويندو جڳ مان جاني، رهندا سڀ ارمان هتي
يار "نياز" اسين مسافر، گهڙي پلڪ مهمان ٿي.

(۴)

آڌا ڏونگر ڏاڍ الا ڙي، سور پلا سهسائي ڪير
دنيا پنهنجي ڏُن ۾ پوري، روئندن کي پرچائي ڪير

هيج تي هرڪي اهنج اڙياسين، اُڻ تڻ آئي انگل ۾
هيڏا هاجا هيٺي جند ڙي، جهوريءَ جهوريو جنجل ۾

ڪڏهن ته پنهنجو روپ هو رم جهم، گلن جئان گجميل هئا
هاڻ ته ائين جڻ ڪين هيو ڪجهه، خوابن جا سڀ کيل هئا

هيڪل ڪيچ ڪشالا پنهنجا، پکي به پانڌي ٿيندءِ ڪونه!
ڪنهن جي ڪارڻ مرين ٿو مگڻا، ڪير به ڪانڌي ٿيندءِ ڪون!

ساري رات سجاڳ رهي، جن نينهن نڪا ريو نور ڏئي
ساري رات انهن کي سپرين، سعيو ڪري ويا سور ڏئي

موٽي وانگر پري ڪان مهڪي، پاڻ لڪائي ڇاڻن ٿا
پر وس پيارا پيار ته ڄاڻن، پر نه نباهي ڄاڻن ٿا

ليکي نه ليکي لال جي ليکي، اسان ته مست ملنگن جان
ريت پريت نه ڄاڻي ڪو، ته به پنهنجو پيار پتنگن جان

جن جو پيار اکين مان پڌرو، جن جي مرڪ ملهار پلا
تن سان کهڙا ويچا رکجن، تن کان کهڙو عار پلا

درد مليا ته به دل جون دعائون، پنهنجن ڌارين سڀني کي
مجبوريون معلوم اسان کي معاف ڪيوسي مڙني کي

پنهنجي خوشي خيرات انهن لِيءِ ڪڏهن نه سي غمناڪ هجن
شاد رهن شل سدا گلاب جان، هيرن جان حسناڪ هجن

چنڊ اڱڻ تي اڀري نه اڀري، پڱو ڪونه پچارن ۾
پنهنجي رات بسر ٿي ويندي، يادين جي جنسارن ۾

نيٺ ته ورندا ڏينهن، اسان پي نيهن نڀائي ويندا سي
يار ”نياز“ حياتي آهه ته پاڻ ملهائي ويندا سي

(۵)

اونده مان ٿو اڀرڻ چاهيان، گوندر مون کي گس ته ڏي!
آئون ٿو روئان راتين ۾، بيلي ڏينهن جو ڪوئي ڏس ته ڏي!

پاڻ کي پاڻ ۾ قيد ڪري ٿو، آزاديءَ جا وَهم ڪرين!
منهنجا سادا سودا ماڻهو! ڇو نہ ٿو پاڻ تي رحم ڪري!

مُکڙيون پنهنجي ٻاڳ ۾ ناهن، مُرڪ بہ پنهنجي وس ۾ ناه!
آءٌ جيئان ڪيئن جڳ ۾ جيڏيون، ڪجھ بہ هتي ڪنهن ڇس ۾ ناهہ!

پاڻ ئي باغ بهار اسان جو پر سِڪون پيا سرهاڻ جي لاءِ!
پنهنجو چهرو چنڊ کان ڇهرو، چاه تہ پيو چانڊاڻ جي لاءِ!

سُونهن ائين جڻ ڪاغذ جو گل، تاهہ نڳيءَ جا جلون ۾!
خصلت جي ڇا خوبي ڳڻجي، انگ نہ آهي عشون ۾!

صُورت، سيرت حسن مڙيوئي، حُسن جو ناںءُ هزاري آهہ!
عشق نہ پڇي ذات او سهڻا، عشق جي ڳالھ نياري آهہ!

جُوين ويڙو جاڙ ڪري، ڪينءَ جاما جلوبدار ڪجن!
ڪونهي ڪو چمڪات ڇلي جو، ڪنهن سان اکڙيون چار ڪجن!
وَسڪارن سان ملڪ وسي ٿو، چاهہ جي کنوڻين ڪيچ نہ آهہ!
پنهون تہ تون ئي پاڻ پرين، پر ڪيچ جو تو ۾ ڏيچ نہ آهہ!

دهشت دم دریاه الا، جت وير وسي واسينگ جئان!
آءٌ ڪيئن ميهر ساڻ مِلان، مون کي مونجھ ڪيو مرڻيگ جئان!

سِينڌ ڏنيءِ جا ساهڙ کي، تنهن سينڌ جا ڪينءَ سينگار ٿين!

سهڻيءَ وانگي سير تي سوار ٿي آءُ ته ٻيڙا پار ٿين!

جنهن جي ڪارڻ چنڊ ٻُڏيندي، لڪان ڇپان ۽ لوچيان پئي
سو جي سامهن آيو ته ان کي ڇا چوندس، ائين سوچيان پئي

نينهن ته خود ئي آه نياپو، ڏک سک ٿو نروار ڪري
ماڻ جي مهر ڇپڻ تي آهه ته اک ئي سڀ اظهار ڪري

موت بلاشڪ، مٺو ناهي پر هي حياتي ڪير ڇڏي
مرڻ کان اڳ جي مري چڪا، سي اجرا ٿيا سڀ مير ڇڏي

سڀ ڪجهه آهي دنيا ۾ جي، تو ۾ ڪجهه پي آه نياز
ڪجهه پي ناهي دنيا ۾ جي، تو ۾ ڪجهه پي ناه نياز

(٦)

دنيا جا ويچار وساري، آءُ اسان جي محفل ۾
جئن مرڻ جي ريت سکي وڃ. مٿان پوين ڪنهن جنجل ۾

آءُ ته ٽوڙيون ڏوڏ ڏڪار ۾ رنگيل راڄ رواج پرين
باغي ٻڻجي جوڙيون سچ ۽ پيار جو پاڻ سماج پرين

آءُ ته سچ جي ڪرڻن وانگي اونداهين مان پار ٿيون
چنڊ جان چلڪي ويرانن جي تنهائين جا يار ٿيون

پيار جو پربت، جو ساگر دائم قائم هستيءَ تي
جن پي جهاڳيو تن ئي جاليو، سدا حيات ٿي ڌرتيءَ تي

آءُ ته اهو رابيل ٿيون جو خوشبو جي خيرات ڪري
سيڪنهن کي مسرور بڻائي، پنهنجي هستي مات ڪري

سچ جي بيڙي سير تي آه ته چاهه، تون همت هار نه پاءُ
ڪوڙ جي سوپ نه ٽيڪي آهي، مر پل پر سچ ڪار نه پاءُ

ملڪ اسان جو مورن جهڙو، ماڻهو سنگ جي مصريءَ وانگ
ماڻهو جن جي مُٺ ۾، تن وٽ ٺاهه نگيءَ جا ٽڪريءَ وانگ

ماڻهونڙا او ماڻهونڙا، تو ٻوڙيو پاڻ کي پاڻ ميان
ٻي جي سمجهه تي هلندو رهين، پر رکيءِ نه پنهنجي ڄاڻ ميان

چوسر جي سڀ چال چلين ٿا، چوواٽي تي چنگ ڪٽي
ٻُڻ ۾ خرابي آهي پائو!ونگي چڏيو جنهن ونگ ڪٽي

دنيا ليءِ جي مَرم وڃائن، دنيا بس اهڙن جي آه
ڪينءَ ٿو پائين يار ”نياز“! هي دنيا پي ڪهڙن جي آه

(٧)

ويرانن ۾ واٽ اسان جي، گلزارن ۾ گذر نه ڪوءِ
عشق پڄاڻان پنهنجي پاڳ ۾ آيو سک جو ثمر نه ڪوءِ

سانوڻ مينگهه ملهار الا، پنهنجي اکڙين ۾ آرانپيون هوءِ
اڏمن جا آڙاهه پلاءِ ڪينءَ سيني اندر سانپيون هوءِ

عشق ۾ آهيون اسين تونگر، توڙي جهولي خالي آه
پاڻ نه پوڇيون ڪنهن نئين سچ ڪي، پنهنجي ڳالهه نرالي آه

عشق ۾ ناهي ڪا به مڪياري، عشق ٿو سودو چوٽ ڪري
عشق نه سون جڏان ٻج پر ڪي هرجائي ويا ڪوٽ ڪري

عشق ۾ ٿو ڪر ڪائڻ بعد به عشق ڪرڻ جا خيال وري
هاءِ "نياز همايوني" جا ڏسو اهي جنجال وري

(٨)

ديوانا او ديوانا ٻيلي هل نه هلون ويرانن ۾
آبادين ۾ اونداهيون جڻ شام آئي شمشانن ۾

ڪنور پنور سڀ لوپي ٿوڳي، روڳي ريت پريت هتي
ڪنهن ڪنهن ۾ سچ سوپي جڻ ڪچ، ڪاڪ سڄيءَ ۾ ڪريت هئي

اکڙيون رم جهم، دلڙيون گم سم، گونگا سڀ گجميل هتي
ڪو به نه ڄاڻي ڪنهن جي مَنشا، بي سڌ سارا ڪيل هتي

ڇهرن تي چانداڻ دلين ۾ اٿيهين اونداهي آه

دنيا وارا ڏيان نه ڪر تو کهڙي دنيا ڏاهي آه

پنڪي پنڪي ٿڪجي پيس ڪينءَ آس جو انتر ڳوليان مان
هاءِ حياتي تنهنجي لاش کي ڪاڌي روليان مان

اسين اتي ئي آهيون سائين، جتي توهان ترسائي ويا
رندن واري رمز اهائي جئن اوهان سمجهائي ويا

آءُ نماڻو هاري زادو ذات جو ڪوري نانءُ نياز
سڀڪو ڄاڻي ڪين ٿو ڄاڻي، ڏنگن وارو ڏانءُ نياز
پنهنجو نيهن نباهه نشامبر، مستن ۾ ميخاني ۾
يار "نياز" اسان جون ڳالهيون، رهنديون ياد زماني ۾

# وايون

جيڏا سور سبيل مون کي
تيڏو ورهه وجود
مون ۾ سڀ موجود

عشق ۾ ناهي ڳالھ ڪنڻ جي،
عشق ٿو اوکي راند ڪري
عشق ٿو اوکي راند ڪري

جئڻ بهاني جاڙ مرڻ جي،
حيلا ٿو هيڪاند ڪري
عشق ٿو اوکي راند ڪري

ريت نہ جن وٽ پريت ڪرڻ جي
تن کي پور پلاند ڪري
عشق ٿو اوکي راند ڪري

هن سان پيٽي ناھ پڇڻ جي
ڪيئي ويا ويڙهاند ڪري
عشق ٿو اوکي راند ڪري

حسن کي حاجت هن جي هجڻ جي
واھ پيو وهنوار ڪري
عشق ٿو اوکي راند ڪري

يار "نياز" ٿي ويل وڃڻ جي
ويھ نہ تون ويساند ڪري
عشق ٿو اوکي راند ڪري

مون ۾ سڀ موجود، تو ۾ تون ئي آهين،
مون ۾ سڀ موجود

جيڏا سور سبيل مونکي، تيڏو ورھ وجود،
مون ۾ سڀ موجود

مون ۾ عالم، مون ۾ آدم، مون ۾ غيب شھود
مون ۾ سڀ موجود

مون ۾ مظھر، منظر ميلا، تون تنھائي ۾ محدود
مون ۾ سڀ موجود

تنھنجي منزل عرش اُتاھين، منھنجو دل دل منجھ ورود
مون ۾ سڀ موجود

مان ئي ناز، نياز بہ مان ئي، مان ئي مقصد ۽ مقصود
مون ۾ سڀ موجود

ٽانڊاڻي جان ٽيڙو ٽمڪيا، ڪڙيا ڪنڍا ر الا
هاڻ ته ڪر ڪا مِهر مُنيءَ تي
پرڏيهي پنوها ر الا

جهُڪي جهمي ويا برساتين ۾، پا ڙي جا پيها ر الا
هاڻ ته ڪر ڪا مِهر مُنيءَ تي
پرڏيهي پنوها ر الا

جوپن تي آهه مست جهڙيالي، ڪنوڻين ڪئي ڪيڪا ر الا
هاڻ ته ڪر ڪا مِهر مُنيءَ تي
پرڏيهي پنوها ر الا

سرتين سينڌ سنواري هو، مان ڪينءَ ڪيان سينگا ر الا
هاڻ ته ڪر ڪا مِهر مُنيءَ تي
پرڏيهي پنوها ر الا

اکڙين جها تيون، پکين ڏي پا تيون ولر وڏا ويچا ر الا
هاڻ ته ڪر ڪا مِهر مُنيءَ تي
پرڏيهي پنوها ر الا

انسان پنهنجي دنيا، ڏس ڪيئن ته پاڻ ٺاهي
انسان سر الاهي

هر شڪل ۾ هي پورو، هن جا ٻه آهه چاهي
انسان سر الاهي

سچ تي قبولي آهي، هن جانباز ٿاهي
انسان سر الاهي

باطل جو ٿي رهيو آهه، شيطان وانگ واهي
انسان سر الاهي

ڪاٿي ٿئي پنا رو، ڪاٿي ٿئي پنا هي
انسان سر الاهي

ٻڃي ڪڏهن ٿو رهبر، ڪوٺي ڪڏهن ٿو ڪاهي
انسان سر الاهي

هلچل ۾ هن جي فطرت، هرگز پٽي نه ساهي
انسان سر الاهي

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book